Bha

# سنتی سوک ساتھ

رام لعل نابھوی

نارائن بھارتی

پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي
جنهن سنڌي لوڪ ساهت جي ڄاڻ ڏني

سنڌي ڪوئل ڀڳونتي ناواڻيءَ کي
جنهن سنڌي لوڪ گيتن کي گهر گهر پهچايو

# SINDHI LOK-SAH T

By : Dr. Narayan Bharati
M.A ; Ph.D.

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
Phone: 75618)

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication.

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar3 (Phone70066)

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar 2(Phone 70455)

Price: Rupees Thirty
Year : January 1988

# ڪتاب بابت...

ورهاڱي بعد، سنڌ توڙي هند ۾ سنڌي لوڪ ساهت ڏانهن ڪافي ڌيان ويو آهي ۽ اڄ ان سلسلي ۾ ڪافي ڪم ٿي رهيو آهي.

سال ١٩٥٢ع ۾ جڏهن هند ڪاليج ۾ وديارٿي هيس، لئبرري ۾ هندي ۾ آج ڪل ماهوار رسالو ايندو هو، جنهن ۾ ديويندر ستيارٿيءَ جا ڀارت جي جدا جدا ٻولين جي لوڪ گيتن بابت ليک ايندا هئا، جن جي پڙهڻ سان من ۾ سوچ لڳس ته، ان قسم جا گيت ته سنڌي ٻوليءَ ۾ به آهن، جهڙوڪ لاڏا، لوليون، اوراڻا، ڪافيون شبد وغيره. انهن گيتن کي ئي ته ديويندر ستيارٿي **لوڪ- گيت** نالو ڏنو هو. من ۾ ويچار آيو ته ڇو ڪين انهن لوڪ گيتن کي لوڪن جي آڏو آڻجي. مون سنڌيءَ جا ڪجهه انهن گيت **سنڌي لوڪ گيت** نالي هيٺ هفتيوار "هندواسي" ۾ ڏنا، جي چڱا پسند پيا. ان ئي عرصي ۾ الهاسنگر ۾ ڪنهن پروگرام لاءِ **بلراج ساهني** کي مکيه مهمان طور گهرايو ويو هو. ان پروگرام ۾ هندي فلمي گيت ڳايا ويا هئا. بلراج ساهنيءَ صلاح ڏني ته انهن سنڌي پروگرامن ۾ سنڌي لوڪ- گيت ڳايا وڃن ته، بهتر ٿيندو. ان صلاح اُن ۾ ڪهڙي ڀاونا پيدا ڪئي سو آءٌ ڇئي نٿو سگهان پر منهنجي ارادي کي پڪو ڪيو ته مان سنڌي لوڪ- گيت گڏ ڪندس ؟

# سلسلو


مهاڳ — صفحو ٩ — ١٧

**سنڌي لوڪ گيت** — صفحو ١٧ — ٧٧

لوڪ گيت،
لوڪ - گيت، گرام گيت، جن - گيت.
لوڪ گيتن جا قسم،
ٻهراڳت لوڪ - گيت، ڇارڻي لوڪ - گيت،
ورڪ لوڪ - گيت، ساهتيڪ لوڪ - گيت. واد وواد،
سنڌي لوڪ - گيتن جا قسم -

لاڏو، ڳيچ، ڳيچن ۾ فيرگهير، لولي، ساکي، ڇلو، ٻيلڙي، اڳنگ، اوراڻو، ٻوچا گيت، شبد، ڏوهيڙو، بيت، وائي، ڪافي، سلوڪ، ٻجهڙو، ڀار، ٻال گيت، ڪٿا گيت، متفرق گيت، لوڪ گيتن ۾ الهاس، لوڪ گيتن ۾ سماجڪ چٽر، لوڪ گيتن ۾ مانو هردي، لوڪ گيتن ۾ ڌرم، لوڪ گيتن ۾ سکيا، لوڪ گيتن جو سنگره ڪاريه.

**سنڌي لوڪ - ڪٿائون** — صفحو ٧٩ — ١٢٠

ڪٿا، بنياد، قسم، آڌيش ڪٿا، ورت ڪٿا، ڌرم ڪٿا، دل بهلائيندڙ ڪٿا، سماجڪ ڪٿا، پراڻڪ ڪٿا، خاصيتون، ڌرم ڀاونا، سندرتا، سک انت، ست ڀاونا، انتظاري، اُمنگ، ڪٿڪ (ڳالهير)، لوڪ ڪٿائن جي ٻاترا، وڳيانڪ اڀياس، سنڌي لوڪ ڪٿائون، افسانو، پري ڪهاڻيون، پراڻڪ ڪهاڻيون، ڌرمي ڪهاڻيون.

**سنڌي لوڪ - چوڻيون** — صفحو ١٢١ — ١٣٦

چوڻيون ڇا آهن؟ خاصيتون، جنم، وشيه مطابق چوڻيون، جاءِ مطابق، آدمين مطابق، ڀولي مطابق، جاتيءَ مطابق، الهاس مطابق، نصيحت آميز، هڪجهڙائي، اڌارن ۽ ترل چوڻيون، تدرڪ.

هن ڪتاب ۾ مون جيڪي روپڪ ڪٺيا آهن. ان کان سواءِ لوڪ گيت جا ٻيا ٻه قسم آهن جهڙوڪ معجزا وغيره ان باٻت مون تفصيل ۾ ڪونه لکيو آهي، جو اهي قسم هت پارڇ ۾ ڪونه ٿا ڳاتا وڃن.

ٻيو ڊاڪٽر سندباڻي جي ٿيسز ڇپي آهي. ان ۾ وري شبد، اوراڻي وغيره جو تفصيلوار احوال ڪونه آهي. جو اهي شايد سنڌ ۾ ڪونه ٿا ڳاتا وڃن. ڊاڪٽر سندباڻي جي ٿيسز ۾ گهڻو زور ڏور، ڳجهارتن تي ڏنو ويو آهي. هن صاحب پنهنجي ٿيسز ۾ پنهنجي ڪن ڪتابن جو به حوالو ڏنو آهي لوڪ گيتن ۽ لوڪ ڪتابن جي سلسلي ۾ اهو سچاوپڪ به آهي جو ڪنهن اڻ وشيه ۾ اڳم ڪو ڪم ڪيل هوندو آهي ته ان جا حوالا اچڻ لازمي آهن. جيئن مون ڪي حوالا جدا جدا ڪتابن ۽ ودوانن جا ڏنا آهن.

ڊاڪٽر سندباڻي، پرولي، هنر دراهو، سنت سنڌي، سنگار ۽ ڏهس، ڏور، مناظرا، مداحون، معجزا، ٽيهه اکريون، مولود ڏنا آهن ۽ انهن بابت اٽڪل سوا سؤ صفحا ڊيمي سائيز جا ڏنا آهن. لوڪ گيت بابت هڪ سؤ صفحا ڏنا آهن. جنهن ۾ لولي، سهرا (لاڏا)، ڪوڏاڻا (ٻال گيت)، پيرڙا، چلڙا، مورو، جمالو، ڏنا ويا آهن لوڪ ڪهاڻين جو باب فقط ڏهن صفحن ۾ ڏنو آهي. الله بخش نظاماڻي جو ايم. اي. لاءِ مونوگراف "سنڌي لوڪ-ادب جي ارتقائي تاريخ" ۾ هڪ سؤ صفحا آهن. ان صاحب به لوڪ ادب جي انهن صنفن جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو ڊاڪٽر سندباڻي ڪيو آهي. ڊاڪٽر سندباڻي وستار سان ۽ گهڻن مثالن سان ذڪر ڪيو آهي. نظاماڻي صاحب ٿوري ۾ ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ته جدا جدا صنفن تي الڳ الڳ ڪتاب

اهي عوام اڳيان آڻيندس. منهنجي خيال موجب ته، ان وقت سوڌي سنڌي عوام لوڪ-گيت، خاص طور سنڌي لوڪ-گيت کان پوريءَ طرح واقف ڪونه هئا.

ڪيترن هنڌن تي خاص طور ادبي ڪلاسن ۾ سنڌي لوڪ-گيت بابت سوال پڇندا هئا ۽ بحث ٿيندا هئا. ان وچ ۾ هفتيوار "هندواسي" ۾ منهنجا ليک سنڌي لوڪ-گيت نالي هيٺ ايندا رهيا، جن پاٺڪن ۽ سنڌي جنتا ۾ چڱي دلچسپي پيدا ڪئي.

منهنجا ليک نه اخبارن ۾ ايندا هئا، پر خود مان پاڻ صاف ڪونه هيس ته آخر لوڪ-گيت آهن ڇا، ڇو جو ڪن پرانتن ۾ اهڙن گيتن کي **گرام گيت** (ڳوٺاڻا گيت) ٿي سڏيو ويو ته ڪن هنڌ **جن گيت**. مون ان وشيه جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو ۽ جدا جدا پرانتن / ٻولين جي لوڪ ساهتيه ۽ لوڪ گيتن بابت نڪتل ڪتاب پڙهڻ سان گڏ، انهن ٻولين جا لوڪ گيت گڏ ڪندڙ / ڄاڻن سان به گڏيس. دهليءَ ۾ ديويندر ستيارٿيءَ سان به روبرو گڏيس (ڊاڪٽر موتيلال جوتوانيءَ جي مدد سان) ان عرصي ۾ سنڌ مان مهراڻ رسالو به نڪرڻ شروع ٿيو هو. ان جي ايڊيٽر کي به خط لکيم ته سنڌ ۾ لوڪ ساهت ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي. مهراڻ ۾ ئي منهنجي خط هيٺان نوٽ ڏنو ويو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته ان لاءِ هڪ يوجنا تيار ٿي ڪئي وڃي (سال ١٩٥٤).

هاڻ ان اڀياس (ڪتابي ڄاڻ عالمن سان روبرو گڏجڻ) جو نتيجو هي ڪتاب آهي. هن وشيه کي وڌيڪ خالص ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر لڇمڻ کوپچنداڻيءَ جو تازو آمريڪا مان ڀاشا وگيان ۾ ايم. اي. ۽ پي. ايڇ ڊي. ڪري آيو هو، تنهن به منهنجي سونهپ ڪئي.

# سنڌي لوڪ-ساهتيہ جو جائزو (ڀاڱو ٻيو)

سنڌي لوڪ ساهتيہ جي جدا جدا روپن کي زباني روايتن مان سهيڙي قلمبند ڪرڻ ۽ انهن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ ڏانهن سنڌي ليکڪن جو ڌيان گهڻي قدر ملڪ جي آزاديءَ بعد ئي ڇڪيو آهي. ان خيال کان سنڌي لوڪ ساهتيہ جي کوج ۽ ابياس ڪرڻ جي پرمپرا ڪا گهڻي آڳاٽي نہ آهي. پر انهيءَ مان اهو انومان لڳائڻ بلڪل غلط ثابت ٿيندو تہ سنڌي لوڪ ساهتيہ بہ ڪو گهڻو پراچين نہ آهي.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ سنڌيءَ جو لوڪ ساهتيہ ايترو ئي آڳاٽو آهي، جيتري آڳاٽي اسان جي سنڌي ٻولي آهي. ائين تہ اسان جا ڪي اديب سنڌيت جي جذبي وچان سنڌي ٻوليءَ جي بڻ - بنياد کي ڇڪي، وڃيو "موهن جي دڙي" جي ٻوليءَ ۾ ٿا ڀيٽارين. ان ٻوليءَ جي اڃا تائين خاطريءَ جوڳي سڃاڻپ ٿي نہ سگهي آهي. پر ڀاشا وگيانڪ نگاہ کان انهيءَ ڳالهہ ۾ ذرو بہ شڪ نہ آهي تہ تاريخي اوسر جي سلسلي ۾ موجودہ سنڌ علائقي جي آڳاٽي ٻوليءَ ائين عيسوي صديءَ جي شروعات ڌاري، ڪيترن ئي اهڙن لسانياتي خاصيتن حاصل ڪيون جن سڀني ٻين پاڙيسري آريہ ٻولين کان نسوڙي اپڀرنش کان انهيءَ جو وجود الڳ ظاهر ٿي پيو. ان زماني جي سنڌ جي ٻوليءَ کي اسين "پراچين سنڌي" سڏيون ٿا. ان دور کان وٺي اسان سنڌي لوڪ ڪهاڻين، سنڌي لوڪ گيتن ۽ سنڌي لوڪ سنگيت جي الڳ وجود هئڻ بابت بہ حوالا ملن ٿا.

عالمائي مهاڳ سان پيش ڪيو آهي.

هن ڀاڱي ۾ اصطلاحن ۽ چوڻين جا مجموعا ڇپيا آهن ته لوڪ ڪهاڻين جا مجموعا به ظاهر ٿيا آهن. پر لوڪ گيتن جو ڪو مجموعو ٻئي ڪنهن اديب جو نظر ڪونه آيو آهي. مون جيڪي ڪتاب سال ١٩٦٠ع کان پوءِ ڏٺا آهن اهي ڏنا آهن.

سچ پچ ته هي ڪم ڪافي اڳتي وڌڻ کپندو هو. اڄ اهي سڀ سهوليتون موجود آهن جيڪي ان وقت ڪونه هيون. جڏهن مون لوڪ گيت گڏ ڪرڻ شروع ڪيا هئا، زالون روئي به ڪنديون هيون پر ٻيو گهرو ڪم ڪاج ۾ به هونديون هيون ۽ گيت به ڳائينديون هيون ۽ مان ٻڌان، صندليءَ تي ويهي ٻڌو ٻين ڪيڏي اهي ٻوڙان ڳالهه گيت لکندو ويندو هوس ۽ ور ور ڪري پڇندو رهندو هوس ته "ها چيئه..." ڇو جو لکڻ ۾ اها تيزي نه هوندي هئي جا ڳائڻ ۾ هوندي هئي. هي سال ١٩٥٢ع کان ١٩٦٢ع وارو عرصو هو.

مون هن ڪتاب ۾ فقط **لوڪ ساهت** جي وياکيا ڏني آهي ۽ اهو ڀاڱو جي ٻين ٻولين جي لوڪ ساهت کي خيال ۾ رکي. ڪتاب جو هي ٻيو ڇاپو آهي. پهريون ڇاپو سال ١٩٧٢ع ۾ ظاهر ٿيو هو ۽ هي ٻيو ڇاپو پندرهن سال پوءِ سال ١٩٨٨ع ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو اڄ جدا جدا سنسٿائن طرفان سنڌي لوڪ ساهت جي سلسلي ۾ سيمينار ورڪشاپ (ڪارج شالائون) ٿي رهيون آهن. اهو سڀ نيڪ پر لوڪ ساهت ڪٺي ڪرڻ ڏانهن به جوڳو ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڪي نوجوان نڪرن جي اهو ڪم پنهنجي ڪلهن تي کڻن.

مان شڪرگذار آهيان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو جنهن پنهنجي مشغولين مان وقت ڪڍي هن ڪتاب لاءِ مهاڳ لکيو آهي.

سنڌي وڀاڳ،
بمبئي يونيورسٽي، بمبئي
٣، ڊسمبر ١٩٨٧ع

– نارائڻ ڀارتي

شخص ۾ حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي جس آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ (١٨٤٩)، انگريزي - سنڌي ڊڪشنري (١٨٤٩) ۽ سنڌي - انگريزي ڊڪشنري (١٨٥٥) تيار ڪري شايع ڪرايا. هيءُ ٻهرون عالم آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج پنج لوڪ - ڪهاڻيون وياڪرڻ جي آخر ۾ ديوناگري - سنڌي اکرن ۾ شايع ڪيون. انهن ۾ "شهزادو امل مالڪ ۽ حسن ٻري" ۽ "راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي" سنڌي لوڪ ساهتيه جا بيبها رتن آهن.

ارنيسٽ ٽرمپ ٻيو يوروپي عالم آهي جنهن سنه ١٨٥٣ع ۾ فاضل شاهه جو لکيل "ليلا مجنون" نظمي قصو هٿ ڪري ڇپايو. انهن ڏينهن ۾ ئي سر رچرڊ برٽن به پنهنجن ڪتابن ۾ ڪن سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي ٿوري ۾ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيو. سنڌ جي تعليم کاتي جو عملدار ايف. جي. گولڊسمڊ ٻهرون يوروپي عالم آهي، جنهن "سسئي پنهون" جو سنڌي نظم ۾ قصو هٿ ڪري، انگريزي ترجمي سان گڏ، سنه ١٨٦٣ع ۾ لنڊن مان ڇپائي ظاهر ڪيو. اهڙيءَ طرح، تعليم کاتي وارن به سنڌي نثر ۽ نظم ۾ لکيل قصا ۽ ڪهاڻيون ڇپائي ظاهر ڪيا. ان بعد، ڪن ڏيهي عالمن جو به سنڌي لوڪ ادب جي گڏ ڪرڻ طرف ڌيان ڇڪيو. ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ گذريل صديءَ جي آخري ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي پهاڪا، سنڌي ڏجهارتون ۽ ٻارڙا گيت گڏ ڪري ڇپايا. مرزا قليچ بيگ، ٻا- ٻارڙا شعر قلمبند ڪيا. روچيرام گجومل آڏواڻيءَ چونڊ سنڌي پهاڪا انگريزي ترجمي سان گڏ ڇپائي ظاهر ڪيا. ٻئي طرف، ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ "گلشڪر" نالي سان سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين جو سنگرهه تيار ڪيو. انهيءَ ۾ هن هر هڪ پهاڪي جي سمجهاڻي به ڏني آهي. انهيءَ راست اڏوهن عمرو

سنڌي لوڪ ساهتيہ ۾ ڪيترا ئي اهڙا جزا بہ آهن، جن جو اڻ - سڌياد ويدن ۽ اپنشدن جي ڪٿائن، ٻوڌي ٻئي سنسڪرت ساهتيہ ۾ ملي ٿو. رامائڻ، مهاڀارت، پراڻ، برهت ڪٿا منجري، ڪٿا سرت ساگر، پنچتنتر، هتوپديش، ويتال پنچ ونشتي، شڪ - سپتتي وغيره سنسڪرت ۾ لکيل اهڙا سرچشما آهن جن مان نہ فقط سنڌيءَ پر ڀارت جي ڪيترن ٻين ٻولين جي بہ ڪن لوڪ ڪٿائن، لوڪ گيتن ۽ ڀاڪن وغيره جو جنم ٿيو آهي. وقت گذرندي، سنڌ ۾ مسلمان حاڪمن جي آبادڪاريءَ ۾ عربي - فارسي ادب جا ڪيترا ئي قصا (جيئن تہ جمجما سلطان، يوسف زليخا، شاه بهرام، ليلا مجنون، شيرين فرهاد، سيف الملوڪ) سنڌي لوڪ ادب ۾ ڪي قدر تبديل سان اپنايا ويا. ٻئي طرف، سترهين - ارڙهين عيسوي صديءَ ۾، سنڌ ڀوميءَ جي خاص عشقيہ داستانن (مثال طور، ليلا - چنيسر، سسئي پنهون، عمر مارئي) کي فارسي ٻوليءَ ۾ نظمي قصن جي روپ ۾ ڍاريو ويو. سنڌ جي صوفي شاعرن وري انهن عوامي داستانن کي روحاني پيغام ڏيڻ جو واهڻ بڻايو. ان طرح سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت اچڻ کان اڳ ئي، سنڌي لوڪ ساهتيہ جدا جدا روپن ۾ پوريءَ طرح اوج ماڻي چڪو هو. اهو گهڻو ڪري زباني روايتن ذريعي پيڙهيءَ - بہ - پيڙهيءَ محفوظ رهندو پئي آيو. سڀ کان اول ارڙهين عيسوي صديءَ ۾ ڪن سنڌي نظمي قصن کي قلمبند ڪري، نسخن جي صورت ۾ آندو ويو. ليلا - مجنون، بانڪو بهرام، يوسف زليخان ان صديءَ ۾ لکيل قلمي نسخن جا ڪجهہ مثال آهن.

سن ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ۾ برطانيہ حڪومت جو پايو پيو تہ ڪن علم - دوست يورپي آفيسرن، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪري، انهيءَ جا وياڪرڻ ۽ شبدڪوش تيار ڪري ڇپايا. اهڙن

ئي چڪا آهن. هر هڪ جلد ۾ تنقيدي مهاڳ به ڏنل آهي. اهڙيءَ ريت سنڌي لوڪ ادب جو چونڊ خزانو عالمن اڳيان اڀياس لاءِ ميسر ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف، عبدالڪريم سنڌيلو ۽ هن وانگر ٻيا به ڪجهه محقق اڪيلي سر سنڌي لوڪ ادب کي گڏ ڪرڻ ۽ انهيءَ جي تنقيدي مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول آهن. سنڌيلي کي "لوڪ ادب جو تنقيدي جائزو" موضوع تي تنقيدي مقالو لکڻ تي سنڌ يونيورسٽيءَ پي. ايڇ. ڊي. جي ڊگري عطا ڪئي آهي. اهو مقالو سن ١٩٨٦ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو آهي.

سن ١٩٤٧ع بعد پاڪستان ۾ ڪيل ڪوشش تي جيڪڏهن نظر نظر ڦيرائجي ته معلوم ٿيندو ته هتي پهريان ويهه سال ته سنڌي ليکڪ ٻوليءَ کي آئين شيڊيول ۾ تسليم ڪرائڻ لاءِ، تنهن پوءِ تي وري سنڌي تعليم ۽ سنڌي ساهتيه کي اوچ ڏيارڻ لاءِ اڙندا رهيا. سن ١٩٦٧ع ۾ سنڌي ٻوليءَ پاڪستان جي وڌان ۾ تسليم ٿي. ان بعد به سرڪاري سطح تي سنڌي لوڪ ادب جي کوج ڪرڻ ۽ انهيءَ کي شايع ڪرڻ لاءِ ڪا به باقاعدي يوجنا هٿ ۾ نه کنئي وئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو آهي اهو فقط ڪن شخصي ڪوششن تائين محدود آهي. ان ۾ ذرو به شڪ نه آهي ته پاڪستان ۾ سنڌي لوڪ ساهتيه جي کيتر ۾ گهڻي ۾ گهڻو کوج ڪارج، نارايڻ پارٽيءَ ڪيو آهي. هو سن ١٩٥٢ع ڌاري، ڪنهن به سرڪاري مدد ملڻ کان سواءِ ئي اڪيلي سر ڪم ڪٿي نڪري پيو. پاڪستان جي جدا جدا پرانتن ۾ اولها ڪيل سنڌي پرشارٿين جي ڪئمپن جو دورو ڪيائين ۽ سنڌي ٻڍڙن - ٻڍڙين سان ملاقاتون ڪري، واتئين وٽئين سنجوئي رکيل سنڌي لوڪ ادب جو خزانو گڏ ڪيائين. شادين مرادين ۾ ڳايل لاڏا گڏ ڪيائين. نه مٽين، جٽين ۽ ٻين سان - سو لائن، جون رهڻيون رسمون ۽ گيت به قلمبند ڪيائين ساڳئي وقت، هو ٻين ٻولين جي لوڪ ساهتيه ۽ انهيءَ تي لکيل

صديءَ جي آخر تائين، سنڌي لوڪ ادب جا ڪجهه ٿورا قلمبند ڪري رسالن ۾ آندا ويا. اهو ڪم فقط سهيڙڻ ۽ شايع ڪرڻ تائين محدود رهيو. پر سنڌي لوڪ ادب جو تنقيدي نگاهه کان اڀياس ڪين ڪو ٿيو.

موجوده صديءَ ۾ ملڪ جي آزاديءَ کان اڳ، سنڌي نثر ۽ نظم ۾ قصا ۽ ڪهاڻيون، ٻاڪا ۽ چوڻيون وري ڇپيا رهيا. يورپي عالمن مان ڪن ڪيترن، سنڌ ۾ مروج ڪجهه لوڪ ڪهاڻيون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپايون. پر سنڌي لوڪ ادب جي کوج ڪرڻ ۽ ڳولڻ ۾ وڃي ڪڇهرايون ڪري لوڪ ساهت، جا جدا جدا روپ سهيڙڻ ۽ انهن جو تنقيدي اڀياس ڪرڻ جي ڏس ۾ جن عالمن شروعات ڪئي، انهن ۾ نبي بخش خان بلوچ ۽ عبدالڪريم سنديلي جا نالا سونهري حرفن ۾ درج ٿيل آهن. هنن ٻنهي صاحبن ڏونگر ڏوري، ڏٽيت روڙي، ڪم ڪشي سنڌ جو چپو چپو گهمي، سنڌي لوڪ ادب جا املهه مالڪ گڏ ڪيا آهن ۽ انهن جو چونڊ حصو ڇپائي ظاهر به ڪيو آهي. ان اڻٿڪ ڪم کي همت ۾ کڻڻ لاءِ لاشڪ هنن ڪيرون لهڻيون.

هن ڪيتر ۾ وسيع پيماني تي تحقيقي ڪم گهڻو ڪري ملڪ جي آزاديءَ بعد ئي ٿيو آهي. سنه ١٩٥٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، ”سنڌي لوڪ ادب“ پراجيڪٽ هٿ ۾ ڪنئي، جنهن جو ڊائريڪٽر نبي بخش بلوچ کي مقرر ڪيو ويو. هن سوين ڪارڪنن جي مدد سان سنڌ جي جدا جدا علائقن مان سنڌي لوڪ ادب جو سنگرهه ڪرايو. گڏ ڪيل ذخيري کي ڇنڊي ڇاڻي، چونڊ ڪري، ترتيب وار ڪل چاليهن جلدن ۾ ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سنه ١٩٥٩ع کان ان سلسلي ۾ ڪتابن ڇپجڻ جي شروعات ڪئي وئي. هيستائين اٺڪل ستيهه جلد شايع

ليونداس ڀيسومل هانيراماڻي، ستارامداس جڙيا سنگهاڻي "سائل" ۽ سنڌي ڀاڪن جا وڏا سنگره شايع ڪيا آهن. سنتداس ڪشناڻي ۽ گنگادر شرنگيءَ جدا جدا سنڌي ڀاڪن ۽ اصطلاحن جا وڏا سنگره تيار ڪيا آهن، جيڪي اڃا تائين دستخطن جي صورت ۾ آهن.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ، ليلي وچداڻيءَ ۽ ٻين ڪن ساهتيڪارن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو اڀياس ڪيو آهي. تازو ٻرسو گدواڻي ڪڇ علائقي ۾ سنڌي لوڪ ڪلائن ۽ سنڌي لوڪ ادب جي ٻوليءَ جو تنقيدي نگاهه کان اڀياس ڪري رهيو آهي.

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سنڌ ۾ سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌي لوڪ ڪلا تي گهڻو ئي تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي. پر انهيءَ جو جائزو وٺڻ سان هڪدم ظاهر ٿي ٿو ته اهو گهڻي قدر هڪ طرفو آهي. سنڌي هندن جا ساٿ - سوڻ ۽ رتيون رواج هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ لوڪ ڪٿائون ۽ عوام جا وشواس اڃا گڏ ڪري درج نه ڪيا ويا آهن. سنڌي لوڪ ادب جو اهو هڪ اهڙو حصو آهي جنهن تي ڀارت ۾ اسين آسانيءَ سان تحقيقي ڪم ڪري سگهون ٿا. اڃا ته وقت ويو نه آهي. اسان کي گهرجي ته سنڌي لوڪ ڪلا ۽ ساهتيہ جو ذخيرو اسين جلد ۽ جلد ڀيهجن ۽ رکن وٽان هٿ ڪري محفوظ ڪريون، نه ته اهو وقت گذرندي هميشه غيب جي پردي پٺيان لڪي ويندو. ڀارت ۾ اسان کي ان ڳالهه ڏانهن به ڌيان ڏيڻ گهرجي ته سنڌ جي سرحد سان لڳ، راجستان ۽ ڪڇ (گجرات) وارن علائقن ۾ به سنڌي لوڪن جي ورثي کي ڳولهي هٿ ڪريون. انهيءَ جو سنڌي لوڪ ادب سان گهاٽو رشتو آهي، جنهن جي مطالعي سان ڪيترين ئي نيون ڳالهيون روشنيءَ ۾ اچي وينديون.

آلوچناتمڪ ساهتيه جو به اڀياس ڪندو رهيو. ان سان سنڌس نظريو وڌيڪ وسيع ۽ پختو ٿيندو ويو. سنه ١٩٦٠ع کان وٺي هن گڏ ڪيل سنڌي لوڪ ادب جا چونڊ نمونا ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيا. ان سلسلي ۾ ويهارو کن سالن ۾ هن ڏهه - ٻارهن ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيا آهن، جيئن: لوڪ گيت (هڪ نظريو)؛ هرچالو؛ مينديءَ رنگ لا هٿڙا؛ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون؛ سنگيت جي تان؛ سنڌڙي تي ڳائي؛ سنڌي لوڪ ڪلا؛ هڪڙو هو سوداگر؛ ٽري لوڪ گيت؛ ساکي ڏيانءِ سنيهڙو. انهن مان ڪن ڪتابن جا ٻه - ٽي ڇاپا به شايع ٿيا آهن. نارائڻ ڀارتي ٻهرون ڀارتيه سنڌي ساهتيڪار آهي جنهن "سنڌي لوڪ گيتن جو سماجڪ - مطالعو" وشيه تي تحقيقي مقالو لکي پيش ڪيو. انهيءَ لاءِ کيس بمبئي يونيورسٽي طرفان سنه ١٩٧٧ع ۾، پي. ايڇ. ڊي. جي ڊگري عطا ڪئي وئي. اسان جون ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ ۾ اڃا به وڌيڪ اميدون آهن ته هو سنڌي لوڪ ساهتيه جي ٻين پهلوئن تي به وڌيڪ وستار سان آلوچناتمڪ رچنائون پيش ڪندو.

ڀارت ۾ ٻيا سنڌي کوجنا ڪندڙ، جن هن کيتر ۾ اڳتي وک وڌائي آهي، تن مان ڪن جا نالا آهن: پروفيسر رام پنجواڻي (سنڌي لوڪ ساهتيه تي سنڌس لکيل ڪجهه مضمون گهڻي اهميت رکن ٿا. هن سنڌي لوڪ - ڪهاڻين کي ناٽڪي روپ ۾ پيش ڪري وڌيڪ مقبول بڻايو آهي)؛ مرليڌر جيٽلي (هن زباني روايتن ۽ ساهتيه مان اٽڪل پنجويهه هزار کن سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح گڏ ڪيا آهن. انهن مان ٻه هزار کن پهاڪا انگريزي ۽ هندي انواد سان گڏ "ڀارتيه پهاڪا ڪوش" ۾ شايع ٿيل آهن. انهيءَ کان سواءِ هو سنڌي لوڪ ادب ۽ خاص طور سنڌي پهاڪن جو تقابلي مطالعو به ڪري رهيو آهي)؛

# سنڌي لوڪ - گيت

## لوڪ

اڄوڪي زماني ۾ اڀياس جي نون وسيلن، ساهتيہ ۽ ڪلا وغيره ۾ نين تبديلين اچڻ سان دنيا اندر ”لوڪ“ جي اهميت ۽ ادا ڪنهن واد وواد جي قبولي ورتي آهي.

پر اڃا سوڌو عالم ”لوڪ“ لفظ کي پوري پوري وصف (Definition) ڏيڻ ۾ پوريءَ طرح ڪامياب ٿي نہ سگهيا آهن ۽ نہ وري ڪو ان بابت نشچي (پڪي) ۽ پوري (پارلي) پاسا وڪيانين ۾ ٿي ڪا هڪ راءِ آهي.

هڪ ودوان جي چوڻ مطابق ”لوڪ“ جي معنيٰ ”جن سماج“ آهي، جنهن ۾ زمين تي رهندڙ هر قسم جا انسان اچي ٿا وڃن، هي لفظ غير طبقيوار آهي، ڪنهن هڪ طبقي سان واسطو رکندڙ معنيٰ نٿو رکي.

شري واسديو شرڻ اگروال جي لکڻ مطابق، ”لوڪ اسان جي زندگيءَ جو مهاساگر آهي، ان ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل سڀ ڪجهہ سمايل آهي. ”لوڪ“ راشٽر جو امر روپ آهي انجو پلو اسانجي ارتقيءَ جو دروازو آهي ۽ نرماڻ جو نئون روپ آهي.“*

ان ڪري ”لوڪ“ جو لاڳاپو گيت، ڪهاڻي، سنگيت، ناچ ڪلا وڏي جن - سماج جي روايتن، پراڻن، وشواسن لاءِ ٿو رسي. جيئن تہ لوڪ - گيت، لوڪ - ڪهاڻي، لوڪ - سنگيت، لوڪ - ناچ، لوڪ - وشواس وغيره.

---

* سميلن پترڪا (لوڪ - سنسڪرتي - خاص پرچو) صفحو ٦٥

"سنڌي لوڪ - ساهت" ڪتاب جي هن ٽئين ڀاڱي ۾، ناراڻ ڀارتيءَ سنڌي لوڪ ادب جي مکيہ شاخن جو ٿوري ۾ تفصيلي جائزو پيش ڪيو آهي. انهيءَ ۾ اڳئين ڀاڱي جي ڀيٽ ۾ ڪيترن هنڌن تي سڌارا ۽ واڌارا بہ ڪيل آهن.

اميد آهي تہ ڀارتيءَ جي هيءَ رچنا سنڌي لوڪ ساهتيہ جي کيتر ۾ نوجوان ليکڪن ۽ کوجنا ڪندڙن لاءِ پريرڻا ڏيندڙ ثابت ٿيندي.

- مرليڌر جيٽلي
پرمکہ، سنڌي ڀاشا وڀاڳ،
دهلي يونيورسٽي، دهلي.

ڊي - ١٢٧،
وويڪ وهار،
دهلي - ١١٠٠٣٣

"ڪراڙن ڪروڙ جا، ڇوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ مارُوئڙن، جتان لوڪ لڄ نٿي."

سر مارئي ٣-بيت ٣

"اندگا آهيون ننگڙا، اسين مارُو لوڪ
ٿر کي پانيون ٿوڪ، جو ٻڪ پاڻيڙن جي"

سر مارئي، ابيات متفرق بيت ٣١

"چنيسر چو رنگ، ٻيــ رنگو لوڪ ٻئو
ٿهيسين چنڊو سنگ، وچڙ هار هٿ ڇڪين-"

سر ليلا چنيسر ١ - بيت ٤

سنڌي ٻوليءَ کي اهو "لوڪ" لفظ پراڪرت ذريعان سنسڪرت جي تتسم روپ ۾ مليو آهي. *

شاهه جي بيتن ۾ 'لوڪ' لفظ ڪم آيو آهي. اها هڪ سند آهي ته 'لوڪ' لفظ جي معنيٰ عام ماڻهو آهي.

'لوڪ' لفظ ورتي سان يا انهي معنيٰ کي خيال ۾ آڻڻ سان انسان جي آڏو ساڌارڻ جن-سماج جو ئي تصور يا نقش ٿو اڀري. جنهن ۾ روءِ زمين تي ڦهليل جدا جدا قسمن جا منش اچي ٿا وڃن.

'لوڪ' غيرطبقيوار لفظ آهي. ڀارتيه سماج ۾ شهرواسي ۽ ڳوٺاڻا يا ديهاتي انهن کي هڪڙا ٻه طبقا ليکيو ٿو وڃي. پر 'لوڪ' ٻنهي طبقن سان لڳي ٿو.

ڊاڪٽر واسديو شرڻ اگروال هڪ هنڌ لکي ٿو:-

---

* پراڪرت ۾ اکر آهي لوگ، ۽ سنسڪرت ۾ لوڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ به لوڪ ڪتب ايندو آهي.

شري پرمانند ميوارام جي سنڌي انگريزي لغت ۾ "لوڪ" جي معنيٰ آهي Men, People, Country-لوڪ سان لوڪ-مرجاد لوڪاڻي، لوڪاچاري، لوڪ لڄا لفظ نڪتا ۽ ٺهيا آهن.

ڪن جي راءِ آهي ته هي لفظ فوڪ Folk لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي پيدائش وري Folc لفظ مان ٿي آهي. جو اينگلو سيڪسن لفظ آهي جو وري جرمنيءَ ۾ Volc روپ ۾ چالو آهي.

ڪن وري لکيو آهي ته ”لوڪ“ لفظ ”فوڪ“ لفظ جو بدليل روپ آهي، ”جن“ يا ”ديهاتي“ جيتوڻيڪ ”فوڪ“ جي معنيٰ ۾ ڪم آندا ويندا آهن پر ٿلهين ۽ گڏيل معنيٰ ۾ انهن کي ”لوڪ“ جي برابري ڏئي نٿي سگهجي.

”جن“ پراچين لفظ آهي، ان لحاظ کان ”جن“ ۽ ”لوڪ“ ۾ ڪافي تفاوت آهي. سو ”فوڪ“ جي برابريءَ ۾ ”لوڪ“ لفظ ئي ٺيڪ ٿو لڳي. نه فقط ايترو پر ڪن حالتن ۾ انهي معنيٰ ڪشادگيءَ کي صاف طور ظاهر ٿي ڪري. *

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”لوڪ“ لفظ ”عام ماڻهو“ جي معنيٰ ۾ ٿو ڪتب اچي. مثال طور ”لوڪ - گيت“ جي معنيٰ ٿيندي عام ماڻهن جو گيت. شاهه جي رسالي جو اڀياس ڪبو ته اسان کي ڪيترن ئي بيتن ۾ ”لوڪ“ لفظ ”عام ماڻهو“ جي معنيٰ ڏيندو. هيٺ ڪي شاهه جا بيت ٿا ڏجن، جن ۾ لوڪ لفظ ڪم آيل آهي.

”اڄو هو پنهور، آرياڻي اجاريو،  
ٿاڻو سڀ لوڪ لسان، هاڙي ڏٺي هور،  
چڙو راوڻ چوڙ سکين، پنهون ڪيائون پور،  
آيو سو اٿور، جي ڏکيون ڏکن، هارين.“  
سر حسيني ٣- بيت ١١

”ڏي سڪ سسئيءَ کي، پيلاڻي پروچ،  
لوڪ وچائي لوچ، نئي پهچائي پنهون کي.“  
سر حسيني ٥ - بيت ٦

* شيام پرمار جي ”ڀارتي لوڪ ساهتيه“ ۾.

جا اهڃاڻ ۽ دل جا اُمنگ، اُڀريل هوندا آهن، اهي اُمنگ جهون ن ٻڙون وڻن کيتن جيان ٻوٽي ۽ وڻن جي اُگهاڙن ڏارن جيان کهرڙا ن (Rough) ۽ مٽيءَ جيان سچ آهن.

گيت جا ڪلام ۾ رواني اچي ٿي، ڳائڻ ۾ مزو ۽ راحت پيدا ٿيندي. گيت آهن اُمنگن ۽ جذبن پوري نڪرندي.

ماڻهو جذبي ۾ اچي ڪن خاص وقتن تي، ڪن خاص حالتن ۾ گيت ٺاهين ۽ ڳائين ٿا.

ڏکر جي زماني ۾ ماڻهن جي اندر مان آه نڪري ٿي ۽ جيڪڏهن ان آه کي سنگيت ملي. نڪرندي جي صورت ورتي ۽ ڳائجڻ ۾ آئي ته اها نڪرندي گيت ٿي سڏائي.

هندستان جي ورهاڱي بعد سنڌي هندو پنهنجو وطن ڇڏي ڀارت ۾ آيا، انهن کي پنهنجي وطن ڇڏڻ جو ڏک آهي ۽ هو پنهنجي ملڪ کي وساري ڪو نه ٿا سگهن، هندستان ۾ سنڌي ڪو ڪٿي آهي ته ڪو ڪٿي، هر ڪو هڪ ٻئي کان جدا آهي، تڏهين ماڻهن جي زبان مان نڪرڻو وڃي :

"سنڌي ٿي ويا ڌاريا......"

اهڙا ٿي پيا گيت اسان جي جذبن جي ترجماني ٿا ڪن.

سڪر جي زماني ۾ ساون کيتن کي ڏسي هاري خوشيءَ وچان ڳائي ٿو، اوڏ ۾ پرچي ڪي سر آلاپين، اهي سر، اهي آلاپيل آواز، گيت ٿي سڏيا آهن ۽ عام ماڻهن جا اهي گيت ٿيا لوڪ - گيت".

## لوڪ - گيت

لوڪ - گيت من ۾ اندر جا پيدا ٿيندڙ قدرتي جذبا جا اُمنگ آهن، انهن ۾ تشبيهون نه آهن پر رس آهي - ڇند جا اصول نه، پر لئه آهي، رواني آهي، مترنم آهي. انسان جو من جڏهين موج

"...... لوڪ اُسان جي جيون جو مها ساگر آهي، اُن ۾ ماضي، حال - مستقبل سڀ ڪجهه سمايل ٿو رهي. "لوڪ" راشٽر جو هڪ اَمر سروپ آهي......"

## گيت

ڪا رچنا يا ڪي لفظ جي ڳائي سگهجن يا ڳائڻ ۾ اچي سگهن، تنهن کي گيت ٿو ڪوٺجي. هڪ اَنگريزي ودوان ڊاڪٽر پيريءَ جي چوڻ مطابق 'گيت' شروعاتي اِنسان جو الاسمي، سنگيت آهي. غفلت ۾ گذر ڪندي اِنسان ۾ جڏهن ٿوري ڪهڙي سمجهه آئي ۽ اُن جي آڌار تي هن ۾ ڀاونائون پيدا ٿيون - تڏهين هن انهن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪي آلاپ آلاپڻ شروع ڪيا، اهو ئي آهي شروعاتي سنگيت، جنهن کي گيت سڏجي ٿو.*

اِنساني زندگيءَ جا ڀاو اَندر ۾ ته سمايل هوندا ئي آهن، پر ظاهر ٿيل نه ٿا پر جتي اهي اُمنگ ظاهر ٿيندا آهن ته اُنهن ۾ جيون جو رنگ ۽ چمڪندو رهندو آهي، اُنهن جي ظاهر ٿيڻ ۾ 'نهڻ ڌهڻ' گويا هڪ قسم جو واهڪ آهي.

گيتن جي روپ ۾، جتي اِنسان جا اُمنگ اُڀيا آهن اُتي هن جا بول اُڏي پکڙي ڪو اپڪار ڪري ويا آهن. گيتن ۾، ندين ۾ ۽ پهاڙن يا ميدانن، وستين يا گهرن ۾، وڇوڙي ۾، هر هلائيندي، ڪڻڪ لڻي، جنگ جي وقت، راندروند يا ڪل چرچي ۾، جتي ۽ اَلڳ اَلڳ موقعن تي گيت ٿهي زبان مان نڪتا آهن ۽ نڪري هوا ۾ اچي اُڏندا ڪڏندا، ٿورن چپن ۽ لفظن جي جوڙ ٽوڙ سان گڏ ڪجهه وقت رهن ٿا ۽ پوءِ وري جهپن ۽ ٿورن سان ملي هڪ ٿي ٿا وڃن. نئين پيڙهي، نوان اُمنگ، اها ئي گيتن جي پرمپرا آهي.

گيتن ۾ وگيان جي ابراشي (ڪٽ ڪوٽ) نه پر ماتر سنسڪرتي

* This spontaneous music has been called song.

لوڪ - گيت (پراڪرت ڪوتا) ۾ رات ڏينهن جو تفاوت آهي.

انگريزي گيت جو انوساڌن ڪندڙ هڪ وِدوان پروفيسر ڪٽرج هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

"...... لوڪ - گيتن جي اڀياس ڪرڻ جي معنيٰ جنتا جي ڪاويه جو اڀياس ڪرڻو آهي ۽ جنتا جو ڪاويه، ڪلاپورڻ ڪاويه کان نرالو، ٻئي قسم جو آهي......" *

لوڪ - جيون جا امنگ، آهن ته هڪ ئي، پر جڏهين اهي ڪنهن ديش يا ڪن حالتن هيٺ ٿا اچن تڏهين انهن تي، انهن جو پاڇو ٿو رهي.

لوڪ - گيتن جي اها روايت تيستائين زنده رهندي جيستائين مانو هردي موجود آهي، هيءَ هڪ اهڙي وڏي ڌارا آهي، جنهن ۾ انيڪ ننڍيون وڏيون ڌارائون ملي ان کي ساگر جيان گمڀير بڻائي ٿيون ڇڏين.

صدين جي امنگن اڌين، گيتن ۾ پاڻ کي سمائي ڇڏيو آهي. استري ۽ پرش ٿڪجي ڪري گيتن جي مڌرتا ۾ اها ٿڪاوٽ مٽائي آهي. گيتن جي ڌن ۾ ٻارڙا سمهن ٿا، جوانن ۾ پريم جي مستي آهي، پيرن دل وندرائي آهي، وڌوائن پنهنجي اڪيلي زندگيءَ ۾ هنن مان ئي رس پاتو آهي، ڪسانن، هارين هنن (گيتن) جي لئه ۾ پنهنجا وڏا وڏا کيت آباد ڪيا آهن.

وقت، هنن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪي ختم نه ٿي ويا، پر تڏهين نه اها ڌارا اڄ سڀڌر موجود آهي.

لوڪ - گيت ٺهن ۽ ڊهن ٿا پر اتهاس هنن ۾ لکيو پيو آهي.

"* In studying ballads, then we are studying the poetry of the folk, and the poetry of the folk is different from the poetry of Art......"

۾ ٿو اچي تڏهن هو نچڻ ٽپڻ ۽ ڳائڻ ٿو لڳي، تڏهن ان ڳائڻ ۾ هرديه جو احساس اهڙيءَ طرح نه ظاهر ٿو ٿئي، جهڙيءَ طرح ٻوليءَ ۾ ڪشش، شردا ۾ وشواس ۽ ڪروڌ ۾ ڪوملتا.

هونءَ به ڪوتا قدرت جو آلاپ آهي، هن جو لاڳاپو دماغ سان نه پر دل سان آهي. ائين ڪٿي چئجي ته انساني جيوت جڏهن ڪنهن ٻهاڙي جهرڻي جيان سک دک جي لهرن چاڙهن ڏسان لهندي چڙهندي وهڻ لڳي ٿي تڏهن هن مان به جهرڻي جي جهر جهر ۽ ڪل ڪل شبد جيان ڪي آلاپ نڪرن ٿا. آنند ۽ الاس سک، دک ۽ درد سان ڀر.

جڏهن ٻرڪ ٻڇي هوا جي هلورن تي جهومڻ لڳي ٿي تڏهن هاريءَ جو من هلاس ۾ ڀرجي نچي ۽ ڳائي ٿو اٿي. هو هر ڪيڙيندي به ڳائي ٿو ۽ ٻاٽي وائيندي به - پر رهيت پورهئي جي ٿڪڙا کي گهٽائڻ لاءِ ڪي آلاپ ٿو آلاپي. اهي ڌرتي پرٻندي ڳائڻ ۾ ايندڙ گيت، اهي جدا جدا ٻيهندي ڪيڏا سهڙا ايندڙ ڀا هي لاڏا ۽ لاڏين، اورانگا ۽ ٻار ٿي نه لوڪ - گيت آهن.

لوڪ - گيتن ۽ ڪوتان جي رچنا ڪرڻ ۾ بنيادي تفاوت آهي. لوڪ - گيت هرديه جي ڌن آهي، شعر يا ڪوتا دماغ جو ڀاو رهيو.

لوڪ - گيتن ۾ رس ۽ لئه آهي ته شعر ۾ النڪار ۽ ڇند وزن. رس سڀاوڪ آهي پر النڪار ۽ ڇند وزن دماغ جي ڪوجنا - رس سڀني لاءِ آهي پر ڇند وزن ۽ النڪار، انهن لاءِ جي انهن کان واقف آهن. لوڪ - گيتن جي ٻولي به بلڪل سنڌي سادي ۽ عام ٻول چال واري هوندي آهي. ان ۾ تراشيل ۽ چونڊيل لفظ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل نه هوندي آهي ۽ نڪو النڪارن وغيره جو جار ڦهلايل هوندو آهي. ڪلاتمڪ ڪوتا (ساهتڪ ڪوتا) ۽

ونءَ جي ٻرديءَ ۾ چال نه ٻر ٻچتائڻ هوندو آهي.

”گهڻو گهڻو اڳ، جڏهين سماجڪ سڄاڳي وڪاس جي طرف وڌندڙ هئي، ان وقت اهڙيءَ ڪلا جو جنم ٿيو، جنهن جو لاڳاپو زندگيءَ سان هو. آهستي قدرت جي ڪجهه حصن تي جڏهين انسان جيت حاصل ڪئي تڏهين هن جي گيتن ۾ ان فتح جي خوشيءَ جون ڀاوناڻون صاف نظر آيون، پوءِ ته انسان گڏيل نموني قدرت تي جيت پائيندو ويو. تڏهين هن سنگٺن جي اهميت ۽ سماجڪتا جي ضرورت محسوس ڪئي. جيت جي آنند ۾ مجموعي طور گيت ڳائيندا رهيا، هنن محسوس ڪيو ته اهي گيت سڀني لاءِ آنند جو وسيلو آهن ۽ انهن مجموعي طور هو گيت رچيندا رهيا. اهي ان وقت ته ڪنهن هڪ جا ڪين نه هئا.“ *

۽ نه هاڻي ئي اهي لوڪ - گيت ڪنهن هڪ جا يا ڪنهن هڪ لاءِ آهن. انهن کي هرڪو اپنائي ٿو، اهي آهن، راهه ويندڙ مسافر جا گيت، ڪوهه ۾ الاون تي ٻاڪڙي پرندڙ استرن جو گنگنائڻ

رات جو واريءَ مٿان هلندڙن اُٺــن جو ڳلو. جت ڳائيندي ڳائيندي ڪٽڪندڙ خاموشيءَ کي انهن گيتن وسيلي دور ڪن ٿا. سنڌو جي لهرن مٿان، مڇُر جي پيٽ تي ناکوا، مهاڻا درياهه شاهه جي ثنا ۾ ڳائيندي، دل پرچائيندي، پنهنجيءَ منزل تي ٿا پهچن. هو ڳائن ٿا، ڳائڻ لاءِ نـاهين ٿا. پنهنجي دک، درد ڀلائڻ لاءِ، پنهنجي وقت کي رنگين بڻائڻ لاءِ.

لوڪ - گيت، انساني دل مان اُڪرندڙ ڀاوناڻن جي پيدائش آهن. ڪنهن ڪڏهن انهن کي لکڻ جي ڪا ڪوشش ڪانه ڪئي. تڏهين ته ماڻهن جي زبان تي ناچ ڪندڙ هي گيت امر آهن.

* ”ڀارتيه لوڪ - ساهتيه“ ۾ شري شيام پرمار جون لکيل سٽون.

ديش جي رهڻين رسمن جي ڄاڻ اسان کي هنن ئي لوڪ - گيتن مان ئي ملي. استريءَ جي دل جي کشادگي به اسان کي هنن ئي گيتن مان نظر ٿي ايندي.

ماءُ جي هرديه ۾ ٻار لاءِ جيڪا ممتا آهي سا لولين جو روپ وٺي اسان جي آڏو ئي اچي. پريتم جي وڇوڙي ۾ تڙپندڙ انهن ڪنوار جا سڏڪا هنن گيتن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا. وڌوا استريءَ جا سڏڪا، نِنڍين ۽ ڇوڪرين جو کل ۽ چرچو، پتيءَ جي ميل ۽ وڇوڙي جي ڪهاڻي، سڀ جو روپ هي گيت آهن، لوڪ - گيت آهن.

انسان جو هنن گيتن سان جنم کان وٺي مرڻ تائين لاڳاپو آهي. ڄڻيءَ جا گيت، ڄڃن جا گيت، شاديءَ جا گيت. اهڙي قدر جو مرڻ وقت به دک جا گيت (پار، مارون) ڳايا ۽ ڳايا ويندا آهن.

شايد ان ڪري ئي جپان جو هڪ ودوان شري جان ايمبروءَ پنهنجي ڪتاب Japanets peasant's sonngs (جپاني ڪسانن جا گيت) ۾ لوڪ - گيتن بابت لکي ٿو ته، "اهي هر ڪنهن جا جاتل سچائل آهن. اهي سماجڪ حالتن کي ظاهر ڪندڙ آهن. اهي نصيحت آميز آهن. مطلب ته لوڪ - گيت صحيح معنيٰ ۾ ماڻهن جا گيت آهن......"

## پيدائش

لوڪ - گيتن جي اصلي (پيدائشي) دنيا شهري چمڪ دمڪ کان ڪافي دور آهي. هميشه کان لهرائيندڙ کيت، سرلتا جو مثو سنگيت ڪوئل جو پنچم راڳ ۽ وسط کان اڳ بادلن جو گرجڻ اڄ به ماڻو هرديه لاءِ پرپرڳا جي چيز بڻيا ٿا رهن.

انهن ڳوڻاڻن جي ان واڻيءَ ۾ دماغ نه پر دل آهي. جنهن جي

منهنجي خيال موجب نه لوڪ - گيتن کي ”گرام - گيت“ سڏي، فقط ڳوٺن جي حدن اندر محدود ڪرڻ، انهن جي ويڪرائي (وشالتا) کي گهٽائڻ ٿي آهي. ڳوٺن ۽ شهرن جو فرق نه هاڻي ٿي وڌيو آهي. ليڪن انهن گيتن جي رچنا ۾ ڳوٺن ۽ شهرن جو ايترو هٿ نه آهي جيترو ساڌارڻ طرح ”لوڪ“ جو.

مرهٽي ٻوليءَ جا لوڪ - گيت گڏ ڪندي ڪملا ڏيوي ديشپانڊي هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”...... مرهٽيءَ ۾ ”لوڪ - گيت“ ”جن پد گيت“ ۽ ”گرام گيت“ هڪ ئي معنيٰ ٿا رکن، پر تڏهين به عام طرح ”لوڪ گيت“ لفظ وڌيڪ پرچلت آهي...“

مان نه سمجهان ٿو ته انهن ٽنهي نالن جو مطلب جڏهين ٿلهي ليکي هڪ ئي آهي، تڏهين انهن ٽنهي نالن کي قائم نه رکي ٽنهي گيتن کي ”لوڪ - گيت“ سڏجي ته سٺو.

هڪڙي ڊڪشنريءَ ۾ ”لوڪ - گيت“ لفظ جي معنيٰ انگليش Ballad ڏني ويئي آهي — اهو انگريزي Ballad لفظ پراڻي فرينچ لفظ Ballare مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي ”نچڻ.“ ان مان اهو صاف ظاهر ٿو ٿئي ته پراچين زماني ۾ جاتيءَ يا ڌارمڪ اتسون ۾ يا ڪنهن خاص گهٽنا کي ملهائڻ لاءِ ماڻهن جو ميڙاڪو ڪٺو ٿي ڳائڻ ۽ نچڻ دوران گهٽنا سمبنڌي يادگيرين کي راڳ جي روپ ۾ سر سان ڳائيندا هئا، انهن کي ٿي سڏجي ٿو Ballad.

اڄ ڪالهه به راماڻ، مهاڀارت ۽ ٻين ڌرمي ڪٿائن جي آڌار تي ناچ ۽ گيت دوران ڪر منظر پيش ڪيو ويندو آهي انکي Ballad سڏيو ويندو آهي.

## لوڪ گيتن جا قسم

جيڪڏهن لوڪ - گيتن جو وگياناڪ طريقي سان اڀياس ڪيو

شري رالف وليم ان بابت لکيو آهي ته:

"...... لوڪ - گيت نه نوان هوندا آهن ۽ نه وري ڪو پراڻا ٿي. هو ته هڪ جهنگل جي درخت وانگر آهن، جن جون پاڙون ته پري پري تائين زمين ۾ (ماضيءَ ۾) لڳل آهن، پر ان درخت ۾ نيون سر نيون ٽاريون، پن ۽ گل اڀرن ٿا......" *

لوڪ - گيتن جي پيدائش، ساهتيه جي پيدائش کان اڳتر ڦدر جو الفابيٽ جي پيدائش کان به پهرائينءَ جي آهي، اهي جڏهن جو هڪ انگ آهن ۽ ملڪيت به......"

انهن لوڪ - گيتن جي رچنا ڪندڙ استري به آهي ته پرش به، ليڪن اهي استري پرش اهڙا آهن، جي ڪاغذ ۽ قلم جو استعمال ڪري ڪونه ڄاڻن. اهي گيت انهن جي دلين مان نڪري انهن جي زبان تي ٿا اچن. انهن جي رچنا ڪندڙ هو خود ئي آهن. اهو انهن گيتن جي ٻوليءَ ۽ خيالن مان به ظاهر آهي.

## لوڪ - گيت، گرام - گيت، جن - گيت

ڪن ليکڪن لوڪ - گيتن کي "گرام - گيت" (ڳوٺاڻا گيت) به ڪري سڏيو آهي، ته ڪن وري انهن کي "جن-گيت" (عوامي - گيت) ڪري ڪوٺيو آهي.

ان بابت ڪافي وادوواد آهي. شري رام نرايش ترپاٺيءَ جو موچ "گرام - گيت" لفظ ۾ نه وري شري ديو يندر ستيارٿيءَ جو "لوڪ-گيت" لفظ ۾ نه وري شري ٻو ڪرجو "جن-گيت" لفظ ۾

---

* "...... A FOLK SONG is neither new nor old. it is like a forest tree with its roots deeply burried in the past, but which continually puts forth new branches, new leaves and new flowers......"

– Ralph V. Willams

١. سنسڪارن جا گيت
٢. رتائڪ گيت
٣. مندرن جا گيت.
٤. جدا جدا ڄاتين جا گيت
٥. ڪرڙا ڀاڳت گيت

اهڙيءَ طرح جدا جدا ٻولين جي لوڪ - گيتن کي الڳ الڳ نمونن ۾ ورهايو ويو آهي.

منهنجي خيال موجب هر ٻوليءَ جي لوڪ - گيتن کي مکيه طور، راجسٿاني لوڪ - گيتن جيان ڇهن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو ۽ هرهڪ حصي ۾ آيل گيتن جو تفصيلوار ذڪر ڪري سگهجي ٿو.

مان هت سنڌي لوڪ - گيتن کي مکيه طور ڇهن حصن ۾ ورهائي، راجسٿاني لوڪ - گيتن جي ڍنگ تي پيش ڪري، پوءِ هرهڪ صنف جو ذڪر ڪندس.

## ١. پرمپراگت لوڪ - گيت    Traditional Ballad

هن درجي ۾ جهوني ۾ جهونا گيت آندا ٿا وڃن. هي ونش پرمپرا جي ڪرم کان ئي ٿڙئي زباني روپ ۾ نظر ايندا. زماني انهن کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪي غير ٿي پئي ويا، پر اڃا ٿا ڪيئي موجود آهن، انهن جو رچيندڙ ڪو خاص شخص ڪونه هوندو آهي. ان وقت جي سماج کي ئي انهن جو رچيندڙ سمجهڻ گهرجي. ڇو جو انهن گيتن ۾ ڪوئيءَ جي شخصيت نظر نه ٿي اچي، پر سماج جي ڇاپ نظر اچي ٿي.

هيٺيون گيت ان درجي جو آهي!

”پيل! تو ۾ پرميشور آهي،
جيڪو تو سڀ کي پار پهچائي.
من اندر تو ڏڙهو ڏيان،
پوءِل ديڙنا ڪر ڪاپيا.

ويا، انهين لوڪ - ساهتيہ جي ودوانن لوڪ - گيتن کي جدا جدا قسمن ۾ ورهايو.

هر پرانت، هر ٻوليءَ ۾ آئي لوڪ گيتن کي پنهنجي پنهنجي نموني جدا جدا قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. جيئن ڪ:

راجستاني لوڪ - گيتن کي هيٺين چئن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. *

| | |
|---|---|
| ١. پرمپراگت لوڪ - گيت | Traditional Ballad |
| ٢. چارڻي لوڪ - گيت | Ministral Ballad |
| ٣. وڪرت لوڪ - گيت، | Broadside Ballad |
| ٤. ساهتيڪ لوڪ - گيت | Literary Ballad |

شري رام نرائڻ اپاڌيائيءَ هندي لوڪ - گيتن کي ورڇ هيٺئين نموني ورهايو آهي. =

| | |
|---|---|
| ١. سنسڪارن جا گيت | ٦. جاتيءَ سنبنڌي گيت |
| ٢. چڪي ۽ چرخي جا گيت | ٧. وپارا جا گيت |
| ٣. ڌرمي گيت | ٨. کهاڻين وارا گيت |
| ٤. مندن جا گيت | ٩. فقيرن جا گيت |
| ٥. کيتيءَ جا گيت | ١٠. ميلي جا گيت. |

ڊاڪٽر ڪرشڻ ديو اپاڌيا پرچ پوربي لوڪ - گيتن کي ورڇ هيٺين پنجن حصن ۾ ورهايو آهي. ←

* "ڍولا مارو دوها" جي مهاڳ ۾ ڏيکاريل.

= "ڪويتا ڪومدي" ڀاڱو پهريون - صفحو ٤٥.

← "ڀوجپوري لوڪ - گيت" مهاڳ ۾.

## ٣. وکريل لوڪ - گيت Broadside Ballad

هي گيت شروع ۾ ته پرمپراگت گيت هوندا هئا، پر وقت جي وڏيءَ دوريءَ ڪري ۽ جدا جدا جاين جي زبان مـان نڪري ڪري، هي اصلي گيت نه فقط پنهنجي شروعاتي صورت وڃائي ٿا ويهن، پر ڪٿي ڪٿي ته اها حالت ٿي ٿئي جو انهن جي مرڪزي ڪهاڻيءَ ۾ به تفاوت اچيو وڃي. اتر ڀارت ۽ مڌيه پرديش ۾ مشهور "آلها" جو گيت به اهڙي قسم جو آهي.

سنڌي لوڪ - گيتن ۾ ساڳي حالت آهي. مومل راڻي جو قصو به سنڌ ۾ هڪڙيءَ طرح آهي ته ٻين ڀاڱي ٻي نموني.

سنڌي لوڪ - گيتن ۾ لاڏو به اهڙي ئي نموني جو آهي.

"لاڏو لاڏيءَ ڪاڻ اپرنگ گهڙائيندو،
او نيمي هي رنگ لايو.
ٻابل منهنجو سگهو رات پـرڻائيو ......"

(هن گيت ۾ اصلي ست آهي ته لاڏو لاڏيءَ ڪاڻ درزي گهڙائيندو.)

پر هاڻي شايد درزيءَ جو رواج ڪونه آهي. ان ڪري ان جي بدران اپرنگ اکر وڌو ويو آهي.

هن درجي ۾ شاهه صاحب جا به ڪيترا گيت اچي ٿا وڃن، جي اصلي صورت ۾ ته اڳ ۾ ئي هوندا هئا. پر پوءِ حالتن جي مطابق انهن جا لفظ ڦريا گهريا آهن.

شاهه، سچل ۽ ڪن ٻين شاعرن جا به ڪي ڪلام، لوڪ - گيتن جي هن درجي ۾ اچي ٿا وڃن ۽ انهن ۾ به اهڙا ڪيترائي گيت ملندا جي اڳ ۾ ئي اڌوري حالت ۾ هوندا هئا.

## ٤. ساهتيڪ لوڪ - گيت Literary Ballad

ٻهران ٽن قسمن جي لوڪ - گيتن ۾ ساهتيڪ وڌاڻ (قاعدن) •

جل جيڪو تو ٿو لي چاڙهي،
اتل هردي ڪي ٿو ٺاري.
وشنو ٿـو ۾ رهي ڀڳوان،
ڦل ڏيـوتا ڪر ڪلياڻ.[٢٤]

## ٢. چارڻي لوڪ - گيت Ministral Ballad

هنن گيتن جي رچنا چارڻ، ڀٽ وغيره ذاتين جـي ماڻهن دواران ٿيندي آهي، جن جو ڪم آهي جنتا کي ڳائي ٻڌائڻ.

هنن ۽ ٻهراڻ (پرمپراگت لوڪ - گيتن) گيتن ۾ تفاوت صاف آهي. هي هڪ ڪويءَ جي شخصي رچنا هجڻ ڪري، گيت ڳاوڻ جي ٻين گڻن رکندي شخصي ڇاپ ٻ رکن ٿا

راجستان ۽ ڪڇ جيان سنڌ ۾ ٻ چارڻ هوندا هئا. راجستان جي راڻا پرتاب سنگهه جي بهادريءَ جو ذڪر ڪونا وسٽي هي ڀٽ ئي سڻائيندا هئا. راجا راءِ ڏياچ کان سر ٻ ٻيجل ناني هڪ چارڻ ئي راڳ ٻڌائي وئي آيو هو. سنڌ ۾ عمر مارويءَ جو قصو ٻ انهن ئي چارڻن دواران شروع ۾ رچيو ويو. اهـڙيءَ طرح سسئي پنهون بابت ٻ ڪيترائي گيت رچيا ويا. هيٺيون هڪ اهڙو ئي لوڪ - گيت آهي :

”پنهل جي نـ وڃڻ جي،
وڻ وڻ هيـٺ وروڻ،
واءِ وڃـاڻـس ڪنڙا،
سڪ وڃـاڻـس سونهن،
صـونـج ڄـام پنهون،
ٿنهنجي اکن لوڙي آهيان.“[٢٥]

اهڙا گيت ٻيا ٻ ڳهڻيئي آهن، مضمون گيت وڏو نموني طور ڏنو ويو آهي.

سري هيٺ ليکڪ اچڻ شروع ٿيا ۽ ان سان گڏوگڏ ڪي سنڌي لوڪ - گيت به، تڏهين ان ڳالهه بابت وادوواد شروع ٿي ته، ”لوڪ - گيت“ اهي گيت آهن، جي تمام جهونا آهن ۽ عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪئي اٿن مگر ماڻهن کي اها خبر ڪانهي ته اهي گيت ڪهڙي زماني جا آهن ۽ ڪنهن رچيا، اهڙا گيت آهن شاديءَ جا لاڏا، لوليون، اوراڻا، ۽ پوڄا جا گيت وغيره. باقي گيت جيئن ڪ شاهه جا بيت، لوڪ - گيت نه آهن، اهي ڪافيون ۽ ڪلام آهن. بهرحال ٿوري ۾ لائين ڪٽي ڇڏجي ته لوڪ - گيتن جي ڏنل چئن درجن مان پهرين ٻن درجن ۾ آيل گيتن کي ئي لوڪ - گيت سڏي ٿو سگهجي. باقي ٻين ٻن قسمن جي گيتن کي لوڪ - گيت جي درجي ۾ آڻي نٿو سگهجي.

جيتوڻيڪ ڪن پشچمي ودوانن انهن ٻنهي ٻن قسمن جي گيتن کي به لوڪ - گيت سڏيو آهي. پر ڀارتي ودوانن ۽ لوڪ - گيت سنگرهڪارن نه اهڙن گيتن کي لوڪ - گيت سڏيو آهي.

شري ديوندر ستيارٿي، جو هندستان جو پرسڌ لوڪ - گيت سنگرهڪار آهي، تنهن ڪن زنده شاعرن جا گيت، جي عوام ۾ پيارا آهن ۽ انهن (ماڻهن) جي مک تي آهن، تن (گيتن) کي ”لوڪ - ساهتيه“ جي ڪسوٽيءَ تي اڳائي انهن گيتن کي ”لوڪ - گيت“ سڏيو آهي. پنهنجي هڪ لوڪ - گيت سنگره ”ڌيري بهو گنگا“ ۾ ڪشميري لوڪ - گيتن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”...... مونکي ١٩٣٩ع ۾ ٻيهر ڪشمير
جو درشن نصيب ٿيو ۽ لوڪ - گيتن
جي تلاش ڪندي ڪشمير جي لوڪ -
ڪوي مهجور جي ڪويتا جو ر-
س ورتم.

جي اُڌمان هوندي آهي. ٻيو هي چوٿين قسم جو لوڪ - گيت ڳلاٻورڻ ڳاوڻ کان جدا، لوڪ - ڳاوڻ Folk Poetry سڏڻو وڻندو آهي. ساهتيڪ لوڪ - گيتن جي رچنا ڪرائيندڙن لوڪ - گيتن جي ڀيٽ ۾ ساهتيڪ ڪرڻ ڏوارن لڳندي آهي، انهن ۾ ساهتيڪ وڌاءُ جي اُڌمان ڪونه هوندي آهي، هي هاڻوڪيون رچنائون آهن.

سندرا ڪماري چوهاڻ جي "جهانسي ڪي راڻي" ڪوتا يا سنڌيءَ ۾ "دڪاهل" جا گيت اهڙي درجي جا آهن. هنن کي Folk Songs ڪري سڏبو آهي. اهڙوئي هڪ گيت آهي ته:

"ڪو جهانگيرن جو ڏس ڏيندو،
ڏس ڏيندو، الا ڏس ڏيندو،
ڪو ڏس ڏيندو.

ڪانگل لهندي ڪار اڏامڻ،
اڄ ته نماڻيءَ جو نياپو ڪڻ،
صاحب لوڪي جس ڏيندو،

الا جس ڏيندو،
ڪو جهانگيرن جو ڏس ڏيندو،
ڪو ڏس ڏيندو......"

## واد و واد

سنڌي لوڪ گيتن کي مکيه طور انهن چئن درجن ۾ ورهائڻ بعد، سنڌي لوڪ - گيتن جي جدا جدا صنفن جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ، اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته سنڌي لوڪ - گيتن بابت جيڪا وادوواد هلي، اها ڇا ئي هئي.

هنن شروع ۾ جدا جدا اخبارن ۽ رسالن ۾ سنڌي لوڪ - گيت

ٿـو ٿـي انسان کي سپني مان
جاڳايو ......"

مٿين گيت مان اهو صاف ظاهر آهي ته اهو گيت سنه ١٩١٨ع کان پوءِ جو ٿي لکيل آهي. پر جي اڳ جو آهي ته به سنه ١٩١٠ع کان اڳ جو ٿي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته سنه ١٩١٠ع ۾ ٿيل هڪ گيت کي "لوڪ - گيت" سڏيو ويو آهي، جو جيئن اهو گيت لوڪن ۾ پيارو آهي، لوڪن جي زبان تي آهي.

ستيارٿيءَ پيو به هڪ روسي لوڪ - گيت ڏنو آهي جنهن ۾ ليمن لاءِ چيل آهي ته:

"........ ڪير ٿو چوي ته ليمن مري
ويو آهي.
هو اڄ به زنده آهي.
انهن نوجوانن ۾، جي لوڪشاهيءَ جا
حامي آهن.
هو اڄ به زنده آهن.
سنسار جي پيڙهه انسانن جي،
جماعتبنديءَ ۾.
هو اڄ به زنده آهي.
ڪير ٿو چوي ته ليمن مري ويو آهي..."

شري ديويندر ستيارٿيءَ جي پڙهي لوڪ - گيت سنگره "ڌرتي گاتي هئي" جو مهاڳ لکندي گرديو ٽئگور به ان مجموعي ۾ آيل گيتن کي لوڪ-گيت Folk Songs سڏيو آهي. ان سنگره ۾ سنڌ جي لوڪ - ڪوي شاه عبداللطيف ڀٽائي جو هڪ گيت:

"سارنگ ساوڻ لايا......

به ڏنو آهي، ستيارٿيءَ شاه جو نالو به ڏنو آهي ۽ ان گيت کي لوڪ - گيت سڏيو آهي.

جون سان گڏ مشهور فلمي اداڪار
بلراج ساهني به هو. اسان اهو محسوس
ڪيو ته جيڪڏهن اڄ مهجور ڪا
ڪوتا لکي ٿو ته اها هڪ ٻن ڏينهن
اندر ئي عوام جي زبان تائين پهچي
ئي ويچي.

بارڙا سڪول ويندي، جوانڙا جون
ساوڻ چڙهندي، هاري هر ڪاهيندي
اها ڪوتا ڳائين ٿا. سڀيئي ان گيت کي
سر سان آلاپين ٿا......"

شري ستيارٿيءَ جنهن ڪويءَ جو ذڪر ڪيو آهي تنهن کي گذري فقط ڏهه پندرهن سال ٿيندا. ستيارٿيءَ ان جي گيتن کي "لوڪ - گيت" سڏيو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته اهي گيت، جن عوام جي دلين تي گهرو اثر ڪري انهن جي زبان تائين رسيا آهن، سي لوڪ - گيت آهن.

ستيارٿيءَ ساڳئي ئي ليک ۾ ٻيو به هڪ گيت ڏنو آهي، جنهن کي روسي لوڪ - گيت سڏيندي لکي ٿو ته:

"...... هي هڪ روسي لوڪ - گيت
آهي، ان ۾ لوڪ ڪويءَ عوام جي
انگ جي حيثيت ۾ لينن کي مخاطب
ٿي چوي ٿو ته:

"تون ئي اهو پهريون شخص هئين،
جنهن اسان کي انسان سڏيو،
تو ئي اونده ۾ رهندڙ انسان کي
هن پرڪاش ۾ آندو.

## لاڏو

هندستان جي هر هڪ پرانت ۾ وواهه جون رسمون الڳ الڳ آهن. هڪ ئي راڄ ۾ جدا جدا جاتين ۾ هي رواج نرالي نرالي روپ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. اهڙيءَ طرح انهن وواهه گيتن کي به جاتين جي لحاظ کان الڳ الڳ روپ آهن.

انهن شاديءَ جي گيتن کي مٿلي ٻوليءَ ۾ "لگن-گيت" سڏين. راجستاني ۾ وواهه گيتن کي "ٻنڙا" چوندا آهن. *

اسين سنڌي انهن گيتن کي " لاڏو " ٿا ڪوٺيون. لاڏو لفظ نڪتو آهي "لاڏ" مان، جنهن جي معنيٰ "پيار" آهي. جنهن مان نڪتو "لاڏلو" معنيٰ پيارو: ان جو بگڙيل روپ آهي "لاڏو" يا "لاڏل"

"لاڏو" معنيٰ اهو گيت جنهن ۾ گهوٽ جو ورڻن ڪيل هجي. راجستاني ٻوليءَ ۾ "ٻنو" معنيٰ آهي گهوٽ، "ٻنڙا" جو مطلب ٿيو " گهوٽ وارا گيت " اهڙيءَ طرح پنجابي ٻوليءَ ۾ به لاڏي کي لاڏلو سڏين. سنڌ ۾ مسلمان اهڙن گيتن کي "سهرو" (شاديءَ جي گيتن کي) (جمع سهرا) سڏين. سهرو لفظ سنسڪرت جو آهي.

"سهر لفظ شوڀن مان نڪتل آهي. ممڪن آهي ته اهو شوڀن اڪر شوڀلو، سوهلو، سوهر ۽ سهرو ۾ بدلجي آيو هجي. سوهر جي معنيٰ آهي وڌندڙ، سندر. ٿي سگهي ٿو ته اهو لفظ گهوٽ لاءِ ڪتب آندو ويو هجي. سهرو جي معنيٰ مڪٽ يا مڪٽ وارو به آهي." ←

* سور ۽ پارڪ جي لکيل ڪتاب " راجستاني لوڪ گيت " ڀاڱو پهريون، صفحو ١٦٠.

← "لوڪ - ساهتيه جي ڀومڪا" ۾ صفحو ٤١.

هت شري رالف وليم جا اکر وري دهرائجن ته، ڪو هرج ڪونهي ته:

"…… لوڪ گيت ته، اُوان ٿيندا آهن
۽ نه وري ڪي ٺاهيا ٿين - هو هڪ
درخت جيان آهن، جن جون پاڙون
زمين ۾ گهرائيءَ سان ڦهليل آهن ……"

لوڪ - گيتن کي راجستانيءَ ۾ ڇهن درجن ۾ ورهايو ويو آهي. سو سڀني ٻولين جي لوڪ - گيتن سان لاڳاپو ٿي سگهي ٿو. پر جدا جدا ٻولين ۾ انهن ڇهن درجن جي اندر ٿي ٻيا جدا جدا نمونا به آهن. سنڌي لوڪ - گيتن ۾ به نوان نوان نمونن جا لوڪ - گيت آهن. *

## سنڌي لوڪ - گيتن جا قسم:

سنڌي لوڪ - گيتن جي زمين ٻهڪدڙي آهي، ته انهن جا قسم به ٻهڪدڙي نموني جا آهن. جيئن ته:

١. لاڏا ۽ ڳيچ ٢. لوليون ٣. ساکيون ٤. مورا
٥. ڇلا ٦. شجر ٧. ٻارڙا گيت ٨. اوراڻا
٩. ٻار ١٠. ابهڪ ١١. ڪافيون ١٢. وايون
١٣. بيت ١٤. سلوڪ ١٥. ڏوهيڙا ١٦. پنجڙا
١٧. مداحون ١٨. گيت ١٩. ڪٿا-گيت ٢٠. ٻال-گيت.

هيٺ لوڪ - گيتن جي هر هڪ قسم جو ٿوري ۾ ذڪر ڪجو.

* ڪُل نو رس آهن ١. شرنگار رس ٢. ڪروڻ رس ٣ وير رس ٤ هاسيه رس ٥. شانت رس ٦. رودر رس وغيره. هنن رسن جي آڌار تي به لوڪ - گيتن کي ورهايو ويو آهي.

"لاڏل لاءِ لونگي ڪر وڃو،
خود سيوهڻ جي اڪڙي موچاري،
آندي لاڏل جي ڀاءُ،
گهڙي نه ڪٽيندءِ ماءُ،
موڙا نه چوڙيندءِ ڀيڻ،
صندليءَ تي ويهندءِ ڀاءُ،
لاڏل - لاءِ لونگي ڪر ڪلهي."

ٻيا

"لاڏل ڏهندو مڪ سهڻو،
مولين جوڙ لايو ......"

## ڳيچ

سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هندو به آهن ته مسلمان به. پر هندن جي سنڌي ۽ مسلمانن جي سنڌيءَ ۾ لفظي طور چڱو فرق آهي. سنڌي هندو چون "نوڙي" ته مسلمان چون "رسو" هندو چون "ڪنڊرو" ته مسلمان چون "ونو". اهڙيءَ طرح ڏينهن جي نالن ۾ به هو، هندو چون "منگل" مسلمان چون "اڱارو"، هندو چون "ٻڌر" مسلمان چون "اربع"، اهڙيءَ طرح هندو شاديءَ يا خوشيءَ واري گيت کي چون "لاڏو" ته مسلمان چون "سهرو" يا "ڳيچ".

لاڙ ۾ ڳيچن کي "ڳيو" چون ۽ ٻين ڪن ڀاڱن ۾ خاص طور شهرن ۾ ان کي "سهرو" چون. "ڳيچ" ۽ "ڳيو" خاص سنڌي لفظ آهن.

ڳيچ، شاديءَ واري رات کان ڪافي ڏينهن اڳ ۽ گهڻو ڪري ٻڪيءَ جي رسم کان وٺي هر رات گهوٽ جي گهر ڳائبا آهن.

لاڏي کي سهرو يا ڳيچ به چيو ويندو آهي. ڳيچ جي لفظي معنيٰ آهي اهو ڪي جو ڳايو وڃي ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي اهو ڳائڻ، جو شاديءَ يا خوشيءَ جي موقع تي اڪثر ڪري عورتون ڳائين.

شادين جي موقعي تي ڳائڻ ۾ ايندڙ لاڏا (ڳيچ) گهڻو ڪري استرين جا ئي رچيل هوندا آهن. استريون شاعريءَ جي قاعدن قانونن ۾ ڪو نه جڪڙيون آهن، ان ڪري انهن گيتن (لاڏن) ۾ نه تڪ تي ملي ۽ نه ماترائن يا بحر وزن جو ڪو خيال رکيل آهي. استريون ڳائڻ وقت انهن گيتن جي ننڍين وڏن پدن (مصراعن) کي ڇڪي ڪري برابر ڪنديون آهن، ان ڪري لاڏن جو صحيح لطف ٻڌڻ تي وٺي سگهبو آهي، جڏهن اهي ڳائبا پيا آهن.

لاڏن جو جيتوڻيڪ سڄو سنڌون لاڳاپو شاديءَ جي موقع سان آهي، پر ڏهين ۽ ڇٺيءَ، جڻين ۽ ٻين اهڙن خوشيءَ جي موقعن تي به ڳاتا ويندا آهن.

لاڏن کي به گيتن جي حصن ۾ ورهائي ٿو سگهجي، جيترا شاديءَ جا سڳڻ سانت اوترا لاڏن جا قسم هوندا، بلڪ ان کان به وڌيڪ، لاڏن ۾ گهڻو ڪري گهوٽ ڪنوار ۽ سيڻن جو بيان هوندو آهي، اهڙ وارن گيتن ۾ کل مذاق جو حصو ٻين کان وڌيڪ هوندو آهي.

لاڏي ۾ مکيه مصرع هڪ هوندي آهي ۽ ٻين مصرعن ۾ فقط ڦير هوندي آهي.

جنم جا، ڇٺيءَ جا، جڻين جا، شاديءَ جا لاڏا هوندا آهن. شاديءَ جي لاڏن ۾ وري تيل جا، ٻڪيءَ جا، مکٽ جا، ڏکڻ جا لاڏا هوندا آهن. هيٺ هي هڪ لاڏو آهي ته: *

* لاڏن بابت وڌيڪ تفصيل لاءِ پڙهو، شري آسارام ڀاٽيا جو لکيل "سنڌڙي تي ڳائي" ڪتاب.

## ٻيڄن ۾ ڦير گهير

اڳي، ڪو زمانو هو، جو شاهاڻي سواريءَ لاءِ هاٿين جو بندوبست هو، پلا اٺ يا گهوڙا هوندا هئا، ٻيڄن ۾ ٻن گهوٽ جي جڃ جي سواريءَ لاءِ انهن جو ذڪر آهي، پر نئين دور ۾ ريل گاڏيون، موٽرون ۽ لارين جي وهنوار سبب ٻيڄن ۾ ٻن انهن جو ذڪر شروع ٿيو، جيئن ڪ هڪ ٻيڄ ۾ گهوٽ جي سواريءَ جي تعريف هن طرح ڪئي وئي آ:

"هاٿيءَ ريان هت ۾، هاٿيءَ چڙهي آئو
موٽر انيون سون جون، موٽر چڙهي آئو
ريل لارون سون جون، ريل چڙهي آئو.

هن ٻيڄ ۾ هاٿي، ريان، موٽر ۽ ريل، نه، صرف سواريءَ جا نوان ذريعا ذڪر ڪيا ويا آهن، پر انگريزيءَ جا لفظ به ٻوليءَ ٻيڄن جو جزو ٿيا.

"مهنجا ڪاڪزادا، جوڙي ٻانهن وراءِ
مهنجا صاحبزادا، ناهي ٻانهن وراءِ
سهڻي مليئي ڪنوار، ناهي ٻانهن وراءِ
شال سومل مليئي، لوڏي ٻانهن وراءِ
ڳاڙهي مليئي ڪنوار، جوڙي ٻانهن وراءِ
مهنجا شهزادا، لوڏي ٻانهن وراءِ ..."

## لولي

هن ۾ ماءُ جي ممتا ڪونان کوٽ پرپل هوندي آهي. ٻار کي سمهارڻ وقت، جيجل پنهنجي ٻار کي آسيس ڪندي آهي. اهڙي هڪ لولي آهي ته:

ڪن ڳوٺن ۾ ڪنڌين ۽ گهوٽ - ماءُ ڳيچن جو سڏ ڏيندي، ۽ اوڙي پاڙي واريون مايون ڳيچن ڳائڻ ۾ ڀرپاءِ ايندڙيون. ڇاڻ ڪان وٽي ڏهن ٽائين اهي مايون، جن جي ڏڙي سڏي ۽ آواز مٺو هوندو آهي، سي ڳوٺ ۾ (ڪٺڙ) ۾ ورهيي وڃي ٿائي ۽ نڍيڙي ٻولڪ رکي ڳيچ ڳائينديون آهن.

ڳيچن (يا لاڏن) ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي ساراهه، الزمي جزو آهي اها ساراهه ٻن قسمن جي هوندي آهي. هڪ گهوٽ يا ڪنوار جي ذاتي سونهن جي ساراهه ۽ ٻيو سندن چڱن اڳڻن جي ساراهه

گهوٽ جي ذاتي سونهن کي سندس سهڻن روشن خاص طور سندس اکين، ڏندن ۽ هٿن جي ڳالهه سان بيان ڪيو ويو آهي جيئن ته:

"اکيون لاڏل جون، ٻن مشعال،
ڪهل جوڙ ٻٽا يو،
ڏند لاڏل جا، موتيءَ جا داڻا،
سرخيءَ جوڙ ٻٽا يو،
هٿ لاڏل جا، مينديءَ رڱيا،
ڳاني جوڙ ٻٽا يو."

ذاتي سونهن کان سواءِ ڪيترن ڳيچن (اوڙي لاڏن) ۾ گهوٽ جي ٻين لياقتن ۽ اڳڻن کي ٻڌ ڳايو ويو آهي. جيئن ته ٻڙهيل ڏاڏلو، سوهيو ڏاڏلو، ونهيل مور (سکيو سٽايو) مور ٻروم، مور لاڏو، البيلو لاڏو.

ڪنوار جي ساراهه هيٺين نالن ڏيڻ سان ڪئي ويندي آهي. "نڍڙي ڪنوار"، "اڏڻ لاڏي"، "ڪونج ڪنوار" وغيره.

ڪانئرن، ڪبوترن، پکين وسيلي موڪليندڙيون هيون، تڏهن انهن کي پنهنجي دل جي حالت، پاوائن جو شاهد بڻائي، پنهنجي دل جي ڳالهه پڌرائيندڙيون هيون.

## مورو

"مورو" يا "موروڙو" سنڌ ۾، خاص ڪري ڪاڇي ۽ ڪوهستان جو مقبول عام لوڪ - گيت آهي. مورو، ٻه - ٽڪو شعر آهي. انهن جو قافيو ٻه دفعا ڪم آڻي، ٻيءَ ٽڪ جو قافيو ان سان ملائبو آهي ورائي جا ڪيترا ئي نمونا پڌرا آهن. اڪثر ڪري هيءَ ورائڻو ورائبو آهي: *

"مورو وٺي ڳاهان........
مورو ناهي نورو
مورو وٺي ڳاهان........
ڏوهه ڏنگاڻيون ڏسي ڏسي
راڻل وڃو رسي رسي
اڏيون مورو وٺي ڳاهان
مورو ناهي نورو......"

## ڇلو

ڇلو يا مندڙي، محبت وارا هڪ ٻئي کي نشانيءَ طور ڏيندا آهن، هن ۾ پنج ٽڪون ئين، جن مان ٽي پاڻ ۾ هم قافيه ۽ ٻه پاڻ ۾ هم-قافيه رهن. ڇلن ۾ ٻوليءَ جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. ڏنار، ڏڪڻ چاريندي، هاري، هر ڪاهيندي، ٻاغائي ناو هڪليندي، اهي "ڇلا" يا "ڇلڙا" ڳائين.

جيتوڻيڪ هي گيت آهن زالن جا، پر مرد به اهڙيءَ سڪ

---

* مهراڻ ۱۹۵۷ع تائين.

"سڪي اُڏڻا پنکي وارڙا
ڪرو ءِ ڏنڙا پار سنڌوڙا
لال لوڏايم، لال هنڌوڙا
لڏي ٿا جاءِ پرڏيهه ڏو
مٽن هٿي، ماڙي پنهنجو
صفدي سونهندو، هي لاڙو
ڏيان لولڙي، پنکي وارڙا."

## ساکي

ساکيءَ ۾ چٽن پنجن، ٽن سٽن اندر خيال سمايل هوندو آهي. هن ۾ استريءَ جي دل جو نقش هوندو آهي. ساکيءَ ۾ هڪ ڳالهه جا هوندي آهي سا اها ته آخر ۾، "ها ها مهنجو پنهنجڙو، ٻولي ٽن ۾ رام پنهنجڙو." جي سٽ هوندي آهي، ڏسو هيءَ ساکي:

"ساکي ڏيان سمجهڙو
اُچ ڀيڙن ۾ اس ٻٽو
او مهنجا هوس پنهل
جڏي چيت ڦگڻ ڦٽو
آئي مند ملڪ جي
ها ها مهنجو پنهنجڙو
ٻولي ٽن ۾ رام پنهنجڙو."

ساکي لفظ * ساکشي (شاهد) مان نڪتل چئو ٿو وڃي. ٻـر دون کي لڳي ٿو ته جڏهن ورهين پنهنجا نيارا سميها،

---

* "ساکي ڏيان سمجهڙو ........" ناراڻ ڀارتيءَ جو لکيل لوڪ - گيت سنگره.

"اڀي جو ڪڙي آن
ماٺهر آندي نه وڃندي
پڇ پڇ ٿڪي آن
ليڏا ڏس نهين ڏيندي!"

... ... ...

اڀي جو ڪڙي آن
اوٽ نهين اولا
لپ ڳڻي ڏرلي
لڳي لڪ لڪ جهولا"

... ... ...

"اڀي جو ڪڙي آن
ڏينهان راه نماڻي
ڪنواري مين آ سهڻا
شال ميڪون ڏون ماڻي!"

هن پيارط جي پڙهڻ بعد دل ۾ محبت جا سڄل سور اڀري پوندا آهن گويا وڇوڙي جا مڙئي زخم وري نئين سر اڪاڇي پوندا آهن.

اُڀنگ

"اڀنگ" جي معنيٰ آهي گيت، وڇوڙي جا گيت، ڏک جا گيت، انتظار جا گيت، جيڪي استريون ڏر پيهندي، جنڊ پيهندي، چرخو هلائيندي، اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن کي ياد ڪري يا ڪنهن جي سڪ ۾ گنگنائيندي ڳائينديون آهن. انهن گيتن پڙهندي اهن ۾ حسرات پيا اڀرندا آهن، انهن سان گڏ اُهڙي لئه ۽ هوندي آهي. هونءَ ته لوڪ - گيت لئه، ڪانسواءِ اڻ پورو آهي. ان ڪري ٿي شاهه شري شيام پرمار هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

۽ چاهه سان ڳائيندا آهن. هن ۾ محبوب ۽ محبوبا جي سڪ ڏيکارڻ هوندي آهي. *

هي ڪجهه چلا آهن:

”چلو چاندي چند آه،
ناهيو اهڙو چند آه،
ناهيو دلبند آهي،
پلا يار جاني ......
ٿيان ٿهڪي پاڻي.“
”چلو پاڻي ڀڃان
ڪري روح ڏو ريهان
هٿي هيء ڪوڪان ڪيهان
جدا ٿيو آ جاني
آه دل ديواني.“

## پيلاڻ

”پيلاڻ“ سرائڪي زبان جو ٻن مصراعن وارو گيت آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري عورت جي طرفان محبت جو اظهار ڪيل هوندو آهي. پيلاڻ جي ٻهراڻ مصرع ڏاڍي ۽ ٻوٽين مصرع آهستي آهستي پيار سان چئبي آهي.

سچ پچ ته ”پيلاڻ“ اهڙو ته دردناڪ ۽ اثرائتو آلاپ آهي، جو پيچ پڏيء مهل پڌڻ سان وڇڙيل ۽ محبت جي مارين جي اکين مان آب ڏارا ۽ نيسارا ڪري نڪرندو آهي. هيٺ ڪجهه پيلاڻ ڏجن ٿا. ||

---

* مهراڻ ١٩٥٧ع ۾.

|| مهراڻ ١٩٥٧ع احمد خان مصرائي جي ’آصف‘ جا ڏنل.

ماتا، ٻين پرانتن ۾ به ٿيندي آهي. ائين ان کي سيتلا ديوي سڏين. ائين به ان لاءِ دوا نه ڪري، ان جي علاج ۾ شيتلا ديوي جا گيت ڳائيندا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ انهن گيتن کي اوراڻا سڏين.

هي هڪ اوراڻو آهي ته:

"ٻاجهه ڪجانءِ مائي ٻچڙن تي
ننڍڙا آهن ٻار
ننڍڙا ننڍڙا نـازڪ آهن
لهجانءِ سار سنڀال."

اوراڻن ۾ لفظن کان وڌيڪ سـُر تي زور ڏنـو ويندو آهي. اوراڻن جو هڪ خاص سُر آهي. ڪن سنگيتڪارن جـو چوڻ آهي ته، اهو سـُر "ڀيروي" آهي جا ڳائڻ وقت آنند ڏيندي آهي. *

## پوڄا گيت

موهن جي دڙي جي کنڊهرن جي کوج ڪرڻ سان جـي مورتيون حاصل ٿيون آهن، انهن جي جاچ پڙتال ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي ته، انهن ڏينهن ۾ اولهه پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي پرانتن جا رهواسي مورتي پوڄا سان گڏ وڻن ۽ ٻوٽن ندين ۽ پهاڙن جي به پوڄا ڪندا هئا ۽ انهن جي شان ۾ وقت بوقت الـو ڪندا هئا.

پالي ساهتيه ۾ درخت پوڄا جو ذڪر آيل آهي. راماڻ ۾ به پوڄا جي لاءِ وڻن جا نالا ڏنل آهن. سڪند پراڻ ۾ پيپل جي پوڄا ڪرڻ جو نمونو پڻ ڏنو ويو آهي. ❊

---

* "سنڌيءَ رنا هٽڙا" ليکڪ شري نارائڻ پارتي - صفحو ۸۵.
❊ ڪاشي کنڊ ۲۷/۷.

"...ڪهڙو نه سنگيت، لوڪ - گيتن ۾ آڏاو ٿو رکي ...
۽ ... لوڪ - گيتن سان گڏ لوڪ - سنگيت نه آهي ..."
سو جي گيت جو ڀاو سمجهڻ ڪو گهري نه اهڙ ٻڌي ته نسو
هي هڪ گيت آهي:

"اَنبن جهليا ٻُوَر
ڦٽا ڏلي اَنگُوَر
اَنبن جهليا ٻُوَر
وڇوڙي جي ويل
ڏکي وڇوڙي جي ويل
تهواران ٿي ٿوَر
اَنبن جهليا ٻُوَر
آڏايان ٿي ڪانگ
ويٺي آڏايان ٿي ڪانگ
سڄڻ اَچ ڪنهن سانگ
ويٺي آڏايان ٿي ڪانگ
وڃي دل وهلور
اَنبن جهليا ٻُوَر"

## اوراڻو

هي لوڪ - گيت، ماتا جي وقت ڳايا ويندا آهن. هنن گيتن ۾ ديوي ماتا کي التجائون ڪيون وينديون آهن ۽ انهي استتي ڪئي ويندي آهي. ان کان سواءِ ٻيهڄي ٻالڪڙي لاءِ آسيس جي منگ پڻ ڪئي ويندي آهي. اوراڻا جي معنيٰ آهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، دل جو حال ڪرڻ.

سنڌي لوڪ - گيتن ۾ اوراڻو نه هڪ خاص جڳهه ٿو والاري.

”جيتوڻيڪ مولودن جو موضوع اصلي نبي صلعم جي ذات مبارڪ آهي. مگر ٻين نبين جي جدا جدا پهلن، سنڌن عام فيض ۽ ڪرم (ٻاجهه) ڪانئن دعا ۽ مهر جي طلب، ساڻن محبت ۽ عقيدت جو اظهار مولودن جا مکيه مضمون آهن.

...... مولود، وائيءَ جو هڪ قسم آهي. مولود خاص سنڌي ماحول جي پيداوار آهي ۽ سنڌ ۾ ئي رائج آهي.

مولود، مداح، مناجات ساڳي موضوع تي چيا ٿا وڃن...“

هيٺ هڪ مولود ڏنو ٿو وڃي:

”يا رب مرسل مون کي ميڙائين
اسين آهيون جنهن آسري
جبل چوٽ چڙهي، وڃي وسان
ڏيهه رسول جي
ٻاڙي پاڪ پيڙان وڃي،
مدينهان حوض حبيب جي
ٻوڙي آءٌ ٻوڙان وڃي
صفا مروي وچ ۾
ڪلمون ياد ڏجانءِ موٽ والي مقيم ۾
يا رب مرسل مون کي ميڙائين
اسين آهيون جنهن آسري.“

## ڏوهيڙو

”دو“ جي معنيٰ آهي ”ٻه“ ”دوهو“ معنيٰ ”ٻٽو“ يعني ”ٻٽي“ ٻٽي مصرع، لفظن کي سنڌيءَ ۾ سڏين ”ڏوهيڙو“ (ڏون = ٻه) سنڌي لوڪ گيتن ۾ ”ڏوهيڙو“ شروعاتي گيت جو قسم آهي. ٻڪڻ ۾ ڳالهه ڪٿيندي، ڳائيندي وچ وچ ۾ ڏوهيڙا ڏنا ويندا آهن. سنڌ جا ڏنار، ڍڳ چاريندي، پنهنجي من پهلاءَ لاءِ ڏوهيڙا ڳائيندا هئا. سنڌ ۾ شاهه ڪريم جا ڏوهيڙا مقبول آهن.

ان سواءِ تلسي ۽ انڊ جي ٻه ٻوٽا پاڻ اُمول آهي اهو ٻوٽ
جو رواج اڄ سوڌو هلندو پيو اچي. نومين جي ذهن ۾ ڄالو
اُنهن جي ونهي اٺين پائڻ جو لونو يا لوني پري جدا جدا قسمي
وڻن * تي اهو پاڻي ٻه چاڙهيندڙ آهن ته ٻوٽا جا گيت
ڳائينديون ونديون آهن.

"اُنهن جو اڻي آهيان، گهاگهر ڪٽي نڪي آهيان
جمنا جي جل ٿي، تلسي جي ڪل ٿي
اڳيان آهي رام جي، پويان آهي شيام جي،
مرلي وڄائيندو، سڀ دک لاهيندو،
پاپ ڪٽيندو، آهي تنهن رام جي."

## شبد

هنن لوڪ - گيتن ۾ ڪنهن اوتار، ڪنهن ديوتا جي استتي
ڪيل هوندي آهي. ڪرشن گوپين جا وارتالاپ ۽ شبدن ۾ اچي
ويندا آهن، هنن گيتن جو مرڪزي خيال ڌرمي هوندو آهي. هي
ڪرشن پاڻ ڪي سڏون آهن ته:

"آءُ ڪرشن، آءُ ڪرشن
ڪرشن ڪنهي
لهڻجي خاطر مون ڪلن ڦلن جي
سيج وڇائي."

هنن ۾ شبد آهن ته مسلمانن ۾ ان ئي نموني جي گيتن کي
مولود سڏيو ويندو آهي.
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مولودن بابت لکندي چوي ٿو ته

* پپل، بڙ، تلسي.

## وائي

عام اصطلاح ۾ ڪنهن به "ڳالهه" ۽ "ٻولي" کي "وائي" سڏبو آهي. هن جو ڌاتو پراڪرت لفظ "واٻا" ۽ سنسڪرت لفظ "وارتا" مان نڪتل آهي. *

"وائي" درد جي دانهن آهي، وائيءَ جو مطلب آلاپ به آهي. جن جي وسيلي سنڌي، اوطن، ڳلين، گهٽين ۾ پنهنجو روح ريجهائين ٿا. سنگيت جي لحاظ کان "وائي" هندي ٺمريءَ جي زير اثر آهي. هن ۾ ٻهراڻ ٿلهه ۽ ٻه مصرع هوندي آهي. هرڪا مصرع هم-قافيه هوندي آهي. ڪن ڪن وائن ۾ ڪي اکر ورائڻي طور ڪم اچن ٿا.

هيءَ هڪ "وائي" آهي:

"چوندس حال پنهوار، جي اُٺ وڃان پائر وڃان
١. شال م ٿيان ڪڏهين، واڙهيڪڙائي ڌار
٢. مدان موُن نه وسرن، ساٿيهه جا سنگهار
٣. وڃي آءُ وطن ۾، واسيان پنهنجا وار
٤. الاهي عنايت سين، شال لهندم سار."

"وائيءَ ۾ هرهڪ مصرع، هڪ ٽڪي آهي ۽ ٻهراڻ مصرع (ٿلهه) ٻيءَ هرڪنهن مصرع جي پٺيان ٿي اچي." ||

## ڪافي

سنڌ ۾ ڪافيون چوندڙ شاعر ۽ ڳائيندڙ راڳسٽائي ڳڻن مثل شمار کان ٻاهر ٿي گذريا آهن.

سنڌيءَ ۾ ڪافيءَ جو مضمون اڪثر عاشقاڻو آهي. ٻرسات

* محبوب خان چنه - سنڌي لوڪ - گيت "واٻون" نئين زندگي ڪراچيءَ ۾ ليکڪ.

|| ڪلياڻ آڏواڻي "سنڌ جي سوکڙي" جي مهاڳ ۾.

"پاٽياري سپڪا، جا سر گهڙو ڀڃي
ڪا لهي سنڌي سچٽين،
ڪا پورهئي ڪاڻ موئي."
— شاهه ڪريم

"وڌيل ٿي واڌون ڪري، ڪنل ڪوڪاري
هن ان پڌڇا سارا، هئي هڏون هاري."
— شاهه لطيف

"سوريءَ ٿيو سڏ، هلندي ڪا جهنڊون
جيءُ جسو ۽ هڏ ڏيندين ڏاڻ واڻون."
— راضي فقير

## بيت

سنڌي لوڪ - گيتن ۾ بيت به ڪافي پرسڌ آهن. هن ۾ چار مصرعون هونديون آهن. پر ڪن ۾ ٽي ته ڪن ۾ وري پنج به هونديون آهن. هن ۾ پهريان ٽن يا چئن مصرعن جو قافيو ساڳيو هوندو ۽ وري ٿين يا پنجين مصرع جي وچ ۾ ساڳيو قافيو ڪم آڻي پوءِ مصرع پوري ڪجي ٿي.

"ڏوهيڙن" کان پوءِ "بيت" آهن، جي "ڏوهيڙن" جيان ٿي ڳايا ويندا آهن.

"جن کي درد دور جو، سبق سور پڙهن
فڪر ڦرهيءَ هٿ ۾، صاحب مطالع ڪن
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرين ڪي."

"ساهڙ موون جنءَ، سرتيون جي ڏسو سهڻي
نه سهو ڪين سگهي ٿي، پاسو ور ڏنئي،
مدها اڳيئي، گهڙو سب گهڙا ڪٽي."

"جيڪي ڏنو مون، سو جي ڏنو جيڏان،
گهر ور نين سان، هند گهٽن گهوري ڇڏيا."

## سلوڪ

سلوڪ، سنڌي هندن ۾ عام مقبول آهن. ٻاڪائن، ڀڙهين ۽ سادن جي وچ ۾ سلوڪ عام جام ڳالها ويندا آهن.

سلوڪ جي معنيٰ آهي ڪيرتي يا جس واري ڪوتا. هي لفظ سنسڪرت جي ”شلوڪ“ مان نڪتل آهي. سلوڪ ۾ چار سٽون ٿين. پر سامي صاحب (جنهن جا ئي سلوڪ سنڌ ۾ پرسڌ ۽ لوڪ پريہ آهن) پنهنجا سلوڪ سورٺن ۽ دوهن کي ملائي رچيا آهن. *

”هيرو جنم نہ هار، مورک، من جي ڀاءَ لون
ساڌ سنگت سان، اوڌيا پريم توار
پنهنجو پاڻ سڃاڻ، نہ سڪي ٿئين سامي چوي.“
”سنگرو ڇڙو شاه ڪونہ ڏنو سين ڪانهين
پرچي ڏنو جنهن پورا ئي، آتم ڌن اٿاهه
نڪي ڀڄائين ذات پات، نڪي ڀڃائين راهه
ڪري من اڇاهه، سامي ڇڏائين ڇن ۾.“

پوران سلوڪ جي سورٺي ۾ اڌ دوهو ۽ پڇئي ۾ سورٺن مثبهه دوها. هن طرح سامي ءَ دوهن ۽ سورٺن کي ملائي پنهنجا سلوڪ رچيا آهن. پر سامي ڪن ڪن هنڌ نہ قانونن کي نہ اورانگهي ويو آهي ←

## پنجڙو

درياه (نديءَ) جي پوڄا اڳئين ڪان وٺي هلندڙ آهي. اهڙو ذڪر رامائڻ ۾ نہ آيل آهي تہ ”جنهن رام ۽ لڇمڻ سان سيتا نہ ايوڌيا مان نرواسي ٿي نڪتي لڏهين هن گنگا پار ڪندي

* ”سامي ءَ جا سلوڪ“ پروفيسر ايم. ايچ. ناگراڻي.
← ”سامي ءَ جا سلوڪ“ ” ” ”

جي مدد ۾، عاشقن جي نيڻهن کي، نئون نيش ٿو اچي، ان
ڪري وره، وڌيڪ سنڌي شاعرن خاص انهيءَ مدد ۾، ڪافيون
چيون هجن ته شڪ ناهي، ڪافي آهي هڪ ٻڌڻ لاءِ سڪندڙ
جي دل جي ڪيفيت جو اوراڻو.

سنڌ ۾ ڪافيون نه فقط يڪتاري تي ڳايون ٿيون وڃن، ٻ
سرندي تي به.

”سُر سورٺ“ ۾ شاه جي خيال ۾ ٻيجل جي روپ ۾ ڪ
سرندي وارو ڪافي ڳائيندڙ مڱڻهار هو.

”مڱڻين آيو مڱڻو، ساز ڪڇي سرندو.“ *

ڪافي آهي ئي ڳائڻ لاءِ ۽ نه لکي رکڻ لاءِ. ڪافي ۽ موسيقي
(سنگيت) ٻئي شيون لازم ۽ ملزوم آهن. ٻنهي جو لاڳاپو چولي
دامن وارو آهي.

ڪافي ڳائڻ وقت سنڌي ساز يڪتارو، دلو يا ٻولڪ ڪافي
ساز آهن، گهڻن سازن هوندي گوڙ ٿئي ٿو.

هيٺ هڪ ڪافي ٿي ڏني وڃي:

گهوري گهوري گهوري
وي جندڙي
سڄڻ توتان گهوري
١. رات ڏينهان آهي اوهانجي
سانئين جهوري جهوري
٢. دل ڪساني وولت ليکياني
حاڪم زوري زوري
گهوري گهوري گهوري
وي جندڙي
سڄڻ توتان گهوري.“

* ڪلياڻ آڏواڻي ”سنڌ جي سوکڙي“ جي مهاڳ ۾.

"درياه" (شاه) لنهنجي در تي
آيس ساڻ اکير
جوت جاڳندي ڏو ڏسان
دل کي آهر ڏهر
جن انکي تن لاج رکيئه تو
تئين وسيلو ويو
درياه شاه سورهه وير
آهيون گولا تو گات جا
گولا لنهنجي گات جا
تو کان پرس پڇن
سوا سوالي خالي نا ڏسان
سب مڱيو دان وٺن
مڱتا محتاج دولهه تو وٽان
پڙا پڙاڙ وٺن
پڙاو پڙجي وٺن
لال لنهنجي در تان."

## پيار

انسان جي جمڻ کان وٺي مرڻ تائين گيتن سان واسطو پيو رهي ٿو. پيار معذلي موت جا گيت. هي گهڻ جي مرتبي جي موقعي تي چيا ويندا آهن، ٻيا پيار کيپا ويندا آهن- اڏ و ء م اهڙن گيتن کي مرثيو سڏ يندا آهن.

پيار ڪئ ڪرڻ ڏکئي م ڏکيو ڪم آهي، ڇو جو ڪاڻ اِستري انين پيار کيڻ کي ايسوڻ سمجهندي آهي.

کي پذل لکون آهن، جي آهن:

"اڙي جيجل هاڻ مان اندو
گهڻ کي ڏيندس......

وينتي ڪئي هئي ته ندي ماتا اسان جڏهين چوڏهن ورهيه ان جا سک سان ڪاٽي موٽنداسين تڏهين هر هڪ لک ڳانيون ۽ منا چانور رڌي گنگا (نديءَ) جي پوڄا ڪنديسين. اهڙيءَ طرح جمنا ندي پار ڪندي ته هن هزار ڳانين ۽ منا چانور ڏيئي جمنا جي پوڄا ڪرڻ جي آس پاسي هئي..." ❊

درياه جي پوڄا سنڌ ۾ چالو هئي، هڪ هندن طرفان ۽ ٻي مسلمان ملاحن طرفان جي درياه تي گذر ڪندا هئا. ان بابت ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته:

"...... سنڌ ۾ اڄ ڏينهن درياه جي
پوڄا ڪن ٿا، اهي پوڄا ڪندڙ درياه
پنٿي سڏجن ٿا، اهي درياه ۾ اکا
وجهندا آهن ۽ ٻهراڻا (ٻهر + اندرانا)
ڪڍندا آهن. درياه جي ديوتا ٻاڪي
اڏيرو لعل سڏجي ٿو. سنسڪرت ۾
"اُدو" معنيٰ پاڻي؛ جنهن ۾ ورڻ
هي. هو سدائين اَمر آهي انهن
ڪري "امر لعل" به سڏجي ٿو. هنگي
مسلمان "زنده پير" سڏين، جنهن جي
معنيٰ به "امرلعل" آهي. *

درياه شاه جي ساراه ۾ پا درياه شاه جي استتي ڪندي جي گيت ڳايا ويندا آهن انهن کي "پنجڙا" سڏيو ويندو آهي. هي آهن پنجڙا:

---

❊ "پارس - لوڪ - انسو" ۾.

* "سنڌي ٻوليءَ جي تواريخ" ۾.

## ڪٿا - گيت

هي لوڪ - گيت به ٻارن لاءِ آهن. پر هنن گيتن ۾ پس منظر ۾ ڪا ڪهاڻي هوندي آهي ۽ هي گيت ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ چيا ويندا آهن. جيئن ته "ڪنگ" (ڪانو) جي لوڪ ڪهاڻي آهي. ان ۾ جي گيت آهن سي هن نموني آهن:

"ڪنگ جي ناني، ڪنگ کي ڳولڻ ٿي نڪري
سو ٻهراڻين ٻهراڻين اچي ٿي ڪنڀار وٽ
۽ ڪنڀار کان پڇي ٿي:
"... ڪنڀر ڙي ڪنڀر،
ڪو ڪنگ، ڏٺو،
مڇ مروڙيندو ڏٺو،
منهنجو نيرانو ڪنگ..."

اتان ٿي ناني درياه وٽ ۽ ڪن ٻين هنڌن تي ٿي وڃي، سڀ هنڌ ساڳيو سوال ٿي پڇي:

اهڙيءَ طرح ٻيو به هڪ ڪٿا گيت آهي ته:

"...... لولي پاڻيءَ جا لوڙي
جيڪا لهڻجي ماڙي
سا نه منهنجي پيڙي
لولي پاڻيءَ جا لوڙي..."

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترا ئي لوڪ - گيت آهن جي ٻار ڏاڍي چاهه سان ڳائيندا آهن.

## متفرق - گيت

مٿي سنڌي لوڪ - گيتن جا جدا جدا قسم ڏنا ويا آهن. هڪڙا اهي گيت جي فقط استريون ڳائينديون آهن ۽ ٻيا اهي گيت جي فقط مرد ڳائيندا آهن.

پر هي گيت، استريون ۽ مرد ٻنهي طرفان ڳايا ويندا آهن.

مان امي امي ڪري
ڪنهن کي سڏيندس......"

ٻارن ۾ روئڻ سان گڏ ڪي گهڻائون ۽ ذڪر ڪيون ويندون آهن.

## ٻال - گيت

ٻارن جا لوڪ - گيت وري پنهنجا آهن. انهن ۾ گهڻي ڀاڱي ڏهر هوندي آهي. ٻال-گيتن ۾ سکيا هوندي آهي، جا ڳالهه هونءَ جيڪر ٻار کي ٻڌائجي ته سمجهي نه ۽ سکي. پر ساڳي ڳالهه کيس گيت ۾ ٻڌائي وڃي ته هو گيت جي لئه جي آڌار تي اهو گيت ياد ڪندو ۽ پوءِ ته اها ڳالهه جا گيت ۾ ٻڌايل هوندي آهي، سا ۽ کيس اچي ويندي آهي جيئن هن گيت ۾ آهي:

"ٻلو لنڊ ٻٽ ٽان
ٻلي ورتم گاه
گاه ڏنم ڳانءِ کي
ڳانءِ ڏنو کير
کير ڏنم ماءُ کي
ماءُ ڏني ٽڪي
ٽڪي ڏنم ڪانوَ کي
ڪانوَ ڏنو ڪنب
ڪنب ڏنم راڄا کي
راڄا ڏني گهوڙي
چڙهي گهمان چڙهي گهمان
چمڪن ٽناڪو
جيئي منهنجو ڪاڪو"

ساٿي آهن. سري، وچولي، لاڙ - ٿر ۽ ڪوهستان (لس ٻيلي) جي. سنڌ جي صحيح تصوير جي ملندي ته اها انهن سنڌي لوڪ - گيتن (۽ لوڪ - ڪهاڻين، لوڪ - چوڻين) مان.

سنڌ جا جاگرافيءَ جي لحاظ کان پنج قدرتي ڀاڱا آهن. سرو، وچولو، لاڙ، ڪڇ ۽ ڪوهستان. انهن ڀاڱن جي ٻولي سنڌي هوندي به، هرهڪ ٽڪر جي ڳالهائڻ ۾ ٿورڙو ٻولي نرالي هوندي آهي. انهن کي سنڌيءَ جون اپڀاشائون سڏيو ويندو آهي. سري واري ڀاڱي ۾ **لولي** نالي لوڪ گيتن جو هڪ ٻيو قسم آهي. جيئن ڪ مورو، ٻيلڙو، وغيره هيٺ لوليءَ بابت ذڪر آهي:

## لولي

لوليءَ جا گهڻيئي قسم آهن. هرهڪ قسم وري مختلف نموني جو آهي. معصوم ٻارن کي مائرون ننڊ ۾ لوليون ڏينديون آهن، جتي ٻچن جي بهادري، خوبصورتي (صحت) ۽ وڏي عمر لاءِ ايشور کان آسيس گهري ويندي آهي. اهو به، لوليءَ جو هڪ قسم آهي جو جڏهن ٻار جمندو آهي ته ڪڏهن فقير اچي ڳائيندا آهن جنهن ۾ وراڻو ڏيندا آهن ته "لولي ٻالڙي نون ڏيوان......"

ليڪن هتي جيڪي لوليون پيش ڪيون وڃن ٿيون اهي عشق مجازيءَ جي پيدائش آهن، جن ۾ مجازي معشوق جي ثنا ڪيل آهي. لولي سري جي (سرائڪي) ٻوليءَ ۾ ادا ڪئي وئي آهي، سنڌن ڳائڻ جو به خاص لهجو آهي، هن جي پڇاڙيءَ ۾ "مارو لولي... ها ...لگا لولي..." جو وراڻو آهي جو هر لوليءَ (لوليءَ جو انت يا بند) جي پڇاڙيءَ تي دهرايو ويندو آهي.

لوليون بغير ڪنهن ساز جي ڳائبيون آهن. ٿر انهن جا خاص رهاڪي ۾ ٿڌار ۽ ٻيا ٻهراڙيءَ جا باشندا ڳائيندا آهن، جنهن ڳائڻ وقت عجيب ڪشش آهي، جا ٻڌڻ سان ئي تعلق رکي

هنن گيتن ۾ جا ڀاونا هوندي آهي، تنهن جي ڇڪ هوندي آهي.
اهڙا گيت آهن:

"اڏري هل ڙي ڪونج
اسين نه اڏنداسين
اسين نه اڏنداسين
موٽي ملنداسين
نيڻ روئن ٿا
اکين ڇون ٿا
موٽي ايندا سين
ميلو ڪنداسين."

اهڙا ڪيترا ئي گيت آهن. هت نموني طور ڪن ٿورن گيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

پر هڪ خاص ڳالهه جا ڌيان جوڳي آهي، سا اها ته استرين جي گيتن قافيه ۽ ڪٿي ڇنڊ ڪو نهي، ان سواءِ انهن جي رچيندڙ جو ڪو پتو نه ڪونه ٿو پوي پر مردن (پرشن) طرفان ڳائيندڙ گيت ڪنهن جا رچيل آهن، اهڙن ڪن جي جاڻ پئجي سگهي ٿي.

"... اهو ڳوٺاڻو ادب، لوڪ - گيت ساهت، اسان جي سنڌ جي پورائين ۽ ڳوٺن ۾ پنهنجي اڳهاڙي گول چندان، منهنجي ٿولهي ۽ وڏن ۽ اڻ پڙهيلن وٽ موجود آهي. هنن جون ڪچهريون، ٻيهڪون، رهاڻيون انهيءَ حقيقت جي کليل ثابتيون آهن. عام طرح ڳوٺاڻا ڳجهاريون، بيت، ڏوهيڙا، وايون، ڪافيون، مداحون، جهر جهنگان ۾ جهونگاريندا ۽ ڳائيندا آهن. ۽ اها ئي هڪڙي شيءِ آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجا ڏک درد وساريندا ٿا..."

اهي لوڪ - گيت نه هجن ته اسان جي زندگي جيڪر مرائي موئي هجي ها. اهي گيت ئي اسان جي سک ڏک جا سنگي

٩. اهرياني ٻڪريان مهڙوالي ڪون چڙي ئي
ڪرڳهن جو ڳالهين، ساڻي سنگت ڪڙي ئي
سهڻا لولي، ٻگا لولي

١٠. مهري جو والا ٽٻڏي مهري ڪون ڪيسي
آيي دا جوان، جنهن ڪون لمبدا وسي
ٻگا لولي، مارو لولي

١١. چيڙيائي منجهيان ڳنڍي وبنديئي ٻوري
ٻورل ٻرديسي لائي، وبنديئن جو لوري
مارو لولي، ٻگا لولي

١٢. ٻارئون دريائون هاري هل کهيندا
سوني ٻنجالي، مولي ٻج چٽيندا
ٻگا لولي، مارو لولي

١٣. لولي جو لولي - لولي آکي نسي، جاڳا
درد وندياندي منڌي نور سڄاڳا
سهڻا لولي، منا لولي

١٤. ٻگا جو جوڙا گاه کاندا ٻندر دا
سوراندا ٻائي، حال ڏيوان ٽڌر دا
منا لولي، سهڻا لولي

١٥. گهوڙ ڪ ڏ ڳيرا، ٻيڻا هان ڏيونديئن
وسريان جو ڳالهيون ياد ڏيونديئن
مارو لولي، ٻگا لولي

١٦. مهري جو والا ميڪون ٻيلهه چڙهاوان
سات دي ڳڌل، ميڪون سات ملاوان
ٻگا لولي، مارو لولي

١٧. اڏريائي ڪونجان، وچ ساوي جو ڪونجي
هڪ ڏڪ ٽٻڏا، ڏوجهي اندردي موجهي
منا لولي، سهڻا لولي

ٽي. هيٺ ڪي لوليون ڏجن ٿيون:

١. اٻي دا جوڳي ڪوٺي لاڙ سنڌ آٽا
دٻس وسٽي ڪوٺي موٽي دا داٽا
مارو لولي، ٻگا لولي

٢. اٻي دا ٻڪي، جهڙ لميدا ميهڻ
مٽ جو ملان اڄ، جمع دا ڏيهن
ٻگا لولي، مارو لولي

٣. اوندا جو ٻدنين، لڳهه ڏٻدنين جو ٻاسا
ٻت هين ٻراوا، ڪوڙا ڏٻدين دلاسا
ماروُ لولي، ٻگا لولي

٤. در تو تيڏي تي ڪوٺي مڱاندي ٻاري
ڦڙ ڦڙ ڪڙي آن، سيڪون اوڙها ٻه ٽاڙي
ٻگا لولي، ماروُ لولي

٥. مهري جو والا ٽڏي، مهري ڪو نعاي
هولين هولين هڪلين، آڏو جٽاندا ميلي
ماروُ لولي، ٻگا لولي

٦. ٻر تو ٽڏي تي ڪوٺي چال نماڻي
ڪر گهن ڳالهين وٻندي راس ولهاڻي
سهٽا لولي، منا لولي

٧. مهري جو والا ٽڏي مهري ڪون لڳي
لون ٿي شهزادي، ٽڏا ٻارٽ ٻنڳي
ٻگا لولي، ماروُ لولي

٨. اهڙاني ٻڪران مهڙ والي ڪرن ڳاني
مٽي تي ميندي اولان ڪڙدي نماني
ٻگا لولي، ماروُ لولي

ڇو ضروري آهي ۽ ان جي اڀياس مان اسان کي ڇا ٿو حاصل ٿئي ان بابت لوڪ - گيتن کي باريڪ بينيءَ سان اڀياس ڪرڻ گهرجي ته معلوم ٿيندو.

## لوڪ - گيتن ۾ اتهاس

لوڪ - گيتن دوارا ڪنهن به ديش جي سنسڪرتي ۽ انجي ٺيٺڪي عوامي زندگي بابت لوڪ - جيون جي واقفيت ملي ٿي. ريتون رسمون ڌارمڪ اتسو وغيره جي موقعن تي ڳايل گيتن ۾ جنتا جو چٽُ ملي ٿو.

لوڪ - گيتن ۾ اتهاس جي جهلڪ به ملي ٿي. مهاراشٽر جي ”پوڙا“ گيتن کي اتهاس جي هڪ وڏي سمپتي (ملڪيت) سمجهيو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح جهانسيءَ جي آس پاس ۾ مهاراڻي لڪشمي ٻائيءَ بابت ڪي گيت آهن، جن ۾ سنه ١٨٥٧ع جي آزاديءَ جي جنگ جو ذڪر ٿو اچي وڃي. اهڙيءَ طرح راجستاني لوڪ - گيتن ۾ راڻي پرتاب سنگهه ۽ ٻين جي بهادريءَ جو ورڻن ملندو.

سنڌيءَ ۾ اهڙا اتهاسڪ لوڪ - گيت ڪافي آهن جن مان ڪن ۾ ”دودو چنيسر“ جي جنگ جو احوال ۽ بهادريءَ جا بيان ملندا ۽ تواريخي واقعا به ڏنل آهن.

شري محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ لکي ٿو ته:

> ”سنڌ جا حاڪم سومرا ۽ سما صفا سنڌي
> ٻولي وارا هئا. انهن حاڪمن ۽ اميرن
> جي ڪچهرين ۾ ڀٽ ۽ ٻيا فقير سادي
> سنڌي شعر ( Ballad ) جهونيون
> تواريخي ڳالهيون ۽ نقل نذر ڳائيندا

١٨. ڳهوڪ نہ ڳيرا، ليڪون ڪيها ڳماڻي
اسان پرديسي، ساڏا وطن ملتاني
ماروُ لولي، ڳگا لولي

١٩. ڏر ڏولڻڏي لي، ڪوٺي ٻر ڏا لڳڏي
هيٺون سواري آؤن، لڳي ڏا جهڏهي
ڳگا لولي، ماروُ لولي

٢٠. اڏي واليانڌي، ڪرهئي هي ٻوري
مٺاندي چان ڪرهڻان ڏپ ٻونڌهئي زوري
ماروُ لولي، ڳگا لولي

## محرم لولي

هيءَ لولي راز محرم دوست وانگر ڪم ڏيڻ ڪري، هن صنف جو نالو ئي "محرم لولي" پئجي ويو آهي.

لوليءَ جو هر هڪ بند هڪ الڳ مضمون تي مدار رکي ٿو، ان جو ٻئي بند سان ڪوبہ تعلق نہ آهي.

### ١. عاشق

وو ...... لولي ڏان لولي، لولي ليان دي اوٽي،
ٻونا الاهين، دل ڏيجي دي ڪوٺي،
محرم لولي، هي لو ......
هي لوڙي ... لوُو لولي، پاوڙي پوُرل لولي.

### ٢. عورت

وو ... وهندي نہ واهي، لڙه ٻوندي ني ڳهانگهي
دلڙا ٻرسان دم دلبر دي سانگي،
محرم لولي، هي لو ......
هي لوڙي ...... لوو لولي، پاوڙي سهڻل لولي.

ٻئي سنڌي لوڪ - گيتن جا گهڻا قسم ڏنا ويا آهن ۽ انهن جي چونڊ ڪئي وئي آهي. لوڪ - گيتن جو اڀياس

انهن اتهاسڪ لوڪ - گيتن مان اسان کي ان زماني جي جنگين جي حالت ۽ ان وقت جي بهادر سپهه سالارن جي سورهيائي جي سڌ پئي ٿي، جيئن ڪ اڏڙي جي. اهڙا ٻيا به ڪيترائي اتهاسڪ لوڪ - گيت آهن.

## لوڪ - گيتن ۾ سماجڪ چِٽر

لوڪ - گيتن ۾ اسان کي ان وقت جي سماج جو عڪس نظر ايندو. شري ديويندر ستيارٿيءَ ٿ. لوڪ - گيتن جو بنياد انهن جاتين جي وهنوار ۽ جاتي. سنگيت ۾ پاتو آهي. ※

اڳي واري زماني ۾ هڪ ڳوٺ جي ڇوڪري ٻئي ڳوٺ ۾ پرڻائي ويندي هئي، پوءِ ان وقت سنڌ ماءُ پيءُ کا پاڻ اڪيرو وڇڙو ويندو نه ويندا هئا، ڇو جو مسافريءَ جون مشڪلاتون هونديون هيون. ان وقت جو هڪ لوڪ - گيت آهي، جنهن ۾ ڌيءَ پنهنجي ماءُ وٽان آيل سوکڙي بابت پڇي ٿي ته:

"امڙ موڪلي ڇا مڪو
اڄ ميٺو مٺيرو
مان امڙ ڏي ڇا مڃان؟
الا! جگر سندو جيرو
پالل ڪندم پيرو
کهڙيءَ ويل هنڙي؟
ها، ها، منهنجو پيئڙو
بولي لن ۾ رام ۽ پيئڙو."

ڪاڻون پا ڪوڙن رسمي سنهو مڙڪلڻ جو رواج به ان وقت ۾ هو، ان بابت به ڪيئي لوڪ - گيت آهن ۽ اڄ به جي

※ Its seed lies in cammunity singing ...
from : "Meet my people."

هئا ۽ انعام حاصل ڪندا هئا. اهو دستور
اڄ تائين به سنڌ ۾ ڪن هنڌ هلندو اچي.
دودي ۽ چنيسر وارو لڙائي
قصو سنڌ ۾ مشهور آهي. هڪ فقير اهو
قصو ٻڌائڻ ۾ راڳ جو ڪچهرين ۾ آلاپ
سان ڇيڙيندا هئا، انهن گيتن ۾ عشق جا
جذبا به آهن ته لڙائيءَ ۽ بهادريءَ جو
جوش به آهي..."

هيٺ ڏيئي آهن، جن ۾ بادشاهيءَ جي ڀڄ لاءِ سردار چنيسر
کي گهرائي چون ٿا:

"ها، ڀڄائڻ ڀي جي، آءٌ چنيسر آءٌ،
ڀاڳ سڀاڳو ڀيڻيجو لوڪي ڇڏيو ماءُ."

انهيءَ چنيسر وراڻي ڏني ته:

"انهين ستين ڪڙيو سڀاڻ جو ته گهمي اڄان گهران
وڃي ڀڄ جا ور هنجي ڀڄي اچان انهن ماءُ."

ان بعد انهيءَ لاءِ دوديءَ ۽ چنيسر جي وچ جنگ
ٿي لڳي، چون ٿا ته ان جنگ جهڙي ڪا ان کان اڳ... سنڌ ۾
ڪڏهين ڪانه لڳي.

ان جنگ جو بيان ڪندي هڪ لوڪ - ڪويءَ چيو آهي ته:

"واچوڙي جيان وچڙي گهوڙ ڏوڙ ڪيا
ته لڪ ڏهن آڳرا ماري حلق وڌا
سورهه سڀ ٿيا، واري سڀ وچوڙي ويا"

ان جنگ ۾ ڪڇ جي آڙي حاڪم جي بهادريءَ جو ذڪر ان
وقت جي هينئين لوڪ - گيت مان ملندو، گيت آهي ته:

"سچ ٿو... ڪري سورهيو ڏاڏان ڏوڏ وڪار
الي ابڙو انهن وڙهي جنهن ڀاڳي لوڙي ڏار"

۽ رکيون آهن. ان ڪري گيت ڳائيندڙن ان کي اهڙيءَ طرح بدلايو آهي. سنڌي ۾ ونڊر جي خيال کان اڳ، واري زماني ۾ شراب ورتايو ويندو هو. هن گيت ۾ وري ڏيکاريل آهي تہ، سنڌي ۾ ڦولت جي ٽپ کان گهوٽ پوسان هڪ رکشڪ (اهڙ) رکيو ويندو هو، جنهن کي بچاو لاءِ هٿيار ــ، هوندو هو. اڄ جيتوڻيڪ اهي حالتون ڪونہ آهن پر ڏهين ۾ شاديءَ وقت اها رسم ادا ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح ٻين ۾ ڪيترن ئي سنڌي لوڪ - گيتن مان سماجڪ چٽر ملندو.

## لوڪ - گيتن ۾ مانو هرديہ

ساهتيہ جي ٻين وڀاڳن ۾ سنڌي ساهتيہ، ڪٿي هندستان جي ٻين پرانتن جي ساهتيہ کان الڳ، نہ هجي پر لوڪ - گيتن جي اڀياس بعد ڏٺو ويو آهي تہ ڀارت جي سڀني پرانتن جي لوڪ - گيتن ۾ مانو هردہ، ساڳيو آهي.

سنڌي لوڪ - گيت، ٻين ڪنهن بہ پرانت جي لوڪ - گيتن کان گهٽ ڪونہ آهن. ٻڪ لوڪ - ساهتيہ ڪيترو ۾ سنڌي لوڪ - گيت ڀارت جي ٻين پرانتڪ لوڪ - گيتن کان الڳ سمجهڻ بہ غلطي آهي. گيتن پڙهندي ائين معلوم ٿيندو تہ گويا هڪ ئي لهر ڦهليل آهي جا ڪشمير کان وٺي راس ڪامورن تائين تہ ٻڪ هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيل آهي ۽ گجراتي، راجستاني، پنجابي، سنڌي ۽ هماچل پرديش جي لوڪ - گيتن ۾ ساڳيءَ طرح سمايل آهن. ائين اسو معلوم ٿئي جڻڪ گيتن جي دنيا ۾ ”لوڪ - هردہ“ ڀارت جي ڌار ڌار پرانتن ۾ ساڳيو آهي. آڪار پرڪار، سنسڪار، ڪرم ڪار ۽ ڪلپنا بہ هڪ جهڙي ئي آهي.

جهڙيءَ طرح هڪ مهاساگر جي مٿان اڀرندڙ لهرون پري کان ڌار ڌار رنگن ۾ نظر ايندڙيون آهن، ڪٿي نيرايون تہ ڪٿي سفيد

ڪنهن ڍور جي پٺ تي جيڪر ڪانو لونڊو آهي ته ڀائون چوندا آهن ته ڪو نه ڪو مهمان اچڻو آهي ۽ ڪانو انهيءَ پيغام ٿو ڏئي. انهيءَ تي هڪ ٻول آهي ته:

”اءِ ڪانو ڏيانءِ ڏَڪي
ڪاڻ لڪي، پاڻ ڪير ٿو اچي؟“

لوڪ - گيتن ۾ شادين جي رسمن ۾ ڪم ايندڙ چيزن جو ورنن ته ڏاڍي مزيدار نموني ۾ ڪيو ويندو آهي. انهن ۾ گهڻن جا نالا، مائٽن جا ناتا، روزاني وهنوار ۾ ڪم ايندڙ چيزن جا نالا هر هر پيا ايندا آهن. انهن نالن مان ڄاڻ پوندي آهي ته اهي گيت ڪهڙي زماني ۽ ڪهڙين پرچلت رسمن وقت چيا ويا هئا. انهيءَ تي هڪ لوڪ - گيت آهي ته:

”هلندا هلو مهنجي آدل جا ڄاڃي
آدل جا ڄاڃي، پاپل جا ڄاڃي
پاپل موڙ ٻڌي، ڄڃ ته اڳين ۾
پيگ پيندا هلو
هلندا هلو، مهنجي آدل جا ڄاڃي“

ٻيـا

”اُٺر، هٿن ۾ ڪاٺي ته ڪڍائي
ڪير هن کي گهوڙت پر ته چڙهائي
گهمڻ خوشيءَ جا ڳايان
لاڏل نوڪي سڏي سمجهايان.“

هنن ان گيتن مان به اسان کي ان وقت جي حالتن ۽ شاديءَ وقت هلندڙ رسمن جي جهلڪي ملندي. اڳ، هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين شاديءَ لاءِ وڃڻو پوندو هو، انهيءَ گهوڙت گهوڙيءَ تي ۽ ڄاڃي گاڏن ۾ ويندا هئا، پر اڄ واري زماني ۾ موٽرن

مثال آهي ته:

اي اڪا ٺٽ ۾ ڪڙي ماڙي
سون گهرائين ڇوٽي،
منهنجو اميال ته شپ وقت ٿيو
جڏهن منهنجي پٽيءَ ڍوارو اٿهي لوڪي ٺهرايو

وڏيڪ ڪلهنا ۾ پٽيءَ کي چري ٿي ته:

"اي مالڪ، هيءَ ماڙي اس پراڻي ٿي ويئي
۽ هن جي ڇت مان برسات جو پاڻي وهي
هاڻ گهر اچ منهنجا ساجن
مان تو لاءِ واجهايان ٿي......"

سنڌيءَ ۾ اهڙي ٿي پاڙنا (وڇوڙي جو) جو لوڪ - گيت آهي ته:

ٺڪا روئي نيڻ نماڻا
اچ سوڀل پار سياڻا
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان
ڏينهن ڏکن جا ويٺي ڏوريان
پورا پيا نه پچاڻان
اچ سوڀل پار سياڻا
اوه الڻ ۾ اڻاه اڳاڻي
ورهه وڇوڙي ٺٻ وڃائي
سور ڪيا اڱڻ ساڻا
اچ سوڀل پار سياڻان."

پيو ويري هماچل پرديش جو هڪ لوڪ - گيت آهي، جنهن ۾ هڪ وڇوڙيل استري پادل کي اپلاز منت ڪري چئي ٿي ته تون منهنجي ساجن جي ملڪ ۾ وسج ۽ اهو موٽي ٺورو ڪر،

۽ ڪٿي ڪٿي جهڪي رنگ واريون. پر حقيقت ۾ اهي سڀئي هڪ ئي رنگ جون هونديون آهن.

اهڙيءَ طرح لوڪ - گيتن ۾ ان ٻولي ۽ ڪن لفظن جي مٺاڻري ۽ انڪن کي هٽائڻ بعد انهن ۾ اهي ئي ساڳيا سنسڪار، اهي ئي ڪومل ڀاونائون انسان کي جدا جدا پرانتڪ لوڪ - گيتن ۾ نظر اينديون پر اهو تڏهين معلوم ٿيندو، جڏهين اسين انهن سڀني ٻولين جي لوڪ - گيتن جو اڀياس ڪنداسين.

پيٽ ڪجي ته سنڌي لوڪ - گيتن ۽ ٻين پرانتڪ لوڪ - گيتن ۾ هڪجهڙائي آهي ۽ لوڪ - گيتن ۾ مانو هردي ساڳيو آهي.

راجستان جو هيءُ هڪ وڇوڙي جو لوڪ - گيت آهي، هن گيت ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ استريءَ جو پتي پرديس ۾ آهي، هوءَ گهوٽ کان سواءِ سڄو گهر سڃو ٿي سمجهي - وڇوڙي ۾ هوءَ روئي چوي ٿي ته:

”تو ڪيون اي
ميڙي وارڻ ٻڪمگي
ٿاري لڳي اي
ڏرم ڪسي ٿيدو
اي دن ساجن
آپ چٽا وا
راوني پراڻي پدور جي
هو ڪٿي جي
هو جي ڪوئي
ٽمڪڻ لاڳيا جوڻ
اب ڏهر آنو ٿوري
ڪا سپنا جي.“

آڳي ٽان چرخا رنگلا
ٽـٽـڻـي ٽـٽـڙا لال
چڪلي دي اڌر چاڪلا
چڪلي دي اڌر ڪٽو
ڪتڻوالي ناچو ڪو مئي."

(معنيٰ منهنجو چرخو اٺن ڦاڪن جو ٺهيل آهي. منهنجي ڦاڳي کي ٽانءُ آهي. مان تمام سٺو ۽ نڍيءَ جيترو ٻڳهو ڦاڳو ٺي ڪيان، ساڻهون رنگيل چرخو آهي.)

هڪ گجراتي لوڪ - گيت ۾ وري چرخي بابت آهي ته:

"ساس اي اهو اي
ڀڻڻيان ري ڪاڻي
ڪاتنا باٻجڻي
ٻـوچـڻـي ري
ميري سهيري سماڻي
اهوري اهومني ٻوٽيو."

سنڌيءَ ۾ شاهه صاحب به ان چرخي جا مثال ڏاڍي ڪافي ڪجهه ڏنو آهي.

## لوڪ - گيتن ۾ دهر (Repetition)

لوڪ - گيتن جي اها به خاصيت آهي ته ان ۾ مصرع گهڻو ڪري هڪڙي هوندي آهي، ۽ دهرايا وري چوڻ Repetition وڌيڪ هوندي آهي. جيئن ڪ هيٺين گيتن ۾:

١. ساٿي ڪشمش ميوو ته مٺڙيءَ جو
هن ميوي جو ملهه ٻيا هي!
اسان جو لاڏو خوراڪي آهي.

گيت آهي ته :

"ڳڙڪ چمڪ، پانيان ميگهاهو
ٻه چميا لان، دي ڏسا هو
نهيان ڳڙڪان، کهيان چمڪان هو
امـر پورا ٿاري هو."

سنڌيءَ ۾ به اهڙي ونچار وارو هڪ لوڪ-گيت آهي، جنهن ۾ مارئي پاڻ کي پنهنجي ساڄن (ٻ مارون) جي ملڪ ۾ وسڪاءِ عرض ٿي ڪري، گيت آهي ته :

"وڃي ويجهو وڻڇن جي وسڃاڻ
ڪي ٻوڪ ٻدهارن جي ٻسڃاڻ
ڏيو حال دکاڻ جو ته ڏسجاڻ
جا مارن ريءَ ٿي مٺس مري
ڪر خبر وسڪ جا واس ڪري."

نه فقط اهي پر ٻيا به ڪيترا ئي گيت آهن، جن ۾ مانو-هردي ساڳيو آهي.

چرخو ڀارت جي تمام پراچين چيز آهي، آريه لوڪ پنهنجي هٿن سان ڪتيل سٽ جو استعمال ڪندا هئا، آڳاٽي زماني ۾ گهر گهر ۾ چرخو هوندو هو، ان چرخي بابت به ڪيترا ئي لوڪ - گيت آهن. هڪ پنجابي لوڪ - گيت ۾ چرخي بابت آهي ته :

"چرخا ميرا اڌ-ڦاڪڙا
مال ميري ٿون ٿار
اوٺي ٿان ٻندا لسڪي
ٿند کهيا ڊوڳا-ڳو

والا لاڏيءَ جا ماڻڪ موتي
لو ڪڏهن هي رنگ لاهو
پالل مهنجو راس پرڻايو."

ٻيا به اهڙا ڪيترائي گيت آهن جن ۾ دهر Repetition اڻواي طور ظاهر آهي.

## لوڪ - گيتن ۾ سکيا

ٻيا وري اهڙا لوڪ - گيت آهن. جن جي وسيلي ٻارن کي سکيا ڏني ويندي آهي. انهن گيتن ۾ ڪن چيزن بابت ڄاڻ ڏنل هوندي آهي. ٻارن جي اها فطرت هوندي آهي ته، هو هر ڳالهه سمجهڻ پانيلي ٻوليءَ ۽ سر ۾ چوندا آهن تڏهين انهن کي سکيا به اهڙي نموني سان ڏني ويندي هئي، هي گيت اهڙو ئي آهي.

"سو ڏيندو، سو ڏيندو، واڻڙيءَ ڦٽو
سا واٽ، سا واٽ، ڇيرڙي چاڙهين
سا ڇير، سا ڇير، گهوڙا چرن
سي گهوڙا، سي گهوڙا، لڏڙي لاهن،
سا لڏ، سا لڏ، ڪڻڪڙا ڪٽن
سي ڪڻڪ، سي ڪڻڪ، ٽانوڙا جرڻ
سي ٽانو، سي ٽانو، مانٽ ونن
سي مانٽ، سي مانٽ، پٽڙو رڌن
سو پٽڙو سو پٽڙو ٻارڙا کائن."

هن گيت ۾ ٻارن کي راڳ ڳائي رهنمائي سان گڏوگڏ علم به ڏنو ٿو وڃي، ته ڇير مفت ملندي آهي (اڳي، ۽ نه هاڻي) جنهن جا گهوڙا کائيندا آهن، گهوڙن جي لڏ مٽيءَ ۾ ملائڻ ڪري مٽيءَ جا ڏاڻو مضبوط ٿيندا آهن، اهي ڏاڻو ڪڻڪ ڏيهيندا آهن. هن گيت مان ان زماني جو پتو به ملي ٿو ته جڏهن اڄ ڪالهه مان

٢. جوڙل نه ڪاٺي ز ردالو ڪونيا جا
هن ميوي جـو ملهه چاهي!
اسان جو لاڏو خـو راڪي آهي."

هن گيت ۾ مکيه مصرع هڪ ئي آهي، ٻـوءِ ٻين مصراعن ۾ رڳو ٿالا ڌار ڌار ڏنا ويندا آهن، جيئن ڪ ٻهراڻ مصرع ۾ سائي ڪشمش ۽ ٻيءِ مصرع ۾ ز ردالو آهي.

ٻيو ٻ هڪ اهڙو ئي گيت آهي ته:

"لاڏو لڏڻ لاءِ ڦلي نه ڏهڙايم
ٻهن ئي هيرو سوُ جو رڪايم
جر جا ٻکيئڙا! ٻول، چا سڏايانءِ
جر جا ٻکيئڙا! خبر چا سڏايان."

اڳتي ٻين مصرعن ۾ رڳو ٻهراڻ سٽ ۾ ڌار ڌار ٻارن جا ناالا ڏنا ويندا آهن، باقي ٻيون سڀئي ساڳيون هونديون آهن. هي هڪ ٻيو گيت آهي:

"لاڏو لاڏيءَ ڪاڻ، ڊوڙي گهڙائيندو،
او نيمي هي رنگ لاڀو
ٻابل مهنجو راڄ ٻرڻايو
منديون لاڏل جون نيماڪاري
ٻـڙن هي رنگ لاڀو
اديون ٻابل راڄ ٻرڻايو
سڳو لاڏل جو سهڻو سائين
ٻـڙن جـوڙ اسـڻاڻو
واڙي مهنجو ادل ٻرڻايو
ڪنگڻيون ڪنوار جون
سـدا انـم سـهـڻيون
سوا-اري هي رنگ لاڀو

ڪل ايندي هئي ۽ انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا هئاسين. پر ۽ هيئن جيئن ان لوڪ - گيتن جو وڌيڪ اڀياس ۽ کوج ٿي لڏهن وڃي لوڪ - گيتن جي اهميت جي ڄاڻ پيئي.

ڪن ڄاڻن، لوڪ - گيتن جي کوجنائن ۾ وڃي انهن جو ملهه يا قيمت ڪٿي ۽ انهن کي ٻاهر آندو.

يورپ ڀر ۾ انگلنڊ ۾ ئي لوڪ - گيتن ڏانهن ڌيان ڏنو ويو، سترهين صديءَ جي وچ ڌاري (سنه ١٦٥٠) لوڪ - گيتن جي تلاش ۾ وڃي **بشپ پرسيءَ** ڪيترا ئي لوڪ - گيت گڏ ڪيا، ان بعد اتي جي مشهور اپنياسڪار **سر والٽر اسڪاٽ**، لوڪ گيتن ڏانهن ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو ۽ انهن جو خود پرچار ڪيو، انهن بابت ڪيترا ئي ليک لکيا ۽ ليڪچر ڏنا. ان بعد ته لوڪ - گيتن بابت هڪ زبردست لهر آئي، جنهن ڪيترن ئي مهاپرشن ۽ شاعرن کي ڀرڪايو. ليڪن آمريڪا جي ڪن ودوانن ئي انهيءَ ڪار ۾ سڦلتا حاصل ڪئي. جن ۾ **پروفيسر ايف. جي. چائيلڊ** جو نالو قابل ذڪر آهي جنهن اسڪاٽلنڊ ۽ انگلنڊ جي هڪ لوڪ - گيت لاءِ سرتوڙ جاکوڙ ڪئي جنهن تي اڄ انگريزي ساهتيه کي فخر آهي.

## ڀارت ۾

ڀارت جي جدا پرانتن جي الڳ الڳ ٻولين جي لوڪ - گيتن گڏ ڪرڻ جي ڪم ۾ اهي، ڪافي ڪوششون ٿي رهيون آهن — اهي ڪوششون ته ويهين صديءَ ۾ ٿيڻ لڳيون آهن، ۽ جدا جدا ٻولين ۾ ڌار ڌار شخصن دوارا اهو ڪم هليو آهي

گجرات ۾ سرگواسي زيورچند ميگهاڻيءَ ڪاٺياواڙ، سوراشٽر ۽ گجرات جو رٽن ڪري ڪيترو سارو لوڪ - ساهتيه گڏ ڪيو، جن جا ڪيترا ئي سنگره ظاهر ٿي چڪا آهن. "رڙيالي رات" (ٽي ڀاڱا) "چنڊڙي" (ٻه ڀاڱا) وغيره بنگالي جا لوڪ - گيت

ڍانو ڍاهي ڪم نه آڻيندا هئا ۽ سڀ ڪجهه مٽيءَ جي ڍانون ۾ رڌيندا پچائيندا هئا.

ٻيو به اهڙو سکياڏائڪ ٻال لوڪ - گيت آهي ته:

"ٻُسو لڌم ٻِٽ تان
ٻُسي ورتم گاهه
گاهه ڏنم ڍڳيءَ کي
ڍڳيءَ ڏنو کير
کير ڏنم امان کي
امان ڏني لولي
لولي ڏنم ڪانءَ کي
ڪانءَ ڏنو کنڀ
کنڀ ڏنم راجا کي
راجا ڏني گهوڙي
چڙهي گهمان، چڙهي ڏُهمان
چمڪن ڦڙاڪو
جيئي منهنجو ڪاڪو"

هي ان زماني جو گيت آهي جڏهن کان گاهه ٻُسن تي ملڻ لڳو. گاهه ڳانءِ کائيندي آهي ۽ ان بعد ئي کير ڏيندي آهي. ٻيو هن گيت مان معلوم ٿو ٿئي ته ان وقت جا حاڪم جنتا سان ڏاڍا مائل هئا ۽ ٻار به پنهنجي حاڪم کي پيار وچان سِرُ ڏڙي ڏيندا هئا.

## لوڪ - گيت سنگره ڪاريه

ڪو زمانو هو جو اسان لوڪ - گيتن کي وساري ڇڏيو هو، انهن مان اسان کي اِي سمجهڻ ۽ ڏيهاتپ جي بوءِ ايندي هئي. جهڙيءَ طرح ڪنهن سڀيه سماج ۾ ڪنهن ڳوٺاڻي جي اچڻ تي نڪ مچڙو آهي، اهڙي ئي نموني اسان کي لوڪ - گيتن تان نه

"...... پنجاھ کان وڌيڪ ٻولين جي اٽڪل ٽي لک ڪن گيت گڏ ڪرڻ ۾ ڪو سولو ڪم نہ آهي. ستيارٿيءَ جي زندگيءَ جا ويھہ ورهيہ ان ڪارڻ ۾ ويا آهن..."

اردوءَ جي پرسڌ شاعر ساحر لڌيانويءَ، ديو يندر ستيارٿيءَ جي ڪم بابت لکيو آهي تہ:

"......هن (ستيارٿيءَ) واقعي وڏي ۾
وڏي قرباني ڏني آهي، لوڪ - گيتن
جي تلاش ۾ هي هندستان جو چپو چپو
ڇڪيو. ويهن قسمن جون ٻوليون
سکيو، ڪسانن سان گڏ ڪسان ٿيو،
هن پنهنجي جوانيءَ جي امنگن ڀرين
راتين جو گلو گهٽيو، ليڪن هن کي ان
هيتري ساري محنت، هيڏي قربانيءَ
جي بدلي ۾ ڇا مليو ... ؟ هڪ بيڪار
زندگي ۽ بي آرام دل..."

راجستاني لوڪ - گيتن جي گڏ ڪرڻ جو ڪم شري سوريہ ڪرڻ پارڪ جي ڪوشش سان ٿي رهيو آهي.

اهڙيءَ طرح ٻين ٻولين جي لوڪ - گيتن گڏ ڪرڻ جو ڪم اڃا سوڌو ٿي رهيو آهي ۽ ڪيترا سنگرھ نڪرن ٿا پيا

ڪن شخصن تہ جدا جدا ٻولين جي لوڪ-گيتن ۽ لوڪ - ساهتيہ جي اڀياس ڪرڻ سان ڊاڪٽريٽ بہ ورتي آهي.

سنڌي لوڪ - گيتن گڏ ڪرڻ جو ڪم هت ڀارت ۾ شري نارائڻ ڀاريءَ دوران سال ١٩٥١ع کان ٿي رهيو آهي ۽ انهن جا سنگرھ هرجمالو، سنڌڙي ٿي ڳائي، ميھنديءَ رتا هٿڙا، سنگيت جي لاٽ ٿري لوڪ - گيت نڪري چڪا آهن.

ورهاڱي بعد سنڌ ۾ سنڌي لوڪ - ادب جي اسڪيم هيٺ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سرپرستيءَ ۾ لوڪ - گيت گڏ ٿي رهيا آهن ۽ انهن جا ڪيترائي سنگرھ ظاهر ٿي چڪا آهن.

پر سنڌي لوڪ-گيتن جي سنگرھ جو ڪم ڀارت ۾ اڃا اڻاٺ آهي. وقت اچي جڏهين ڪي نوجوان ان ڪم ۾ لڳي وڃن. ●

ڏرڏهو ٽئگور جي نظرداريءَ هيٺ ڪٺا ٿي رهيا هئا، جي وقت بوقت شانتينڪيتن جي ماهوار رسالي "ڀارتي" ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. هاڻ به اهو ڪم هلي رهيو آهي.

مرهٽيءَ جا ڪملا ديوي ديشپانڊي، ساني گروجي، ڪاڪا ڪاليڪر گڏ ڪيا. پنجابيءَ جا لوڪ گيت شري رام شرڻ داس، اپيندر ناٿ اشڪ، امرتا پريتم ۽ ديويندر ستيارٿيءَ گڏ ڪيا.

هنديءَ جا لوڪ - گيت، ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ گڏ ٿي رهيا آهن.

سن ١٩٢٤ع ۾ شري رام نريش ترپاٺي، هندي لوڪ - گيت گڏ ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ گهڙي پيو ۽ هزارن ڳوٺن ۾ وڃي گيت ڪٺا ڪيا، انهن گيتن جا سنگرهه "ڪويتا ڪومدي" (پنج ڀاڱا) ۽ "گرام ساهتيه" جي نالي سان ظاهر ٿيل آهن.

شري رام نريش ترپاٺي لوڪ-گيتن گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

"...... لوڪ-گيتن گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪافي ڏکيو
آهي هي ڪم ڇنڊڻ ڇپائڻ سان ٿي نٿو سگهي،
هن ڪم لاءِ خود کي ٿي وڃڻو ٿو پوي......"

شري رام نريش ترپاٺيءَ وانگر سن ١٩٢٧ع ۾ شري ديويندر ستيارٿي به انهن لوڪ - گيتن گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ترپاٺيءَ جي لوڪ - گيتن پيش ڪرڻ جو ڍنگ وگيانڪ آهي، پر ستيارٿيءَ جو ڍنگ ڀاونا پرڌان آهي. هن سڄي هندستان جو رٽن ڪري جدا جدا پرانتڪ ٻولين جا انڪل ٻه لک ڪن لوڪ - گيت گڏ ڪيا آهن. هن جا لوڪ - گيت سنگرهه آهن "ڌرتي گاتي هئ" "ڌيري بهو گنگا" "بيلا ڦولي آڌي رات" ۽ "باجت آوي ڍول".

شري ديويندر ستيارٿيءَ جي ڪم بابت ديش ڀڳت مهاتما گانڌيءَ "گجرات جو ساهتيه" Literature of Gujrat ۾ لکيو آهي ته:

# سنڌي لوڪ - ڪٿائون

ڳيچ، گيت ۽ ڪهاڻي لوڪ - جيون جي نموني آهن، اهي نموني پراڻي هوندي به نئين آهي.

ڳيچ، گيت ۽ ڪهاڻي عوامي ادب جو نه فقط روح آهن، پر سندس زبان ۽ دل پڻ آهن آتما جا واڪ، ۽ مــن آهن. لوڪ - ڪٿائون (ڪهاڻيون) جدا جدا ورنن ۾ لوڪ - جيون جا چٽا آهن، نقش آهن. شروع واري زماني کان وٺي اهي اسان سان گڏ آهن. انسان جي سک، دک، پرهت - ويڙهه ورتن، انهن سڀني گڏجي لوڪ - ڪٿائن جو پس منظر ٺاهيو آهي. رهڻ ڪرڻ، رسم رواج، ڌرمي وشواس ۽ سوچا پاڻ، انهن سڀني ملي لوڪ - ڪٿا جو ٺاٺ ٺهي ٿو.

من جي آنڌمانڌ کي هٽائڻ يا دل پرچائڻ لاءِ ڪهاڻي انساني تهذيب جي قديمي زماني کان وٺي پنهنجي آثار رکي آهي. ۽ اڄ به ان جي ان خاصيت ۽ اهميت ۾ ڪو خاص ڦيرو ڪونه پيو آهي. انساني من ۾ جي امنگ ۽ آتما اڀرن ٿا انهن جي پرولي، انهن جو ساهتيه، انهن جو روپ آهي لوڪ - ڪٿائون (۽ لوڪ - گيت به) آهن. سنسار جو ساهتيه اهڙن ڪهاڻين، ڪٿائن ۽ گيتن سان ڀريو پيو آهي. "جيئن سرن ۽ گاري سان يا انهن جي مدد سان جڳهه ٺهندي آهي، تيئن جدا جدا آزمودن جي سهائتا سان ڪهاڻين (ڪٿائن) جو روپ ٺهي تيار ٿو ٿئي." (1)

## ڪـٿـا

ڪٿا لفظ کي پرڀنچڙ الهاس آهي، "رگ ويد، اٿر ويد، سام

(1) واسديو شرڻ اگروال "پاڇاڻ نگري" جي ڀومڪا ۾.

پوشڪن لوڪ - ڪٿائن جي اهميت کي سڃاتو ۽ هن انهنجي بنياد تي پنهنجون ڪاويون ۽ ڪويتائن جا پورا ڪڙا ڪيا.

هڪ ٻئي روسي ليکڪ گوگل به پنهنجون ڪهاڻيون، ڪرائين جي لوڪ - ڪٿائن جي آڌار تي لکيون. ٽالسٽاءِ، دوستووسڪي وغيره به لوڪ - ساهتيه ڀنڊار مان ڪافي سهائتا ورتي. (١)

ڀارتي ليکڪن مان منشي پريمچند جون ڪي ڪهاڻيون، جهڙوڪ "وڪرماجيت جي تلوار" وغيره لوڪ - ڪٿائن تي آڌاريون رکن. گروديو ٽئگور جني هڪ مشهور ڪهاڻي جا انگريزي ڪتاب Stories From Tagore ۾ ڏنل آهي، جنهنجو عنوان آهي، "هڪڙو هو راجا..." ان جو بنياد به هڪ بنگالي لوڪ - ڪٿا تي آهي. گروديو شروعات به لوڪ - ڪٿا جيان ڪئي آهي. خواجه احمد عباس جي ڪهاڻي "هڪڙو هو راجا......" ڊاڪٽر ملڪ راج آنند جي ڪهاڻي "طوطو مئنا" به اهڙي ئي قسم جون ڪهاڻيون آهن.

مطلب ته اڄ دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ ساهتيه جي پيڙه انهن لوڪ - گيتن ۽ لوڪ - ڪٿائن تي ڪڏهين ئي وڃي.

بنياد:

لوڪ - ڪٿائن جو جنم ڪڏهن ٿيو، ان بابت پوري ڄاڻ نٿي ملي، ليڪن انومان ڪري سگهجي ٿو ته جڏهين کان سرشٽيءَ جو آرنڀ ٿيو ۽ هڪ ٻئي جي ڀاونائن کي سمجهڻ لاءِ ٻوليءَ جو وسيلو شروع ٿيو، تڏهن کان ئي لوڪ - ڪٿائن جو به جنم ٿيو هوندو. انسان جي فطرت ئي ڪجهه اهڙي قسم جي هوندي آهي جو هن کي ٻئي جي باري ۾ انتظار پيدا ڪندڙ ڳالهين چوڻ ۽ ٻڌڻ ۾ آنند ملندو آهي. ان فطرت جي پوراڻيءَ لاءِ ئي لوڪ - ڪٿائن جي رچنا ٿي هوندي.

(١) شري شيام پرمار جي ليک "مالوي لوڪ ساهتيه" ۾.

وٽ ۽ اُن وٽ ۾ ڪٿا، وارتا يا واڪيا وغيره مان نہ ڪو بہ لفظ نٿو ملي. ڪٿا لفظ وٽن ۾ ”ڪٿنت“ جو بگڙيل روپ آهي. اُن وٽ ۾ اتهاس، پراڻ ۽ گاٿا لفظ تہ ٿا ملن، انهن مان گاٿا لفظ جو استعمال رگ وِيد ۾ بہ ملي ٿو. ان جي معنيٰ گيت يا ٿڪبندي ڏني ويئي آهي. اها معنيٰ برهمڻ ۽ سوتر ساهتيہ ۾ بہ ملي ٿي...“ (١)

پراڻ، پراچين زماني جي ڪٿائن کي سڏبدا آهن. ان ڪري ئي مهاڀارت کي اتهاس يا پراڻ سڏبدا آهن. منهنجو اهو پڪو رايو آهي تہ مهاڀارت ۽ رامائڻ لوڪ - ڪٿائن جا حسين ۽ محبوب مجموعا آهن. انهن ئي لوڪ ڪٿائن مان ڪوبہ، ڪهاڻيون ڪٺي ساهتيڪ، گرنٿن جي رچنا ڪئي، جيئن تہ ڪاليداس جا شڪنتلا، ڪمارسنڀو، وڪرم اورشي ۽ رگهوونش ناٽڪ، ڀاروي جو ”ڪراتارجنيہ“ ۽ ماگهہ جو ”ششوپال وڌ“ ان جا مثال آهن

اگرچ انهن لوڪ ڪٿائن ۽ هنن ادبي تصنيفن جو پيدا ٿيڻ هڪ ڪلا جي زماني ۾ ئي ظاهر ٿيو، پر تہ بہ هاڻي هرڪو ڄاڻو اهو تہ مڃي ٿو تہ انهن ساهتيڪ چيزن جو بنياد اهي لوڪ ڪٿائون ئي آهن.

اڄوڪي زماني ۾ جي ڌرمي گرنٿ آهن، سي لوڪ - ڪٿائن کي لکي ۾ آڻڻ ڪري ظاهر ٿيل آهن. مثال طور ”جاتڪ“ جون ڪهاڻيون نيٺ لوڪ - ساهتيہ جون ئي ڏيکر آهن.

نہ فقط اهي ڪهاڻيون، پر بيہ بہ گهڻو ساهتيہ لوڪ - ساهتيہ تي آڌار ٿو رکي. جيئن ناول يا ڪهاڻي ساهتيہ، جنهنجو وشو ساهتيہ ۾ هڪ خاص درجو آهي، پر انهن اپنياسن ۽ ڪهاڻين جو آڌار گهڻي ڀاڱي انهي لوڪ - ڪٿائن تي آهي. جيئن مها ڪوي

(١) واسديو شرڻ اگروال جي ليک ” لوڪ - ساهتيہ جو اڀياس“ ۾.

قدرت تي ڦهلجي ٻهراڻ فتح
سان انسان (ڌرتيءَ جو لال) سواڀماني
(خوددار) ٿيو، کيس پنهنجي طاقت
جو احساس ٿيو ۽ منجهس نئين فتح
جي چاهنا پيدا ٿي. ان چاهنا هنکي
وري "وير گاٿا" (بهادرن جون
ڪهاڻيون) Ballades ڳائڻ لاءِ مجبور
ڪيو جا هن جي نئين ڄاڻ ۽ آزمودن
جو مجموعو اڳتي وڌي. جدنا وير
نائڪ (بهادر اڳوان) کي پنهنجو گذريل
گيان ڏيڻي، ڪڏهن کيس ديوتائن
جو درجو ڏنو ۽ ڪڏهين وري انکي
دئيت ڀٽائي ديوتائن جي مقابلي ۾
کڙو ڪيو. انهن ڪٿائن ۾ اسانکي
ان جنتا جي تصوير جون جهلڪون
ٿيون ملن......"

يعني انهن ڪٿي چئجي ته انسان جڏهين ٻهراڻ هن دنيا
ر آيو تڏهين کان ئي وٺي هن جي گيان يعني آزمودن جي
ڪهاڻي شروع ٿي.

لوڪ - ڪٿائن جي روايت تمام پراچين آهي. ٻهراڻ ٻهراڻ
يدن ۾ ٿي اسانکي لوڪ - ڪٿائن جي پيدائش ٿي ملي، رگ
يد ۾ به ڪيترائي اهڙا سلوڪ ملندا، جن ۾ ان ٻا ٽن اداڪارن
جي گفتگو ملندي، جنجي بنياد ۾ ڪي لوڪ ڪٿائون آهن.
برهمڻ گرنٿن ۾ به ڪيترئون ئي ڪٿائون موجود آهن.
شت پٿ برهمڻ ۾ پرورا ۽ اروشيءَ جي ڪٿا ڏنل آهي، ان
ڪٿا کي ٿي ڪٿي مها ڪوي ڪاليداس "وڪرم اروشي" ناٽڪ

اِن ٻابت مشهور روسي ليکڪ مئڪسم گورڪيءَ تمام صاف نموني ۾ لکيو آهي ته:

"......جنتا ۾ صرف دنيوي
Material ورڪن کي ئي پيدا ڪرڻ
جي طاقت ڪانهي، پر هوءَ مجهس
روحاني ورڪن کي پيدا ڪرڻ جي
ڪرامت پڻ آهي. جنتا اِن ماءُ جيان
آهي جنهن جنديءَ جي گود ڪڏهين
به خالي نٿي رهي. عوام ئي سڀ ساز
جو اوائلي فيلسوف آهي ۽ هوءَ آڳاٽو
شاعر آهي. دنيا جو ٻهترين ڪاويه
يا انڪان ۽ وڏيڪ ڪتسار جي سينتا
جو الهاس (دنيا جي تهذيب جي
آواراع) اِن جنتا ئي ڏاهيو آهي. ڌرم
مذهب کي جنم به جنتا ئي ڏنو آهي.
زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾
خالي هٿن سان ئي قدرت سان لڙندي
يئي (لوپ) عجب ۽ خوشيءَ سان
پرجي جنتا ڌرم کي جنم ڏنو يا
مذهب جي تخليق ڪئي. اهو ئي
مذهب سڄاس شعر ۽ نغمو هو ۽ مجهس
سمايل هو قدرت بنسبت سمورو
گيان ۽ آزمودو، جو ٻاهرين طاقت
سان مقابلو ڪندي جنتا کي حاصل
ٿيو هو، سو ڌرم جي روپ ۾
پرگهٽ ٿيو.

ٻي ڪميل لوڪ-ڪٿا گهڻو ننڍن ٻارن ۾ هلندو چالو آهي ۽ اهڙي لوڪ - ڪٿائون وڏن ۾ به. هيءَ (هيٺين) ڪهاڻي ٻارن جي لوڪ ڪٿا جو مثال آهي، ڪهاڻي آهي ته:

"......هڪ جهرڪيءَ جو لڏل
موتي، ڪانو کڻي ويو، جهرڪيءَ
ڪانو کي چيو، "ڪانو ڙي ڪانو،
موتي ڏي." ڪانو موتي نه ڏنائي
وڃي نم جي وڻ تي ويٺو، جهرڪي
وئي وڻ وٽ، چي "نم ڙي نم
ڪانو کي اڏاءِ، ڪانو موتي کي موتي
نه ڏي." نم چيو، "ڪانو منهنجو ڇا
بگاڙيو آهي، جو مان ڪيس اڏاريان؟"
اهو ٻڌي جهرڪي رئندي وئي
ڏکڻ وٽ......"

(هيٺين ڪهاڻي مالوا ديش جي آهي، جا هتي هوبهو ٿي ڏجي.)

"ليم ڪاگ اڙاءِ ني،
ڪاگ موتي دي ني،
چڙي روتي رائي"

چڙي گئي سُتار (ڏکڻ يا واڍو) ڪني
"سُتار سُتار ليم ڪاٽ" سُتار ني ڪها
"ليم ني مهارو ڪئي جو ليم ڪاٽون"

"سُتار ليم ڪاٽي ني،
ليم ڪاگ اڙاءِ ني،
ڪاگ موتي دي ني،
چڙي روتي رائي."

جي رچنا ڪئي. سنسڪرت ۾ لوڪ - ڪٿائن جو سڀ کان اوائلي مجموعو "برهت ڪٿا منجري" آهي، جي گرنٿ سنسڪرت سکندڙن لاءِ ابتدائي گرنٿ ثابت ٿيو.

مها ڪوي ڀاس، شوڙڪ ۽ هرش کي پنهنجي ناٽڪن لاءِ مصالحو هن گرنٿ مان ئي حاصل ٿيو. "ڪٿا سرت ساگر" "برهت ڪٿا" جي آڌار تي لکيل هڪ گرنٿ آهي. جنهن انگريزي انواد Ocean of Story نالي سان پرسڌ آهي؛ ٻيو ڪتاب آهي "پنچتنتر". هن جي ڪهاڻين يورپ جي ڪٿا ساهتيه کي وڌايو آهي. جنهن ليکڪ وشڻو شرما، راجڪمارن کي درٻاري فضيلت ۽ دنيا ۾ هلت چلت بابت اپديش ڪرڻ لاءِ، هن گرنٿ جي رچنا ڪئي هئي؛

"هتو اپديش" ۾ اهڙيءَ طرح لاڳاپو رکندڙ ڪٿائن جو سنگره آهي ۽ ٻيو ڪتاب "وتال پنچ ونشتي" راجا وڪرم سنبنڌي ڪٿائن جو مجموعو آهي. "جاتڪ" ۾ ٻڌ (گوتم ٻڌ) جي اڳين جنمن متعلق ڪهاڻيون آهن، جي انيڪ ساڌن پنج سئو کن ٿينديون. هنن جي ڀاشا پالي آهي. ڀاشا شاستر ۽ تاريخ شاستر جي لحاظ کان هنن جي ڪافي اهميت آهي.

قسم:

شروع کان وٺي اهي لوڪ - ڪٿائون نظم ۽ نثر، ٻنهي ۾ جدا اندر لوڪ - پريه ٿيون ۽ آهن. منجهائن گهڻيون ته اڄ تائين به لکيون ڪونه ويون آهن. اهي زباني هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ کي جهٽڪ وٺي ۾ هلنديون رهيون آهن. انهن مان ٻار ٻاڻ ۾ پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌائيندا نا اچن. ڳوٺ جون استريون منجهند جو پنهنجو ڪم ڪندي ۽ رات جو آرام ڪندي ڪهاڻيون ڪٿنديون آهن. ڳوٺن جا نوجوان ڪيترن ۾ پنهنجن وڏن کان ٻڌل ويل ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا آهن ۽ نظمي سر تال

نار ڀڳڙو نه ڏي
مان نه ڀڳڙو کاوان."

ڊاڪٽر چيس ته "نار مهنجو ڇا ڀڳاڙيو
آهي جو مان کيس ڪهاڻ، چوڪرو
ٻـوءِ ڳوٺ جي مکيءَ وٽ ويو. ان
بعد راجا، راڻي، ڪوئي ۽ ڪتي وٽ
ويو، وغيره.

شري چندرا مترا اهڙيءَ ڪٿا جي پرڀاشا Definition ڏيندي لکيو آهي ته:

"...لوڪ - ڪٿائن ننڍڙن ۽ معنوي
جملن ۾ بيان ٿين ٿيون. منجهن هر
نئين بند ۾ اڳين بندن ۾ آيل ڳالهيون
دهرائجن ٿيون ۽ انهن ڀاڱڙيءَ ۾ جڏ
انهن سڀني بندن ۾ آيل ڳالهين جو
اختصار جڙي ٿو..." ※

ڊاڪٽر شيندر ان نموني جي ڪٿائن کي "دهر واريون ڪٿائون" سڏيو آهي. ←

دهر وارن ڪهاڻين ۾ مکيه اداڪار ڏوارن ڪٺن چيز جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ڏکاري وڃي ٿي. هر اداڪار

※ "...Folk tales are Stories in which the narative goes on by means of Short and pithy sentences, and at every step of which all the previous Steps thereof are repeated till at last the whole Series of steps there of are recopitulated......"

← "ارچ لوڪ - ساهتيه جو ابياس" ۾.

چڙي ڪئي ٺپيل (مکي) کي پاس
"ٺپيل ٺپيل سنار کو ٺاهه"
ٺپيل ني کها "سنار ني مهاوو
ڪئي بگاڙيو، جو اسي ڊانون؟"
"ٺپيل سنار کو ڊاڻي ني،
سنار ليم ڪاٽي ني،
ليم ڪاڳ اڙايه ني،
ڪاڳ موني دي ني،
چڙي روئي رهي."

اهڙيءَ طرح اها چهرڪي مکيءَ کان پوءِ راجا وٽ، راجا کان پوءِ راڻيءَ وٽ، راڻيءَ بعد کوئي وٽ، ٻليءَ وٽ، ڪتي وٽ، لٺ وٽ، باهه وٽ، پاڻيءَ وٽ ۽ پاڻيءَ کان پوءِ واريءَ وٽ وئي. جا آخر ۾ هن جي ڳالهه مڃي ٿي ۽ چهرڪيءَ کي موتي واپس ٿو ملي.

اهڙي ئي هڪ سنڌي لوڪ - ڪٿا به آهي پر ان ۾ ڪانو جي بدران ڪاٺ جو ٺار آهي ۽ چهرڪيءَ جي بدران هڪ ڇوڪرو. موتيءَ بدران ٻيڳڙو آهي. ڪٿا آهي ته:

"هڪ ڏينهن هڪ ڇوڪر ٺار لي ويٺي
ٻيڳڙا کاڻا. انهن مان هڪ داڻو وڃي
ٺار اندر پيو. ڇوڪر ٺار کي چيو،
"ٺار ٺي ٺار مون کي ٻيڳڙو ڏي."
ٺار چيس، "هل ٺي هل، آيو آهي
ٻيڳڙو ونڻ." تنهن تي ڇوڪرو ويو ڊکڻ
وٽ چيو

"ڊکڻ ٺي ڊکڻ،
تون ٺار کي ڪپ،

پڌاري هئي.

هي ٻئي نينگريون اڄ ننڍيون سيان وڏيون، اچي سورهن ورهين کي رسيون. ڪڙيءَ مان وڏي گل ٿيون. ٻلا راجا کي به انهن ٻن ڌيئن کان سواءِ ٻيو ڪو اولاد هو ڪونه، سو راجا جو ٻنهي مٿن ڏاڍو آر هو. نينگريون ٻنهي کيس ڏاڍو پانيندڙيون هيون. انهن ئي وڏو ئي وقت گذرندو.

هڪ ڏينهن راجا پنهنجي ٻنهي ڌيئرن کي سڏائي پڇيو، "توهان ڪنهنجو ڏنو کائو ......" سندس وڏي ڌيءَ ٻملا جواب ڏنو، "پتاجي اسان توهان جو ڏنو ٿا پيئون کائون پيون توهان نه پاليو ها ته اڄ الائي اسانجي ڪهڙي درگتي ٿئي ها. شايد جيئريون به نه هجون ها......"

راجا اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو.

هن وري پنهنجيءَ ننڍي ڌيءَ ڪملا کان به ساڳيو سوال پڇيو. تنهن تي ان جواب ڏنو، "بابا... اسان ته پنهنجي ڀاڳ جو ڏنو پيون کائون انسان کي ڪهڙي طاقت آهي جو ڪنهنکي کارائي." اهو جواب ٻڌي راجا کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هن چيو، "چڱو

ڪوشش ڪري جيو جنتر، جڙ يا چيتن پدارٿ کان سهائتا وٺڻ لاءِ پرارٿنا ڪري ٿو، ٿوڪرون ٿو کاني. آخر ۾ مکيه اداڪار وڃي پنهنجي منزل کي ٿو رسي. انهن ڪٿائن مان اپديش ٿو ملي ته جيئن وڃي منزل تي رسجي، تيئن ڪوشش ڪرڻ کان بس نه ڪجي. نه فقط ايترو پر اها به نصيحت ٿي ملي ته هڪ کان وڌيڪ ٻيو پيو آهي. هڪ سير آهي ته ٻيو وري سوا سير آهي.

لوڪ - ڪٿائن جي اڀياس ڪرڻ بعد معلوم ٿيندو ته هيءَ (مٿيئن) ڪهاڻي ٻهار پرانت ۾ "طوطي مئنا" بنگال ۾ "لڪنڊي پکي ۽ حجام" سلون ۾ "ٻٻيري جي ڪهاڻي" برج ۾ "ڪوه ۽ ڍول" ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳي ٿي "ڄار ۽ چوڪر" جي نالي سان آهي. مالوي ڪهاڻي "ڪانو ۽ چهرڪي" ته ڏني اٿم. پڪ ٿي پڪ اها ڪهاڻي ٻين پرانتن ۾ به هوندي. انهن ۾ فقط نالا ۽ پاتر بدليل هوندا، باقي مقصد ۾ ڪو به تفاوت ڪو نه هوندو.

لوڪ - ڪٿائن جو وري ٻيو به قسم آهي، جنهن کي "نثري ڪٿا" چئجي ته به سونهين. اها ڪٿا رواجي طرح عوامي ٻولي (لوڪ - ڀاشا) ۾ ڪڍئين ويندي آهي. انجي شروعات گهڻي ڀاڱي "هڪڙو هو راجا......" سان ڪئي ويندي آهي، مثال طور ڏسو هيءَ ڪهاڻي:

"... هڪڙو هو راجا تنهن کي
هونديون هيون ٻه ڏيئرون. اهي ٻئي
هڪ ٻئي کان سندرتا ۾ سرس هيون
هڪڙيءَ جو نالو هو بملا ۽ ٻيءَ جو
هو ڪملا. سندن ماسڙي لمبڙي
هوندي ٿي کين ابهور ۽ پتا (راجا)
جي سهاري ڇڏي وڃي پرلوڪ

مٿان ڦٽڪندي ڦٽڪندي اچي هڪ
ننڍي ٽلاءَ ۾ پيئي. عجب جو
جهرڪي ٽلاءَ ۾ ٻوڙ ساڻ نوڙي ٿي
پيئي ۽ اڳي کان اُهو وڌيڪ وڌيڪ
سندر ڀاسڻ لڳي. ڪملا اهو حال
ڏسي، اهو درشيه ڏسي ڏاڍي خوش
ٿي. هوءَ ڦل ڦول ڪٽي وڃي پتيءَ
ڀيرو ٿي. ڪانڊ پيهڻ بعد هوءَ پنهنجي
پتيءَ واري نوڪري ڪٽي وڃي ان
ٽلاءَ ۾ ڦٽي ۽ پتيءَ کي ان ٽلاءَ
مان جل جا اوڳا ڀري سنان ڪرائڻ
لڳي. جنهن ٿي سندس پتيءَ سنان
ڪيو ليڪن ويو ٿي وڌيڪ
فرحت محسوس ڪندو.

هڪڙي اها ڪهڙي بيماري جهت
۾ دور ٿي ويئي. هو چوويهن پنجويهن
ورهين جو سندر نوجوان ٿي پيو.
ٻوءِ نه زال مڙس ڏاڍا خوش ٿيندا
اچي هڪ نئين حڪومت ۾ پيا.
شهر جي قلعي واري ڦاٽڪ مان
گهڙندي ٿي ماڻهن هنن کي گلن جا
هار پاتا. وزيرن اچي نوڙي پرڻام
ڪندي وينتي ڪئي، "هي راجن،
ڪالهه اسانجو پرجا پتي سرڳواس پڌاريو
آهي. هن ملڪ جو رواج آهي ته راجا
جي مرڻ پڄاڻا شهر ۾ جيڪو ا

مان ۽ ٽسندس ۽ اون پنهنجي پاڻ،
جو ڏنو ڪيڻ ئي کائين......“

ڪجهه ڏينهن بعد راجا املا جي
شادي پر واري ملڪ جي راڄڪمار
سان ڪرائي ڏنيءَ کي ڏاج ڏيڻ
۾ هاٿيون گهوڙا، نوڪر چاڪر ۽
خوب ڌن دولت ڏنو. ننڍي ڌيءُ
ڪملا جي شادي هڪ بيمار، ڪوڙهه
۾ ورتل شخص سان ڪرائي. ان کي
ڏاج ڏيڻ ۾ ڪجهه ڪونه ڏنو. چي
”مان ڇا ڏيان، هرڪو پاڻ جو ڏنو
ٿو کائي.“

املا ته وڃي ساهرن ۾ بيڪن
ڪاڻ ۽ وڏڪ خوش گذارڻ لڳي. ٻر
ننڍڙي ڌيڪر ڪملا پنهنجي بيمار
پتيءَ کي هڪ ٽوڪريءَ ۾ کڻي
وڃي ان ۾ وهاري، مٿي تي کڻي
هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ پنڪندي
رهي. انهن گهمندي گهمندي هڪ
ڏينهن اچي جهنگل ۾ پهتي.

ڪملا پتيءَ کي هڪ وڻ هيٺان
رکي پاڻ کاڌي جي الم ڦلن ڦولن جي
تلاش ۾ وئي. ڪجهه اڳيرو وڃي
هن ڏٺو ته هڪ ٻار هڪ جهرڪيءَ
جي ٻچيان پيو هيو ۽ هنکي پڪڙي
ماري ڦٽو ڪيائين. اهڙي مثل جهرڪي

يڪدم ئي سڀاڻو. هن ٻانهين کي حڪم ڪيو ته، انهيءَ ساڌوءَ کي اندر آڻي سندس پاڻي ڪرائي سينگاري، ڪارائي پيهاري مون وٽ آڻيو. ٻانهين هيٺ وڃي ٻيڪاريءَ کي سڌي ڪيس راڻيءَ جي آڳيا کان واقف ڪيو.

راجا دل ۾ ڏاڍو ڊنو، ڀر ته ڪري ٿي چا ڻي سگهيو. هڪدم قبول ڪرڻ کان سواءِ سندس لاءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه ڪونه هو.

ٻانهين راجا کي سينگاريءَ ڪارائي پيهاري راڻي ڪملا جي آڏو آڻي حاضر ڪيو. ڪملا پنهنجي ٻانهين کي صفحي مان ٻاهر نڪري هلي وڃڻ جو حڪم ڏنائين، ٻـيءَ کي آڻي پلنگ تي ويهاريو. پنهس کي ڪي خيال ٿي پيا هئا، سو هن کي اجا سوڌو نه سڃاڻي ڪونه سگهيو هو. ڪملا ٻيءَ کي ڏاڍي عزت ڏني ۽ کيس ٻڌايو ته هوءَ اهائي سندس نمڙي ڌيءَ ڪملا هئي، جنهنجو وهانو راجا هڪ ايمار سان ڪرايو هو.

پوءِ ته ڪملا سڀ کان وٺي سرستو احوال ڪري ٻڌايس. راجا سهو رو احوال ٻڌي ڏاڍو شرمندو

ٻهرڙون ٻهرڙون ٻاهرڙون شخص گهڙندو آهي، اسان ان کي ئي پرماتما جي طرفان موڪليل سمجهي راڄ ڪري ڇڏيندا آهيون. سو توهان هاڻي هن ملڪ جا راڄا آهيو ۽ اسان توهانجي پرجا."

ڪملا جي ٻڌيءَ اهر سڀ ڪجهه ايشور جي ڀاڄه سمجهي وزيرن جو عرض قبول ڪيو ۽ استريءَ جي مدد ۽ سهڪار سان راڄ هلائڻ لڳو.

هاڻي اچو ته هن راڄا جي احوال کان واقف ٿيون، جنهن ڪملا کي هڪ اپمار سان پرڻايو هو.

ڌيئرن جي شادي ڪرڻ بعد، ڪجهه وقت کان پوءِ سندس راڄ جي پڙ واري ملڪ مٿس ڪاھ ڪري سندس سڄو ملڪ پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ هي راڄا ڀڪاري ٿي در در کان پڪيا وٺندو اچي ان ملڪ ۾ پهتو، جتي سندس ننڍي ڌيءَ ڪملا راڻي هئي.

راڄا ڪملا راڻيءَ جي دوار وٽ اچي پڪيا گهري. ان وقت ڪملا محل جي دريءَ کان وٺي نزار جو نظارو ڏٺو. تنهن پنهنجي پتا کي

### (٢) ورت - ڪٿا:

ڌرم اُسانجي جيون جو اَنگ بڻيل رهيو آهي، ڌرم سان فرض، قاعدن ۽ رسمن سان اسانجو جيون جڙيو پيو آهي. ان ڪري اسان جي ڌرمي ڪرمن (ڪمن) ۾ ورتن جو مکيه آستان هئڻ، سڀاوڪ آهي. انهن ورتن متعلق اَنيڪ ڪهاڻيون پرچلت آهن. سنڌ ۾ سڀيئي نارائڻ جو ورت عام جام رکيو ويندو آهي ۽ اُن موقعي تي ڪٿا ڪئي ويندي آهي. "ڀالڪشمي"، "هولي" ۽ "تيجڙي" جي ڪٿا، استرين جي ورتن ۾ "گياڙس" نه ڪافي مشهور آهي ۽ انجي ڪٿا به.

### (٣) پريم - ڪٿا:

انهن ڪهاڻين (ڪٿائن) ۾ پريت جو ذڪر هوندو آهي. سڪ ۾ سڪائجڻ، محبت ۾ مرڻ، پيار ۾ پسجڻ تي انهن ڪٿائن ۾ ذڪر ڪيو ويندو آهي. پريت جو بيان ڏاڍي سندر نموني ڪيو ويندو آهي. هن درجي ۾ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل راڻو، هير رانجهو جهڙيون ڪٿائون ليکيون وڃن.

### (٤) دل بهلائيندڙ ڪٿائون:

هن ڪٿائن جو اُپديش فقط دل بهلائڻ لئي هوندو آهي. هن ڪٿائن ۾ منطق نه هوندو ئي ڪونهي. هن ڪٿائن ۾ وقت به وقت جا ڳالهه هوندي آهي، سا آهي روائتي ۽ اِنتظاري. هن قسم جي ڪٿائن کي ٻار ڏاڍي چاهه سان ٻڌندا آهن. مثال طور:

### (٥) سماجڪ ڪٿائون:

هن ڪٿائن ۾ سماج جي جدا جدا پهلوئن تي روشني وڌل هوندي آهي. هن ڪهاڻين ۾ راڄا جي انصاف، غريبي جي ڪارڻ جنتا جو ڪشٽ ڏسڻ، گهرو ڪٽ پٽ، ڏاڍي لٽي جي ڪلورن وغيره جو ذڪر ڪيل هوندو آهي.

هن قسم جون ڪيترائي ڪهاڻيون موجود آهن.

ٿيو ۽ چيو، "ڌيءُ، ابا تو سچ ٿي
چيو. تو هان منهنجو نڙي ڪاڍو. ٻيو
پنهنجي پاڳ. جو ڌڙ ٿي ڪاڍو
۽ ٻيون ڪاٽو ٿيون." پوءِ نه هو ٿياٽي
(ناٿي) ۽ ڌيءُ جي زور ڪرڻ لئي
ان ٿي ملڪ ۾ رهڻ لڳو ۽ مکيه وزير
ٿي ڪم ڪرڻ لڳو ...... شل ايشور
سڀني وڇڙيل کي ملائي ۽ من جون
مرادون پوريون ڪري، جيئن هنن
جون ڪيائين......"

هي آهي نثري ڪٿا جو مثال.

نثري ۽ نظمي ڪٿائن واري قسم کان سواءِ لوڪ - ڪٿائن کي وشيه جي لحاظ کان ته هيٺينءَ طرح ورهايو ويو آهي:

١. اپديش ڪٿا
٢. ورت - ڪٿا
٣. پريم - ڪٿا
۴. منورنجن - ڪٿا
٥. سماجڪ - ڪٿا
٦. پراڻڪ - ڪٿا

## (ا) اُپديش ڪٿا:

لوڪ - ساهت ۾ جيڪي ڪٿائون موجود آهن، انهن ۾ گهڻي ڀاڱي (پهرين قسم) اپديش ڪٿائون هونديون آهن. هنن ڪهاڻين ۾ نصيحت ڪيل هوندي آهي. پنچتنتر يا هتو اپديش اهڙين ڪٿائن جا سنگره آهن. اپديش ڪٿائن ۾ پهرائي سڌو اپديش پڌرو ٿيو آهي. ممڪن آهي ته هنن ڪٿائن جي رچنا ته انهيءَ مقصد کي ئي سامهون رکي ڪئي وئي هجي. اپديش ڪٿائن ۾ گهڻو ڪري جانورن ۽ پکين جي زبان مان ئي ڪهاڻيون چوايون ويون آهن. انهن سڀني ڪٿائن ۾ نيتي سمايل هوندي آهي.

ٿئي ٿي. پوندو ۽ هو ان زماني ۾ ان زماني کان هلندڙ لوڪ - سنسڪرتيءَ جو سچو سروپ ڏسي سگهندو. لوڪ - ڪٿائن جو واهپو شهرن جي ڀيٽ ۾ ڳوٺن ۾ ۽ ننڍين ننڍين بستين ۾ وڌيڪ آهي.

ان جو سبب اهو آهي جو شهرن ۾ اوچ نيچ، امير غريب، پڙهيل اڻ پڙهيل، وغيره جو ڪافي وڏو تفاوت رکيو ويندو آهي.

شهر ۾ صفائي ڪندڙ، هڪ ٻن سالن واري ٻالڪ لاءِ ڀنگي رهي ٿو. ليڪن ڳوٺ ۾ هو ڪنهن جو چاچو آهي ته، ڪنهن جو ڀائو. ڳوٺن ۾ نه ته سئنيما گهر آهن ۽ نه وري ڪي ڊراميٽڪ - ٿيٽر. ڳوٺ وارن جي لاءِ وندر جو ته ڪو وسيلو ئي هجڻ ته گهرجي. انهن لاءِ لوڪ - ڪٿائن جو ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ئي منورنجن ۽ دل ٻهلاو جي چيز آهي.

لوڪ - ڪٿائن ۾ ڪي مکيه خاصيتون آهن، جي ٻڌندڙ کي ڇڪ ڪندڙون آهن، اهي ڪشش ڪندڙ آهن.

روچڪتا (دلچسپي) ۽ انتظاري اهي ٻه مکيه ڳڻ آهن. انهن کان سواءِ نه کهاڻي اڳتي وڌي سگهي ٿي ۽ نه وري ٻڌڻ واري کي ئي ڪا ڪشش ڪري سگهي ٿي.

ڳوٺاڻا ته ويچارا هوندا ئي سادا آهن، انهن لاءِ ترڪ شاستر (منطق - Logic) ڄڻ ئي ڪو نه، سو هو سڀاويڪ يا اسڀاويڪ کي نه ڏسي فقط مزو وٺن.

انهيءَ کان سواءِ ٻيون ٻه ڪي خاصيتون آهن. انهن سڀني خاصيتن کي هيٺين ڇهن حصن ۾ ورهائي ٿو سگهجي.

| | | |
|---|---|---|
| ١. پريم ڀاونا | ٢. سندرتا | ٣. سک - انت |
| ۴. سٽ ڀاونا | ٥. انتظاري | ٦. امنگ |

## پريم:

لوڪ - ڪٿائن ۾ گهڻو ڪري پريم جي ئي ڀاونا ڏني وڃي

## (٦) پراڪرت ڪٿا:

لوڪ - ڪٿا ساهتيہ ۾ ڌرمي ڪهاڻين سان گڏ هندن جي بہ ڪا ڪمي آهي ئي ڪانہ. شو پاربتي، لڪشمي نارائڻ، نل دميتي ۽ روپ بسنت جهڙي ڪهاڻي ماڻهو ڏاڍي چاهہ سان ڪٿندا ۽ ٻڌندا آهن.

گوپيچند، راجا ڀرٿري ۽ سروڻ (شروڻ ڪمار) جي ڪٿا بہ ڪا گهٽ مشهور نہ آهي. اهي ڪهاڻيون پراڪرت نہ هونديون بہ انهيءَ درجي ۾ اچي ٿيون وڃن.

### خاصيتون:

لوڪ - ڪٿائن جي کوج ڪرڻ تي انهن جي انيڪ خاصيتن جي معلومات ٿئي ٿي. جيئن تہ لوڪ - ڪٿائن ۾ انهن جون گهٽنائون ڪجهہ اسڀاوڪ ٿين ٿيون، ليڪن لوڪ - ڪٿائن جي مکيتا بہ ڪو حقيقت پرستي نہ آهي. پر مدورنجن دل بهلاءُ ۽ ان سان گڏ اُپديش بہ. جيئن تہ ”پتورتا“ واري ڪهاڻيءَ ۾ پتورتا استري پنهنجي مئل پتيءَ جي لاش کي ڇڏي ڪين ڏهڻ ٿي ويهي رهي. اها هڪ ناممڪن ڳالهہ ٿي پاسي، پر جيڪڏهن ائين نہ ڪري تہ پوءِ ڪهاڻي اڳتي ڪيئن وڌي سگهي، ڪهاڻيءَ ۾ ان کان پوءِ ئي مزو ٿو اچي.

اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي ڪهاڻين ۾ ديوتائون ٿا اچن، ڏائڻيون راڪشس ٿا اچن، پريون ٿيون گهمن ۽ ناڳ راجمار ٿا بڻجن. اهي ڳالهيون برابر اسڀاوڪ آهن. ليڪن انهن سڀني کان سواءِ ڪهاڻين ۾ پورو پورو رس نٿو ڀري سگهجي.

ٻيو هن کان سواءِ هي ڪهاڻيون جنهن زماني ۾ رچيون ويون هيون اهو زمانو بہ تہ الوڪڪ (عجيب) ڳالهين ۾ وشواس ڪندو هو، ليڪن اڄ جو پاٺڪ (پڙهندڙ) جيڪڏهن انهن ڳالهين کي ڇڏي، ان ۾ هلندڙ زندگيءَ کي ئي گرهڻ ڪري تہ انهو رس

**سڀ ڀاونا: (سڀ جو ڀلو)**

سڀ ڀاونا، انهن ڪهاڻين جي مکيه خاصيت آهي. ڳوٺاڻو ڪلاڪار سنسار جو ڪلياڻ چاهيندو آهي. وشو جو ڀلو ڪرڻ واري ڀاونا، ته سنسار ۾ سڀني جو ڀلو ٿئي. ڪوبه شخص دکي نه هجي.

لوڪ - ڪهاڻين ۾ سڀني جي لاءِ فائدو چاهيو ويندو آهي.

**اِنتظاري:**

لوڪ - ڪهاڻين جو ٻيو مکيه گڻ آهي انهن ۾ اِنتظاري. جڏهن ڪٿا ۾ ٻڌڻ جي لاءِ ٻڌندڙن کي اِنتظاري نه آهي، ته اهو سمجهڻ گهرجي، ان ڪٿا ۾ ڪا به ڪشش ڪانه آهي. ان ڪسوٽيءَ تي اڳاڻڻ سان جي لوڪ - ڪهاڻيون ٺيڪ لڳيون اَچن ۽ اُنهن کي ٻڌڻ وقت اِنتظار رهي. اڳتي الائي ڇا ٿيندو؟ جو ويچار رهي ته اها لوڪ - ڪٿا ڪامياب سمجهڻ گهرجي.

**اُمنگ:**

ڪن ڪهاڻين ۾ اُمنگ جي ڀاونا به رهندي آهي. راڄ، رومانچ ڀوت پريت، راڪاس، پري وغيره سان سنبنڌ رکندڙ چيزن جو ورڻن ٻڌندي، ٻڌندڙ جي من ۾ اُمنگ اُٿندا آهن. مان به اهڙو هجان ها، يا شال نانڪ جهڙو بهادر ٿيان". اَهڙا ويچار ايندا آهن. انهن ڪهاڻين ۾ ٻڌندڙن جي دلچسپي لوڙ لائين قائم هوندي آهي.

ان کان سواءِ لوڪ - ڪهاڻين جي شيلي (ڍنگ) به ڏاڍي سرل ۽ سڌي سادي هوندي آهي. انهن ۾ جن جملن کي ڪم آندو ويندو آهي اهي تمام ننڍا هوندا آهن. جيئن ته، هڪڙو هو راجا...... ان کي ست پٽ هئا...... سڀئي ڏاڍا بهادر هئا......" لوڪ - ڪهاڻين جي ٻولي به لفظي اڊمبر واري نه هوندي آهي.

ئي. انساني زندگي (مانو جيون) سان لاڳاپو رکندڙ انهن ڪهاڻين ۾ پريم جو ورتن هيٺ سمايل آهي؛ انهن ۾ ڪٿي نه ڀاءُ ۽ ڀيڻ جو پنهنجي پتيءَ لاءِ جنهن اپار پريم جو بيان انهن ڪٿائن ۾ ملندو آهي. اهو سچ پچ ئي الوڪڪ ۽ آدرشي آهي.

## سندرتا:

لوڪ - ڪٿائن ۾ پريم جو ذڪر هوندي به انهن ۾ اشليل (خراب) ڀاو نظر نه ايندا. انهن ۾ ڪام واسنا جو ذڪر گهٽ ڪري هوندو ئي ڪونه. مانو جيون ۾ ايندڙ تبديلين ۾ سک، دک، آشا نراشا، ڪام، ڪروڌ، موه، لوڀ ۽ اهنڪار وغيره اهڙيون حالتون آهن جو سدا ڪان هلنديون پيون اچن ۽ هلنديون ئيون رهن. پر انهن سڀني جو ذڪر اهڙن نه پڪيل لفظن ۾ ڪيو ويو آهي جو خرابي ظاهر ٿئي ئي ڪانه. جا لوڪ-ڪٿائن جي هڪ خاص خوبي آهي.

## سکم - انت

لوڪ-ڪٿائن جي پڄاڙي دک واري نه پر سک ڀري هوندي آهي، وڇوڙو نه پر ميلاپ هوندو آهي. انسان جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڪهاڻين ۾ دک، نراشا، هاڃي نه پائي وڃي، اهڙا مثال نه هجڻ، اهڙي ڳالهه ڪانهي. اهڙا مثال آيا آهن ۽ اهڙيون ڪهاڻيون به ڪافي آهن، پر انهن ڪهاڻين جي پڄاڙيءَ ۾ دک، سک جي روپ ۾ بدلجي ٿو وڃي. نراشا، آشا ۾ بدلجي ٿي وڃي. نقصان جي جاءِ تي فائدو ٿو ٿئي. نائڪ جي راه مان تڪليفون خودبخود هٽنديون نظر اينديون آهن. آخر ۾ ان جو رستو صاف ٿي ٿو وڃي. پڄاڙيءَ ۾ اهي لفظ ٿا اچن ته، ”ڀڳوان، جيئن فلاڻن جي سکن جي ڏينهن کي موٽايو، ان طرح شل سڀني شخصن جي سکن جا ڏينهن موٽائي......

نه پوءِ...! ڪجهه سوچان ..... اس اس ...... ملي ويو... ملي ويو ......! ها نه پوءِ، هڪ ڳالهه ڪريو، پاڻ ڪسي هن ليکه مان ڪڍي ڪجهه تصور کان ڪم وٺو ...... سنڌ جي ڳوٺن جو خيال ڪريو ...... ڳوٺ ۾ مکيءَ يا وڏيري جي اوطاق کي ڪلهدا ۾ آڻيو ......

ٺيڪ آهي، ڏسو نه سيٺئي ڪيئن نه مست ٿي کهاڻي ٻڌي رهيا آهن. رجب ڌوٻي کهاڻي ٻڌائي رهيو آهي. حجام، ڪنڀار، پورهيت، وڏيرو ۽ هاري ناري سيٺئي پاڻ ٿي هڪ سيڪيندي کهاڻي ٻڌي رهيا آهن. ذرا ڌوٻيءَ کي ڏسو، ته ـــ ڪيئن نه ڪڏهن هٿ ٿو ڦيرائي نه ڪڏهن اکيون ٿو مٽڪائي، ڪڏهن نڪ ٿو موڙي، نه ڪڏهين وري جوش ۾ اٿ ڏانهن اٿي ٿو اچي، نه ڪڏهين الر انين ٿو ڪري جڻ اڄهو ٿو ڪنهنکي ماري......
اڙي هي ڇا......؟ پاه جي چوگرد ڪوٺر ٺاهي وٺي ويٺي هي سڀ شخص اُرت پوت ٿي اونڌا ڇونا ٿين ......! اڙ ... اڙ ـــ اڙ... ڪٿي ڪو سڙي نه پوي..."

اڙي واه هي سڀ ڳالهه جو جادو آهي.

هي آهي ڳوٺ ۾ کهاڻي يا ڳالهه ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ وارن جي ڪچهريءَ جو هوبهو نظارو. جيڪڏهن کهاڻي ورندڙ پڻگه سان چٽي وٺندي نه ٻڌندڙ، انين چاهيندا آهن نه اها کهاڻي دروپديءَ جي ساڙهيءَ وانگر وڌندي ٿي هلي ۽ هو مست ٿي ٻڌندا ٿي رهن. هو ان وقت اهو ڀلجي ٿا وڃن نه ڇوڪري جو انڌاڙ ڪٽولو، پاروليءَ جو پرهڻجي اڱڻ جي مٽيءَ مان ڪٽيش کي ٺاهڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو يا نه...

هي ڪهاڻيون انهيءَ وادو واد کان پري آهن. کهاڻي ڪٽيندڙ ڪٿڪ پل نه ڪهڙيءَ ۽ ذات جو يا غريب ڇو نه هجي پر ڳوٺ ۾ عزت ۽ سڪ جو پاتر ٿيجي ٿو وڃي.

## ڪٿڪ (ڳالھ ڪٿندڙ يا ڳالهيڙ):

ڪهاڻي ٻڌڻ ڪيتري نه دلچسپ ٿيندي هئي، پر اڄڪلھ نه ان جي دلچسپي (ورتڻ) گهٽجي پئي، ٻڌائڻ واري تي ئي اچي مدار رکي. ٻولي هڪ نموني جي هجڻ تي نه، چوڻ جو ڍنگ پنھنجو پنھنجو نرالو ٿئي ٿو. بيان جيئن آهي، تيئن ئي ٻڌائڻ ۾ قابليت آهي.

ويچارن يا ڀاونائن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪهاڻيءَ جو وس اٿيو وڃي. ان ڪهاڻي چوندڙ يا ڳالھ ڪٿندڙ کي چون **ڪٿڪ** * يا ڳالهيڙ.

پاڻني ئي پهريون شخص هو، جنهن ڪٿا چوندڙ کي "ڪٿڪ" نالو ڏنو آهي. ڪهاڻين لاءِ "ڪٿا" لفظ جو ڪم آڻڻ ته پهريائين پهريائين "ايتريه آرڻيڪ" شاستر ۾ ملي ٿو.

ته هاڻ ڏسو ان ڳالهيڙ جي ڳالھ (ڪٿا يا ڪهاڻي) ڪٿڻ جو نمونو ڪيئن ڏسندا......؟ هن......؟

نه...... نه......! هت ڪٿي ڏسندا......! هن ماڻهن کي ايترو وقت ئي ڪٿي آهي؟ صبوح جو اُٿين اچي لڳ لڳڙ ۾ روٽيءَ جي ٻڌڙي ڪٽي پيچ پڇان ڪندا وڃي گاڏي پڪڙيندا؛ آئي...... آئي آفيس جي فائيلن ۾ مٿو وجهي ان جو پاند ڪرڻ بعد رات جو وري لوڙندا ڀوڙندا اچي گهر پهچي ويندا.

روٽيءَ جا ٻه چار گره کاڌا نه، کاڌي جهڙا ڏاڍي ليٽي پوندا يا دل وندرائڻ لاءِ ڪي فلمي رسالا يا جاسوسي ڪتاب پڙهندا، پر جي ڪو ڪهڙو سچو جو هوندو ته "شرت" جا ناول پيو پڙهندو. سو هت ته ڳالهيڙ (ڪٿڪ) کي ٻڌڻ جو موقعو ئي ڪونه ملندو؛ نه وري ڪو ڪٿڪ نظر ايندو.

* ڪٿڪ، اڪرمان ئي ڪٿڪاي (ناچ جو نالو) لفظ نڪتو آهي.

ڪري ظاهر ڪيو هو ته "سنسار ۾ هلندڙ لوڪ - ڪهاڻين جو مول آستان ڀارت ئي آهي."

"پنچتنتر" جو مثال ڏيئي هو ان نتيجي تي پهتو هو ته سنسار ڀر ۾ هلندڙ لوڪ - ڪهاڻين ۾ جي ڳالهيون ڏيکاريل آهن، سي ڀارت جي لوڪ - ڪهاڻين ۾ ئي ڏيئي سگهن.

اها حقيقت آهي. يورپ ۾ انهن ڪٿي چئجي ته سنسار جي جدا جدا حصن ۾ گهڻو ڪري هڪ ئي قسم جون ڪهاڻيون ڦهليل آهن. انهن جو ذڪر ڪرڻ جو ڍنگ علحدو ٿي ٿو سگهي. اهي نديون وڏيون ته ٿي ٿيون سگهن. پر انهن جي مرڪزي وچارڌارا گهڻو ڪري هڪ ئي هوندي آهي. اهو سڀ لوڪ - ڪهاڻين جي ڀانڊا ڪري ئي ٿيو آهي.

اها ڳالهه ڌيان ڏيڻ جوڳي آهي ته ٻين ڀري لائين جائين جي ڦهلجڻ، وسڻ ۽ رهڻ ڪرڻ ڪري ڪهاڻيون هڪ هنڌ تي رهي نٿيون سگهن. ڪهاڻين ۾ ڦيرڦار ڪيون آهن. انهن ۾ جهنا وانگر لاڳاپو وڌايو آهي.

ان طرح جاتڪ ڪهاڻيون، پراچين وهڻن جون وڻڪيائون ڪٿا سرت ساگر ۽ هتو اپديش وڏيڪ گرنٿن ۾ آيل ڪهاڻين جو اصلي روپ انهن لوڪ - ڪهاڻين ۾ ئي ملندو.

ڪافي مون ڪجهه ٻهندڙ لوڪ جون لوڪ - ڪهاڻيون پڙهيون. اهي ئي ڪهاڻيون توري گهڻي ڦيرگهير سان "لوج جون لوڪ - ڪهاڻيون" ڪتاب ۾ به پڙهيم اها ڪا عجب جهڙي ڳالهه ڪانه آهي. جڏهين مائٽن جو ٻارڻ ۾ اترو پيار آهي ته پوءِ ڪهاڻين لي ته ان جو ٻيائي ڀوڻ سچاوڪ آهي. ڪٿي ڪٿي ته فقط ٻوليءَ جو ئي تفاوت آهي. شري شڏ سهاءِ چترويديءَ جهڙي "جاتپاڌي" نالي ڏنل هڪ ٻهندڙڪندي لوڪ - ڪٿا ۾ راڻيءَ جي ٻانهيءَ جو نالو "نندنيا" آهي، هوءَ هار ئي چوراڻي، هڪ

هي لوڪ - ڪهاڻيون ايتريون نه سوليون ۽ اهڙيون نه وڻندڙ ۽ سڀاوڪ طور ڇپيون ٿيون وڃن جو، ڪو وڏوان به ان واکاڻ ۾ ڇڏي نه جيڪر وندر ٻڌا رهي نه سگهي، ٻارن جي ته ڳالهه ئي نه پڇو... !

هڪ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو، ٻيا سڀ ٻڌن ٿا، وچ ۾ ها... پوءِ ... اڳتي ڇا ٿيو... چوندا ٿا هلن.

## لوڪ-ڪهاڻين جي ياترا

شايد ئي ڪا اهڙي قوم هوندي، جنهن کي پنهنجون لوڪ - ڪهاڻيون نه هونديون. جيسين لوڪ - جيون آهي تيسين لوڪ - ڪهاڻين جي اهميت ختم نه ٿيندي. اسان جي زندگيءَ ۾ نه اهو لوڪ - ساهت، خوب ٻڌيو آهي. ڪو وقت هو جڏهن ماڻهو ڏور لانبين ياترائون ڪونه ڪندا هئا. ڪندا به هئا ته تمام گهٽ. ان وقت ۾ به هنن لوڪ - ڪهاڻين جي ياترا رکي ڪونه. هي هميشه هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه تي ياترا ڪنديون رهيون. پر هاڻي جڏهن سفر جون هيتريون سهوليتون ٿيون آهن، تڏهين نه هي ڪهاڻيون به تيزيءَ سان گهمنديون رهن ٿيون. انهيءَ جو فقط اهو نتيجو آهي جو جيڪي ڪهاڻيون اسان کي اسرج ۾ ٻڌڻ ۾ ايندڙيون سي بنديلکنڊ، بنگال ۽ پهاڙي علائقن ۾ به چالو آهن. انهن ڪهاڻين جي روپ ۾ ٿورو گهڻو تفاوت ٿي ٿو سگهي، نه ته باقي ٻيءَ طرح ساڳيون آهن.

نه فقط ايترو بلڪ اسان جڏهن انيڪ وديشي لوڪ - ڪهاڻين جو اڀياس ڪنداسين ته اسان کي انهن ۾ به اهڙيون انيڪ ڪهاڻيون ملنديون، جي اسان جي ڀارتيه (سنڌي به) لوڪ - ڪهاڻين جو بدليل روپ آهن.

پرسڌ جرمن وِدوان شري بينفيءَ سن ١٨٥٩ع ڌاري ايشيا ۽ يورپ جي لوڪ - ڪهاڻين جي هڪجهڙائيءَ بابت اڀياس

کين ٻڌايان ته اها چيز ڪٿي آهي. پر وري خيال آيس ته ان ٻڌائڻ لاءِ چوڻ ڪانئن ڪجهه دڪشنا وٺان، مَن ان مان هڪ وڏو ڪم ٿي نڪري اچي. اهو خيال ڪري هُن پاڙي وارن اڳيان هڪ پوٿي کڻي وڃي ان جا پنا اٿلائيندي پٿلائيندي چيو، "فلاڻي ڪ فلاڻي هنڌ توهان جي اها چيز پيل آهي." سچ پچ ته اها چيز اتان ئي ملي، اها ڳالهه سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي.

هڪ ڏينهن هڪ ڪنڀر جو گڏه گم ٿي ويو، هو سڌو برهمڻ وٽ آيو. "ڇي برهمڻ ديوتا مون مسڪين تي دَيا ڪريو، گڏه جو پتو لهي ڏيو......" براهمڻ اچي مونجهيو ته هاڻي ڇا ڪري......! اچي ڏاڍو پريشان ٿيو...!

آخر نيٺ برهمڻ، ڪنڀر کي ڪنهن نه طرح هڪ ڏينهن ترسڻ لاءِ مڃايو. ڪنڀر جي وڃڻ بعد هي نڪري پيو ڳوٺ ۾، گڏه ڳولهڻ لاءِ، ڳوليندي ڳوليندي نيٺ وڃي ڳوٺ کان ڪجهه پري هڪ کيت ۾ گڏه ڳولي لڌائين. پوءِ ته گڏه کاهي آڻي گهر ٻڌائين. سڀاڻي تي وري ڪنڀر

ڪوريءَ جو ناٺي ۾ چار معلوم ٿيل ڳالهيون ٻڌائي ٿو، ۽ ڏوٿ ۾ هو "جاڻاڻي" نالي سان مشهور ٿو ٿي وڃي. راجا هن کي گهرائي ٿو ۽ ڪيس چوي ٿو ته جيڪڏهن هو هار جو پتو نه ٻڌائيندو ته ٻئي ڏينهن هن جو سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويندو. رات جو اڪيلائيءَ وچان ڪوريءَ کي ننڊ نٿي اچي، هو چوي ٿو:

"آجا ري ننڊڙيا، تيري پور ڪئيگي گهڙيا."

ان ئي ڪهاڻيءَ کي اوج ۾ "سنگا" سڏيندا آهن. ٻنڊيلکنڊي ڪٿا ۾ داسيءَ جو نالو "ننڊيا" آهي ته اوج ۾ داسيءَ جو نالو "ننڊريا" ٻنهي جو مطلب ساڳيو ئي "ننڊ" آهي.

اها نوڪرياڻي جڏهن ڪوريءَ جا اهي لفظ ٻڌي ٿي، تڏهن سر لهڻ جي ڀؤ کان جاڻاڻي کي هار جو پتو ٿي ڏئي، اهڙيءَ طرح ڪوري راجا کان انعام ٿو حاصل ڪري.

اها ساڳي ئي ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ به آهي. سنڌيءَ ۾ نوڪرياڻيءَ جو نالو نه "ننڊيا" آهي ۽ نه وري ڪو "ننڊريا" هئن جو نالو آهي "ٻلي".

اها ڪهاڻي هيئن آهي:

"هڪ ڳوٺ ۾ هڪڙو غريب
برهمڻ رهندو هو. هن ويچاري
جي اهڙي ته مسڪينيءَ واري حالت
هئي، جو هڪ ويلو کائي ته ٻئي لاءِ
پيو واٽ نهاري. هڪ ڏينهن ڀاڙي
جي ڪنهن گهر مان ڪا چيز گم ٿي
وئي، برهمڻ کي ڪا ان چيز جي
ڄاڻ هئي ته ڪٿي ليٽي آهي، سو
ڀاڙي وارن جي داڻهن ڪرڻ لئي
برهمڻ کي خيال آيو ته، چونه مان

معلوم ٿي ويو آهي ته هار مون ٿي
چورايو آهي. (چور کي پنهنجو ٿي
پيو اندر ڪانئيندو آهي) هن کي اچي
ڏپ لڳو، سو ان مهل ٿي ڀڄندي
برهمڻ ڏانهن آئي.

برهمڻ کي جڏهن معلوم ٿيو ته
هار هن ٿي چورايو آهي، تڏهن
پنهنجي جان بچڻ ڪري ڏاڍو پرسن
ٿيو، پر ٻاهران رعب سان چيائين
ته مان ڇا ڪريان...؟ آخر ٻانهيءَ
جي نيزارن ٿي وهم ڪانئي ٻانهيءَ
کي چيائين ته هار محلات جي اولهه
واري ڪنڊ جي هڪ ڏريءَ ۾
رکي اچج.

سڀاڻو ٿيو. برهمڻ راجا جي
محلات ۾ ويو ۽ کليءَ درٻار ۾
چيائين، "...هار محل جي اولهه واري
ڪنڊ جي ڏريءَ ۾ پيو آهي......"
راجا جا نوڪر وڃي هار کڻي آيا.
راجا برهمڻ جي نجوميت ڏسي
ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس وڏا انعام
اڪرام ڏئي پنهنجو راج جوتشي
مقرر ڪيو..."

اها مٿين ساڳي ڪهاڻي بنگال ۾ به پرچلت آهي ۽ هن
جو نالو "مورک پنڊت" آهي.

ته فقط اهي ٻه ڪي. ايس. شري نواس آچاريه پنهنجو هڪ

آيو، برهمڻ جي گهر پنهنجو گڏهه ٻڌل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ برهمڻ جا چرڻ ڇهي آسيسون ڪندو سوا روپيه پيسا رکي گڏهه ڪاهي ويندو رهيو. اها ڳالهه وڃي راجا جي ڪن پيئي.

ڪجهه ڏينهن بعد رائيءَ جو نو لکو هار گم ٿي ويو، راجا برهمڻ کي ماڻهو موڪليو. برهمڻ جي حاضر ٿيڻ تي راجا کيس حڪم ڪيو، سياڻي ٿائين جي، هار جو پتو لهي نه ڏيندا ته سر ڌڙ کان ڌار ڪرايو ويندو.

برهمڻ ويچارو اچي ڦاٿو، رات ٿي، برهمڻ روئي ڪانئڻ ويٺو، روئي ڪانئيندي هن پنهنجي پيٽ ڏانهن آڱر ڪڍي اشارو ڪندي پيٽ کي چيو، "ڪاڪ ٻلي ڪاڪ. سياڻي سر لهندو..." هن جو مطلب هو ته جنهن پيٽ لاءِ اهو ڪيو، اهو (پيٽ) ئي تو سر لهرائي. پر برهمڻ جي گهر پرسان ٽي ڪو ٻانهيءَ جو نه گهر هو، جنهن جو نالو هو "ٻلي"؛ هن ٿي لڪي ٻيٺي هار چورايو هو. سو هن جو اهو ٻڌو، تنهن سمجهيو ته شايد برهمڻ کي نجوم وسٽي

راماين جي ڪٿا ويدن ۾ به آهي. ❊

سيتا جي جنم بابت هڪ ڏند ڪٿا پڻ آهي، ان ڪٿا مطابق سيتا راجا جنڪ جي سڳي ڌيءُ ڪانه آهي.

ڪٿا آهي ته:

"...راوڻ کي وڏي وڏي
خيال آيو ته رشين کان ڍل اڳاڙائين
ڍل نه ملي آهي سو ڪروڌ ۾
ڀرجي پنهنجا دوت انهن ڏانهن
موڪليائين.

رشين دوتن جي ڳالهه ٻڌي
ويچار ڪيو ته راوڻ جي دربار ۾ نه
آهي نيتي ۽ نه آهي سنت سماج.
سو سواءِ ڍل ڏيڻ جي ورندو ڳالهه
مان ڪجهه ڪين.

انهن ڪري پنهنجي سرير مان
رت ڪڍي هڪڙو ٺانءُ ڀري دوتن
کي ڏيندي چيائون، "ڍل لاءِ اسان
وٽ ٻيو ڪجهه ڪينهي سواءِ هن
خون جي، ٺڪر هن جي کلندي ئي
تنهنجو سارو ڪٽنب ناس ٿي ويندو."

دوت اهو ٺانو راوڻ جي دربار
۾ کڻي آيا، ٺانو کي ڏسندي ئي
راوڻ ڏاڍو خوش ٿيو.

پر جڏهن دوتن جي ڳالهه

❊ رگ ويد ۾.

ڪتاب ”دکن پارس جون لوڪ - ڪٿائون“ ۾ ڪــي ڪهاڻيون ڏنيون آهن. جن مان ڪيترون ئي ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ چالو آهن ۽ اهي سنڌي لــوڪ - ڪٿائون ٿيون سڏجن. جيئن مٿين ڪٿا پنڊلڪنب ۾، ارج ۾، بنگاليءَ ۾ به آهي ته سنڌيءَ ۾ به ........

## وگياڻڪ اڀياس:

لوڪ - ڪٿائن جو اڀياس تمام ضروري آهي. دنيا جي جدا جدا حصن ۾ جي هلندڙ لوڪ - ڪٿائون آهن، انهن مان اسان کي ڄاڻ ٿي پوي ته شروع کان ئي وٽي ماڻهو هرديه ڪيئن نه ساڳيو آهي. شروع ۾ شايد هڪ ئــي مکيه جاتي هئي، جا پوءِ اڳتي هلي ٽٽي ڇڙي ڌار ڌار ذاتين ۾ ورهائجي دنيا جي جدا جدا حصن ۾ ٽڪرجي ويئي.

جدا جدا دؤرن مان لنگهي ۽ الڳ الڳ حالتن ۾ جيون جي ڪشمڪش ڪنديون اهي ڪهاڻيون ڌار ڌار جاتين مان ٿينديون هڪ ئي نموني جو پرام، وڇوڙو ڏيکارينديون اچن ٿيون. ان سواءِ انهيءَ اڀياس مان جدا جدا جاتين ۾ هلندڙ رسمن رتين رواجن، جي ڄاڻ پوي ٿي.

اسان جي ٻولي، پڻ ڪهڙين ٻولين سان ئي لاڳاپو رکي، اها معلومات به لوڪ - ڪٿائن (لوڪ - ساهتيه) جي اڀياس مان ئي ٿئي ٿي.

نه فقط ايترو پر لوڪ - ڪٿائن جي وگياڻڪ اڀياس ڪرڻ سان ڳالهه جي پيڙه تائين پهچي ٿو سگهجي. مثال طور چيو ويندو آهي ته ”راماڻ“ والمڪ کان پوءِ ئي لکيو ويو آهي ۽ اهــو زمانو ٿيو به پوءِ ئي. پر لوڪ - ڪٿائن جي گهري اڀياس ڪرڻ سان ۽ والمڪ جي واڪيائن تي نظرثاني ڪندي ڄاڻ پوندي ته،

اچي ”جانڪيءَ“ مان ٻڌ لائي
”سيتا رکيو. ❊

اڄهو انين ئي سيتا جو جنم ٿيو......“

جون راماڻ مان هي ٻ هڪ ٻي مثال ڏنو آهي. ٻيو راماڻ ڀارت کان ٻين ودوانن جو چوڻ آهي، ”هي آريان جي دکن ڀارت فتح ڪرڻ ڀارت ۾ ڪي لوڪ - ڪٿائون آهن.“ ٻئي هڪ ودوان وري لکيو آهي، ”آريان جي سنسڪرتيءَ جي ڦهلاوَ ڀارت ۾ ڪي لوڪ - ڪٿائون آهن.“ ٻئي هڪ ودوان وري لکيو آهي، ”آريان جي سنسڪرتيءَ جي ڦهلاءُ ڀارت ۾ هي لوڪ - ڪٿائون آهن.“

هونءَ ٻ دنيا جي جدا جدا حصن ۾ رام سيتا جي ڪٿا جدا جدا نمونن جي آهي. ساڳي ڳالهه ”مهاڀارت“ سان ٻ آهي.

مها ڀارت جي اسان وٽ وڏي اهميت آهي. اسان جي ڌرم، سماج ۽ اتهاس ۽ وشواس ۾ مها ڀارت کي مکيه مرڪز ڪري ليکيو ويندو آهي. انيڪ ڪوين کي هن مان ٻڌهجي لکڻ لاءِ اي انداز مواد ۽ اتساه مليو آهي. ٻيو هن ۾ لوڪ - وارتا جو روپ ظاهر آهي. اهو ٻڪيءَ طرح سان نو چئي سگهجي. هن ۾ مکيه ڪهاڻيءَ سان گڏ مثالن جي روپ ۾ انيڪ ڪهاڻيون آهن اهي ڪهاڻيون مها ڀارت کان اڳ، جون هلندڙ لوڪ - ڪٿائون آهن. ”ڦن ٻرو“ ۽ ”نل“ جي ڪٿا اهڙي قسم جي آهي. هيءَ ڪهاڻي ٻڌشٽر کي دک ۾ ڌيرج ۽ آشا پيدا ڪرڻ لاءِ مثال طور ڏني وئي آهي. اهڙيءَ طرح ”شانتي پرو“ ۾ ٻ ڪهاڻيون آهن.

”مها ڀارت“ جي هڪ لک شلوڪن مان چوويهه هزار شلوڪن

❊ ٽلسي ڪرت راماڻ - شري لوڪرام ڏوڏيجا جو.

ٻڌائين ته اُنهن کي حڪم ڏنائين ته
"هي ڌلو الو طرف اهڙي هنڌ وڃي
پوريو جو اُن جي ڪنهن کي به ڪل
ڪانه پوي.."

دوت حڪم ٻڌي جنڪ پور
۾ آيا ۽ اچي اهو ٿانو هڪ ٻنيءَ ۾
کڻي پوريائون. اُن ٿانو جي پورجڻ
بعد راجا جنڪ جي ملڪ ۾ اچي
ڏڪار پيو.

ماڻهن ۾ هاهاڪار مچي ويو ته
نيٺ جنڪ جي گروءَ چيو ته
"......يڳيه ڪيو وڃي، پوءِ اُن يڳيه
لاءِ اناج، راجا جنڪ پنهنجي
استريءَ سان کيت کيڙي پيدا
ڪري. پوءِ ئي اناج مٺو ٿيندو ۽
سڪار ٿيندو، سک ٿيندو...."

گروءَ جو وچن سڻي ڪري راجا
ٻاهر هر کيڙيو. هر کيڙيندي اهو
ٿانو لڌو ويو. (جنهن ۾ رشين
جو رت هو) اُن ٿانو جي کوليندي
ئي اُن مان هڪڙي سندر وڏي
ڪنيا نڪتي. راجا هن کي ڌيءَ
سمان سمجهي چالڪيءَ سان لاتو ۽
هن جو نالو "جانڪي" بعدي
جنڪ جي ڌيءَ رکيو ويو. پوءِ رام
سان شاديءَ وقت هن جو نالو نارد

## سنڌي لوڪ - ڪٿائون

اونهاري جي راتين ۾ کليل آڱر ۾ کٽون وجهي انهن تي ويهي، يا سياري جي راتين جو باه جي چوگرد ڪُنر ڪاهي، هٿ پير سيڪيندي آکاڻيون ٻڌندا ۽ ڪٿيندا آهن. ٻهار ٻالڪ ۾ ٻنهجون کهاڻيون ٻڌائيندا آهن، استريون نر ٻڌنديون، ٻارن کي ننڊ ڪرائيندي کهاڻيون ڪٿنديون آهن، دلو راڻي جون، ٻوستان جون، لٺنجيءَ جي کهاڻي وغيره.

اهي لوڪ - ڪٿائون سنڌ ۾ جام آهن، جي ٻئي ڪنهن به ٻرانت جي لوڪ - ڪٿائن کان گهٽ ڪونه آهن، اهي ڪٿائون اهڙيون نه آهن جو ٻڌڻ سان من موهي ٿي.

الائجي اهي ڪٿائون ڪنهن ٺاهيون، ڪير ٿو چئي سگهي...؟ پر وري مزي جي ڳالهه اها آهي جو اهي ڪٿائون يا کهاڻيون سنڌ ۾ ڏينهن جو ڪين ڪٿڻ، ڪٿڻ رات جو. جي ڪو ٻار ڏينهن جو ناني يا ڏاڏيءَ سان کهاڻي ٻڌائڻ لاءِ ضد ڪري ته چون ڏينهن جو ڪٿڻ سان ماما ٻاجهي پوندا آهن ۽ ٻار، مامن جي ٻاجهڻ جي ڀؤ کان ڳالهه ٻڌڻ جي ٻهر ٿي چئين. ←

نه فقط اهي کهاڻيون، پر سنڌ ۾ هرهڪ ٻٿر ۽ ٿراسا ٻنيان هڪ دلچسپ ڏند ڪٿا هوندي آهي. سنڌ جي آستانن ۽ مقامن ٻنيان ڪيتريون عجيب و غريب وارتائون آهن.

مثال طور مسٽر انجت صاحب خواج خضر جي درگاه باٻت هيٺين لوڪ - ڪٿا لکي آهي:

"...... سکر وٽ درياه جو سي

← پنجاب ۾ به ڳالهه رات جو ڪين ڪٿڻ، چي رات جو ڳالهه ڪٿڻ سان، ماما ٻاجهي پوندا آهن... (هي پنجاب جو احوال ڏهو پنڊر ستيارٿيءَ جي لکيل "پارٽي لوڪ - ڪٿائون" ۾ ڏنل).

۾ مکيه ڪٿا (پانڊون ڪورون بابت) آهي، باقي ڇاهٺ هزار شلوڪن ۾ مثال آهن. "مها ڀارت" ۾ هڪ نه ٻه انيڪ دلچسپ وارتائون ڏنل آهن.

اهڙيءَ طرح ويدڪ ساهتيه ۾ نه فقط ويد ئي نه پر آرڻيڪ، براهمڻ ۽ اپنشد شامل آهن. جيڪڏهن سموري ويدڪ - ساهتيه کي ورلو وجهي ته ويدن جي هڪ هڪ شلوڪ مان هڪ هڪ پوري ڪٿا جو وڪاس ٿي ٿو سگهي. مثال جي لاءِ "رگ ويد" ۾ "ورونڻ" جي اها پرارٿنا وٺي ٿي سگهجي، جا شده شيپ ڪئي آهي. اهو پڄ هلندي هلندي اسري اڳتي اپنشدن تائين پهچندي هن جي هڪ وڏي شاخ (ڪٿا) ٿي پوي ٿي.

انهيءَ "راماڻ"، "مها ڀارت" ۽ "اپنشد" جو ويچار ڪندي ٿي اسان کي ادب اعظم مئڪسم گورڪي جا لفظ ياد ٿا اچن:

"... جنتا ئي سموري ساهتيه جو
نرماڻ ڪيو آهي ...... هن جي فتح،
هن کي وير گاٿا (پهلوانن، وليون
جا گيت) جي ڳائڻ ۽ پيدائش لاءِ
اتساهت ڪيو ...... جنتا وير نائڪ
(اڳوان) کي پنهنجو گڏيل گيان ڏنئي
ڪڏهن هن کي ديوتا (رامچندر وانگر)
جو درجو ڏنو ته، ڪڏهن وري ان
(وير نائڪ) کي ان (ديوتا) جي
مقابلي ۾ (جيئن راوڻ کي) ڪڙو ڪيو.
انهن ڪٿائن ۾ اسان کي ان
جنتا جو ئي چٽر نو ملي، نقش نو
معلوم ٿئي......"

چو گرد وڻ لڳو..."
ٻين ۾ ان ماڳ جي وڏائي آهي ته:
"... خواج خضر سکر وٽان نئين
هٽي وٽي حيدرآباد ضلع ۾،
اڏيري لال وٽ پهتو. ان جا پوئلڳ
ڳاڙهيون چادرون پائيندا آهن، جن
تي هٿ ۾ مڇي ڇپيل هوندي آهي،
هن جا ٻولا درياه تي زيارت لاءِ
ايندا آهن ۽ انهن ماڳ چون ٿا ته،
اتي پهچڻ کان پوءِ هو درياه جي
ادب ڏيکارڻ خاطر پيٽ جي چوڌاري
ڦري پاڪ آستان کي پٺ ڏيڻ
کان سواءِ واپس ويندا آهن... *

ان کان سواءِ سنڌ جون ٻيون لوڪ - ڪهاڻيون، عمر ماروي، مومل راڻو، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي، ڏوڏو چنيسر وغيره ڪٿهن کان ڳجهون آهن...؟ اهڙو ڪهڙو سنڌي هوندو جنهن اهي ڪهاڻيون نه ٻڌيون هونديون؟ اهي جان تان ٻين سنڌي لوڪ - ڪهاڻين کان وڌيڪ پرسڌ آهن، ڇو جو شاه عنايت الله، شاه لطيف ۽ ان بعد ٻين ڪيترن ئي سنڌي شاعرن انهن کي نظم ۾ آڻي ڳايو.

اها هڪ ڳالهه ته آسان جي سنڌي لوڪ - ڪهاڻين جهڙيون ٻيون جدا جدا پرانتڪ لوڪ - ڪهاڻيون، جي الڳ الڳ ٻولين جون آهن. اهي ۽ اسانجون سنڌي ڪهاڻيون هڪجهڙيون آهن. انهن مسبت کو انهن نه سمجهي ته، ساڳين اهي ٻين ٻولين وارن

* "سنڌ جون سمه ڪهاڻيون" جي ديباچي مان، شڪريه.

ڪان سنڌو نظارو، روهڙي جي سامهون خواج خضر جو آستان آهي. ان بابت ڪي چون ٿا ته جڏهن الور وقت خواج خضر جي ڪرامت سان درياه ڦيرو کاڌو، تڏهن ارغوني هڪ بزرگ مشعال اچي اتي ڪري، جنهن بوءِ شاه حسين ٽاجر شڪراڻي ۾ وڏي زيارت بـا دوڪان ٺهرائي ۽ سنڀال لاءِ هڪ مڙس ۽ زال ڪـي مجاور ڪري ويهاريو، هاڻوڪا مجاور به انهن جو اولاد آهي...“

ٻي روايت وري هن طرح آهي ته:

”......باجي اتي هڪ وڻڪاره هڪ هنڌ (جتي هينئر روهڙيءَ جو شهر آهي) باه جو شعلو ڏٺو، سمجهيائين ته ڪي مسافر ويٺا آهن، سو ٽانڊو وٺڻ اچڻ لاءِ زال کي موڪليائين، پر جيئن ئي هوءَ ويٺي ٿي اڳتي وڌندي، تيئن اهو شعلو وڌو ٿي دور ٿيندو. زال جي ناڪاميابيءَ تي هو پاڻ اٿي ان روشنيءَ طرف وڌيو، پر سندس ڪوشش به بيسود ثابت ٿي. اهو عجب اسرار ڏسي، هيبت وچان ربار اتي درگاه ٺهرائي ۽ پاڻ مجاور ٿي ويٺو... پوءِ ته درياه به اتي

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي شاهه جي رسالي جي ترتيب ڪندي رسالي ۾ ڪم آيل لوڪ - ڪهاڻين (سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر ماروي، مومل راڻو، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي، بيجل ۽ ڏياچ ۽ مورڙو ۽ مير بحر) جي نه کوج ڪئي هئي ۽ اهي شاهه جي رسالي ۾ ڏنل آهن. بعد ۾ فقط اهي ڪهاڻيون "روح رهاڻ" نالي ڪتاب ۾ گڏ ڪيون ويون آهن.

اهي ئي ڪهاڻيون پنهنجيءَ عبارت ۾ پروفيسر جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ "شاهه جون ڪهاڻيون" نالي سان ظاهر ڪيون.

وري هت هندستان ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ "سنڌ جون سٽ ڪهاڻيون" نالي ڪتاب ۾ اهي ئي شاهه جون ڪهاڻيون پنهنجي طرز ۾ ڏنيون آهن. بعد لائين ڪٽي چئجي ته، اسان هڪ ئي شيءِ کي ور ور ڪري پيا ٿا دهرايون، پر سنڌ جون ٻيون به گهڻيئي لوڪ - ڪهاڻيون آهن.

سن ١٩٥٥ع کان وٺي سنڌي ادبي بورڊ طرفان **لوڪ - ادب اسڪيم** تيار ڪئي وئي آهي. ان طرفان سنڌ جي لوڪ ساهتيه کي سهيڙڻ ۽ سوڌڻ جو ڪم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نظرداريءَ هيٺ هلي رهيو آهي.

سنڌي لوڪ - ڪهاڻين جا اٽڪل اٺ ڀاڱا ڪن نڪري چڪا آهن. پر انهن بابت هڪ شڪايت ضروري آهي ته اهي ڪهاڻيون، فقط هڪ طرفي ڏنيون ويون آهن يعني انهن جا پاتر مسلمان ڏيکاريا ويا آهن.

ڇا سنڌ ۾ فقط مسلمان لحاظ کان ئي لوڪ - ڪهاڻيون هيون يا آهن؟

ادبي کوج جي ڪارڻ ۾ مذهبي رنگ نه اچي ته سٺو.

ڪهاڻيون ٻي سنڌيءَ ۾ جدا جدا نمونن سان ترجمو ٿيون هونديون. ٻڌو آهن ته ٻين ٻولين جون ته...!

ٻيو، ڳالهه غلط، اهي سنڌي لوڪ - ڪٿائون اصلوڪيون آهن. جيئن ته ماڻهو هرڌڻ هڪ آهي، ٻري ٻري ڳالهين جالين جي قهلجڻ، وسڻ ۽ رهڻ ڪرڻ ڪري ڪٿائون هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ نڪتيون سگهن. انهن ڪهاڻين ۾ ڦيرڦارون ڪيون آهن، لاڳاپو وڌايو آهي. ٻوري ۾ انهن ڪٿي ڇنڊڇاڻ ته ڀارت جي جدا جدا حصن ۾ گهڻو ڪري هڪ ئي ماڻهو هرڌڻ آهي؛ ڪهاڻيون ... ان جي ذڪر ڪرڻ جو ڀانگ علحدو ٿي ٿو سگهي. ان کان سواءِ اهي ننڍيون وڏيون ۽ ٿي ٿيون سگهن. ٻـر انجو مرڪزي خيال گهڻو ڪري ساڳيو ئي هوندو آهي.

مون اهڙيون ڪيترن ئي ڪهاڻيون، ڳوٺاڻين ٻڍين ڏاڏين کان ٻڌيون آهن. شايد اهي ڪهاڻيون ٻڍين ٻڍڙن ماڻهن ۽ ... کان ٻڌيون هونديون. مون انهن اڳيان ئي ڇاپي ڪيتريون اهڙيون ڪهاڻيون ڪهڙيءَ طرح لکيون آهن، انهن ڪهاڻين مان ڪي ڏکڻ ڀارت ۾ ۽ چالو آهن. جيئن ته ”ڪوٺا اوڙاڙ ڪاٺي و ڀا“ سنڌ ۾ اها ئي ڪهاڻي ”اي ايمان شخص“ ٺاهي سان آهي. اهڙا ڪيترائي مثال آهن. *

سنڌ ۾ لوڪ - ڪٿائن گڏ ڪرڻ جو ڪم اٽڪل ڇا ٻر ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. شروع ۾ هڪ انگريز ودوان سنڌ جي ٻـرن فقيرن بابت ڏند ڪٿائون گڏي ظاهر ڪيون هيون. ※

* (هي مان ان ڪري لکي رهيو آهيان جو اسان ۾ ذاتي احساس گهٽتري آهي. اسان ٻئي جي چيز کي ٻڌڻ، ته سمجهڻ پرائي ڀانئيندا آهيون...)

※ Folk - Tales of Sind

## پريءَ - ڪهاڻيون Fairy Tales

ٻيون اهي ڪهاڻيون جن ۾ ڪنهن ديو ۽ پريون پاڻ طور ڪم ڪندا آهن. يعني اهي اداڪار جي غيبي Supernatural جيو هوندا آهن. اهڙن ڪهاڻين کي انگريزيءَ ۾ Fairy Tales ڪري سڏيندا آهن. هنن ڪهاڻين ۾ انسان پرستان جو سير به ڪندا آهن. جيئن گل بڪاولي"، "الف ليلي" ۽ "ممتاز دمساز" ڪهاڻين ۾. هي ڪهاڻيون "دل بهلائيندڙ" (منورنجن) واري درجي ۾ به اچن ٿيون.

## پراڻڪ - ڪهاڻيون Legend

ٽيون آهن پراڻڪ ۽ اتهاسي ڪٿائون. انهن ڪهاڻين ۾ ڪنهن ساڌو پرش جو جيون، يا ڌرم لاءِ قربان ٿيندڙ، ايئي يا سنسار جي ڀلي ڪندڙ شخص جو ذڪر هوندو آهي. هي اهي لوڪ-ڪٿائون آهن جن ۾ حقيقتن Facts ۽ روايتن Traditions جو لاڳاپو ٿو رهي. هي ڪهاڻيون سچي واقعي جي روپ ۾ چيون وينديون آهن. مثال طور وڪرماجيت جون ڪهاڻيون. هنن کي انگريزيءَ ۾ Legend سڏيو ويندو آهي.

## ڌرمي - ڪهاڻيون Myth - Tales

چوٿون آهن ورت ڪٿائون. هي اهي ڪهاڻيون آهن، جن جون حقيقتون ڪنهن پراچين وقت ۾ ڏيکاريل هونديون آهن. هن ۾ ڌرمي وشواس، عجيب روايتن جو بيان هوندو آهي هن قسم جي ڪٿا جي مکيه خاصيت هوندي آهي هنجو ڌارمڪ پس منظر، ديوي ديوتا پاڻ ۽ هڪ جو لاڳاپو ٻيءَ سان ۽ ٻيءَ ڪهاڻيءَ جو لاڳاپو ٽينءَ ڪهاڻيءَ سان، جيئن شريمد ڀاڳوت جي ڪهاڻين جو. هنن ڪهاڻين ۽ هن قسم جي ڪٿائن کي انگريزيءَ ۾

ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ سنڌي لوڪ - ڪٿائن کي جي جيڏو رکيو آهي تہ ٻڍڙن، ڪٿڪن (ڳالھہ ڪٿيندڙن) ۽ ٻڌندڙن زالن. هت ٻڍڙا، ٻڍڙين ۾ لوڪ - ڪٿائون ڪٿيندا آهن، زالون (ڪٿي ڪٿي) اڃا بہ ٻارن کي ننڊ ڪرائيندي اهي لوڪ - ڪٿائون ٻڌائينديون آهن.

مون سنڌي لوڪ گيت - گڏ ڪندي ڪجھہ سنڌي لوڪ - ڪٿائون بہ ڪٺيون ڪيون آهن.

جڏهين ان مليل ساهتيڪ ذخيري جي تفصيل ۾ وڃون تڏهين ان گڏ ڪيل مواد مان گهڻي ۾ گهڻيون اهي ئي لوڪ - ڪٿائون مليون، جنکي جيڪر ٻال لوڪ - ڪٿائون (Nursery Folk Tales) سڏجي تہ بہ ڪو عيب ڪونهي.

## افسانو Fable

هڪڙي ڳالھہ جا اسان کي لوڪ - ڪٿائن ۾ ڏسڻ ايندي آهي، سا اها تہ ڪن ڪٿائن جا پاتر (اداڪار) پکي پکڻ هوندا آهن. اهڙيون ڪهاڻيون اُپديش - ڪٿا (نصيحت آميز) جي درجي ۾ ٿيون اچي وڃن. اهڙين ڪهاڻين جا پاتر جانورن جون خاصيتون رکندي بہ هو انسانن جيان گفتگو ۾ ڪرڪري سگهندا آهن. اهڙين لوڪ - ڪٿائن جو مکيہ مقصد نصيحت ڪرڻ ئي هوندو آهي. هن ڪٿا کي انگريزيءَ ۾ سڏين Fable سنڌيءَ ۾ مان جيڪر ان کي افسانو سڏيان.

افسانو لوڪ - ڪٿا جو سڀ کان جهوني ۾ جهونو شروعاتي روپ آهي. جيئن پنچتنتر وغيرہ اهڙين ڪهاڻين جو جنم اسٿان تہ ڀارت ئي آهي، پر اهي ورڪي پڇمي ديشن ۾ Aesap's Fables نالي سان چالو آهن.

# سنڌي لوڪ-چوڻيون

لوڪ ساهتيه جا مکيه ٽي انگ آهن. ١. لوڪ گيت ٢. لوڪ ڪهاڻيون ۽ ٣. آهي لوڪ چوڻيون. عام طرح هر هنڌ، هر ڀونءِ ۾، هر پرانت يا هر ديش ۾ اتي جا رهاڪو ڳالهائيندي ڪي نڪتا يا چوندا آهن. انهن کي اسان چوڻيون ڪوٺيندا آهيون ۽ پهاڪا يا اهڙي قسم جا آهن. ٻولي ڳالهائڻ ۾، لکڻ ۾ اهي چوڻيون ڪتب آڻڻ سان لکڻي يا ٻولي وڌيڪ مائيدار لڳندي آهي ۽ پڙهڻ يا ٻڌڻ ۾ لطف ايندو آهي. جهڙيءَ طرح لوڻ بنا کاڌو بي مزي لڳندو آهي، اهڙيءَ طرح ئي ٻوليءَ جي ڪيترن ۾ بنا چوڻين ۽ پهاڪن جي اثر ڪندڙ ڳالهيون اهڙيون دلچسپ نٿيون لڳن. نه فقط ايترو بلڪ "گهاگهر ۾ ساگر" پورڻ جو گڻ به انهن لوڪ چوڻين مان ظاهر آهي. وقت جا مسئلا ۽ آزمودا هنن ننڍين ۽ چٽڪيلن جملن ۾ سمائجي هميشه لاءِ هلندا اچن ۽ اهي هر وقت سچيون، ننڍڙيون، اسٽيڪ، سڀني شخصن ۾ پرچلت آهن. جيون جو سچاءُ سان تمام گهرو سنبنڌ آهي، انسان ۽ زندگي انهن لوڪ چوڻين جي جڳت ۾ سمايل ٿي ٿي. ان ڪري ئي شايد لوڪ ساهتيه ۾ لوڪ چوڻين جي ڪافي اهميت آهي. آزمودن جي بنياد زندگيءَ جون گهڻائيون ڪم ڪنديون رهن ٿيون.

لوڪ - چوڻيون پنهنجي پراچينتا جي لاءِ لوڪ ساهتيه جي ٻين ٻن انگن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت واريون آهن. انهن مان سڌ پوي ٿي ته جڏهن ملڪ ۾ اهي چوڻ ۾ ٿيون اچن تڏهن

Myth - Tales سڏجن.

ٻي هڪ ڳالهه ته ڪاڏا پراڻڪ ڪٿا Legend - Tale ليکيون ديو ڪٿا Myth - Tale چئي ٿي سگهجي. جيئن ته انهيءَ جا اداڪار ديوتا جي درجي تان هيٺ لهي انسان جي درجي تي آيا هجن. ته پوءِ ان ڪهاڻيءَ کي Legend - Tale سڏبو ٿو وڃي.

باقي پرام - ڪهاڻي ۽ سماجڪ - ڪهاڻي ته هن زماني جي پيدائش آهي.

پر انهن لوڪ - ڪٿائن کي ساهتيڪ طور اڃا سڌو پيش ڪين ڪيو ويو آهي.

جڏهين اسان پنهنجو ديش ڇڏي آيا آهيون ۽ اسان جو اهو لوڪ - ساهتيه (لوڪ - گيت، لوڪ - ڪٿائون ۽ لوڪ - چرچيون) ختم ٿيڻ تي آهي، تڏهن اسان کي ڪوشش وٺڻي ان لوڪ - ساهتيه کي محفوظ رکڻ گهرجي.

وغيره جي ٻراهمڻ گرنٿن مان به ملي ٿي، جو جو انهن مان نيتي ساهتيه جي سامگري ملي ٿي. ٻانڀال جي "ٻهاڪن" وارو باب، "پنچتنتر" جون ڪهاڻيون انجو مثال آهن.

اهي لوڪ چوڻيون نه فقط ڳالهائڻ ۾ ڪم اچن ٿيون پر ادبي جي تصنيفن ۾ به اچي چڱو سواد ٿيون پيدا ڪن. سنڌي ليکڪن مان پروفيسر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي گهڻو ڪري سڀني لکڻين ۾ خاص ڪري "لطيفي سير" ۾، ڪاڪي لالچند جڳتياڻيءَ جون ڪهاڻيون، "چوٽ جو چنڊ" ناول ۾ مکيه مثال آهن. پروفيسر ايل. آر. ملڪاڻي، پرمانند ميوارام "جوت" ۾.

هندي ليکڪن به انهن لوڪ چوڻين جو آڌار ورتو آهي. منشي پريمچند جو "گئودان" "غبن" (ماڻا چار) ان جا مثال آهن. ٻاٻو جئه شنڪر پرساد جو "تتلي" اپنياس به اهڙو ئي آهي.

## خاصيتون

انهن لوڪ چوڻين جي مکيه خاصيت آهي "ٿورو پڙهڻ" لوڪ چوڻيون پنهنجي مقدار ۾ ننڍيون هجڻ جي ڪارڻ سڀني جي زبان تي ٽڪيون رهن، آزمودن جو وستار ننڍي هجڻ ڪري هرديه تي يڪدم ئي اثر ٿو ڪري. لوڪ چوڻيءَ جي ننڍائي نه انهيءَ لمحه جو روپ ٿي ڏي.

لوڪ چوڻيءَ جي ٻي خاصيت آهي، جو اها آزمودي بعد ئي تيار ٿي ٿئي. انسان جي زندگي هر هميشه آزمودن کان ئي پيٽي جنم ڏي. چوڻين ۾ اسانکي هن روءِ زمين تي آڌار رکندڙ سڌانتن جو درشن ٿو ملي.

لوڪ چوڻيءَ جي سچائي ۽ لوڪ منورنجن (دل ٻهلائڻ) به هڪ خاصيت آهي. شري هاوپل چوڻين جون مکيه ٽي خاصيتون ٻڌايون آهن. ننڍائي، مطلب ۽ چمڪائي. اهي ٽي مکيه گڻ آهن جي لوڪ چوڻين ۾ نظر ايندا.

جي ماڻهن جا مذهبي خيال، ٻڌتي رسمون ۽ ٻيا دستور ڪهڙا آهن.

## چوڻيون ڇا آهن؟

ڊاڪٽر واسديو شرڻ اگروال لکي ٿو ته: ”لوڪ چوڻيون انساني گيان جا چڱا چوکا چنڊڙ ٽڪ آهن. جيئن سوريه راش ذرن کي اندر ڪال ٽائين ٻڌڻ ڪرڻ سان لڳاتي جدا جدا قسمن جي رتن ۽ هيرن کي پيدا ٿي ڪري ٿهڙيءَ طرح لوڪ چوڻيون به انساني زندگيءَ جا چمڪندڙ رتن آهن، جن کي سمجھ ۽ آزمودن روپي ڪرڻ مان نڪرندڙ روشنيءَ جي لوٽ ٿي پيدا ڪيو آهي.“

چوڻين بابت ڪن ٻوڙهي ودوانن به ڪي ٻرٻپاشانون ڏنيون آهن، جن مان هيٺيون مکيه آهن.

”لتو ڪيان ڪدٻهرن مان چونبجي نڪتل ڪي ٿڪرا ٻچاپل ڪجھ حصا ٿي اهي چوڻيون آهن.“ — ارسطو

”جمتا ۾ هلندڙ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ جملا ٿئي لوڪ چوڻيون آهن.“ — جانسن

”روزاني زندگيءَ ۾ مارڳ درشڪ (راه ڏيکاريندڙ) وچن ٿي ته لوڪ چوڻيون آهن.“ — فيسٽ

”چترائيءَ سان چونڊ ڪيل ننڍا ننڍا جملا، لوڪ چوڻيون آهن.“ — سروانٽز

”لوڪ چوڻين ۾ گهڻن جي سياڻپ ۽ هڪ جي چترائيءَ جو چمتڪار اڻوائي ظاهر آهي.“ — رسيڪ

"The wisdom of many and the wit of one"

مان ته انهن چوندس ته لوڪ چوڻيون ننڍي روپ ۾ وڏن وڏن ڳالهين جو نچوڙ آهن، نه فقط ايترو بلڪ اهي نيتي ساهتيه جو به هڪ حصو آهن. انهي ڪري مصر، يونان، هندستان

لوڏي ٽپ ڏئي ته ڍڳهڻ جا ٻڪ ڪڍجي، جو انهيءَ ڪري فائدو نه ٿيندو.

”انڌن ٻانهون ٻاسيرا ٿو ٻا“

جو شخص ماپ جا اوزار گهوڙي هٿيندو آهي، تنهن لاءِ اها چوڻي چئي ويندي آهي. نه فقط ايترو بلڪ هن چوڻيءَ مان اها به ڄاڻ ٿي پوي ته اڳ، سنڌ ۾ وقت، تارازين جا ڪانٽا ڪونه هوندا هئا ۽ هيءَ چوڻي تنهن زماني ۾ چئي وئي آهي.

”اٽ جي واٽ ۾ اوٺ وجهه ته نه وڃي، ڳڙ وجهه ته به وڃي.“

هيءَ چوڻي ڪرڪڙن سان لاڳو ڪجي، مثلاً ڪن گهوٽ مائٽن کي ايترو اڻاهو ملي ته به داڻهن ڪن، جي ڪجهه سٺيرو سٺاو ملين ته به داڻهون جا گلاڻو ڪن.

”Pigs grunt about every thing and nothing.”

جاءِ مطابق چوڻيون:

ڪنهن هنڌ جا ڏوريءَ بابت ڪي چوڻيون آهن، جن مطابق انهيءَ تڪليفن جو اندازو ٿئي.

سنڌي ٻهڪڙي ٻهڙوءَ پٺيان پيادي ٿي ويئي. رستي تي جو به ٿي گڏيس، تنهن ٿي پڇيس ته ”اڳا اٽ ڏوڪي ڪيترا ناڻين ڀڄائين ته اهي ڳالهه آهي، نه ته پيادل مشڪل پهچندينءَ.“ اٿن بابت چوڻي ٿي پئي ته ”اڳا اٽ ڪلين سنڌي“ چوڻيءَ جو مطلب آهي ته اڳا ڪم ٿيڻ ۾ وقت ڪجي يا اڳا گهٽي ڏيڍ پيئي آهي. انهيءَ چوڻيءَ سان ٿي اهي به هڪ ٻهڪندڙ چوڻي آهي:

”اڳا دهلي دور آهي“

آزمودن مطابق چوڻيون:

اهڙيون وري چوڻيون آهن جي آزمودن بعد چيون ويون آهن.

جهڙوڪ:

١. ڪسنگ کان اهڙين ٻلي:

## جنم

لوڪ چوڻين جي ڳاهيندڙن جو ڳالو ڳڻو ملي. چئي ڳڻو سگهجي ٿو. اهي ڪٿان ڳاهيون، سو انهن جو بنياد به لوڪ ساهت جي ٻين انگن جيان پراچين آهي. اهي چوڻيون ڪن ڳالهين لي بدل آهن. مثال طور:

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙو واڻيو واهه اڪرندي (پار ڪندي) گهوڙي سوڌو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريو، جنهن جي هڙ ڪا ٿوري ۾ پيئي هئس، سا به پاڻيءَ ۾ لڙهي ويس، تنهن تان چوڻي ٿي ته ”رقم ٿي ٿوري ۾“، ”هڙ ٿي هلاڪ“ يا ”پئسا ٿي پاڻيءَ ۾“.

ٿلهي ليکي جنم مطابق يا پيدائش جي خيال کان لوڪ چوڻين کي هيٺين چئن حصن ۾ ورهايو وڃي:

١. وشيه مطابق ٢. جاءِ مطابق ٣. ٻوليءَ مطابق ۽ ٤. جاتيءَ مطابق. سنڌ جون لوڪ چوڻيون به انهن چئن حصن ۾ ورهايون ٿيون وڃن.

وشيه مطابق چوڻيون:

ڪن چيزن سان واسطو رکندڙ ڳالهين مان آزمودو حاصل ڪري ان لي پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ آهي. جيئن ته اڳي جڏهن اڃا بئنڪون ڪين هيون، تڏهن اسانجا ماڻهو پنهنجو ڌن ڌرتيءَ ۾ پوريندا هئا ۽ ڌرتي سندن اها رقم ڦٻائي ڪين ويندي هئي. تڏهن اها چوڻي ٿي ته ”پرائي امانت ڌرتي به نه ڦوهي.“ هيءَ چوڻي سيکاري ٿي ته امانت ۾ خيانت نه ڪجي.

يا ٻي هڪ چوڻي آهي ته ”اک ڦٽ ٻڌڻ، ليس لپ لڳهڻ“. اک اُٿي ته پيا پٽيون ٻڌجن ۽ جي ڦٽ اُٿي ته انهيءَ ڪسي به پٽي ٻڌي ڇڏجي، ان ته وائلائڻ ڪري ڦٽ وڌي ويندو. ليس

پڙهي پاڻ نه ڄاڻي ماري ڪتابي.

استاد پاڻ پڙهي ڪين ڄاڻي ۽ وري ماري ڪتابين کي (ڪتابين) يعني شاگردن کي ٿو.

جاتيءَ مطابق چوڻيون:

انهن چوڻين مان معلوم ٿيندو ته اها جاتي ڪهڙي ٿي ٿي سگهي جنهن ۾ اهي چوڻيون پرچلت آهن، مثال طور ڏسو. اسين سنڌي ماڻهو تقدير يا قسمت کي مڃيندا آهيون ۽ ائين ڄاڻندا آهيون ته جيڪي ڪي ٿئي ٿو سو ڏاڍيءَ جي پاران ۽ ڏاڍيءَ جي طرفان جيڪي ٿيڻو هوندو سو اوس ٿيندو. ان بنسبت چوڻي آهي ته، "لکيو مڇڻ الات قلم کياڙيءَ نه وهي."

يا اچا ۽ وري ان کي وياپڪ ڪجهي ته ٻيءَ ڌار ڌار ڌنڌوڙيان (جن کي ۽ جاتي سڏيندا آهن) جن جدا جدا چوڻيون آهن. جيئن ته:

ڌوٻي: "ڌوٻيءَ جو ڪتو، نه گهر جو نه گهاٽ جو."

سونارو: "سوناري جا سؤ ٺڪ، لوهار جو هڪ."

ڪسان: "ٻوڪين ٽانڪي ٻوڪ جيسين پاڻي اٿيئي پڙ ۾."

پاڻي سڪي ويندو ته ٻوءِ ٻوڪ نه ٿيندي. ٿڌهن ڪري وقت جو فائدو وٺڻ واجب آهي، "جوانيءَ ۾ جيڪو جس ڪٽڻو هجيئي سو ڪٽي وٺ متان پيريءَ ۾ پڇتائين."

ڪوري: "ڪوري ڪڏ ڪٽي ٻر پاڻ ان ۾ ٿوي."

ڪوري ڪڏ ڪٽي، انهيءَ ڏکن (ڪڏ) ۾ جڳهون وجهي اٿي.

واپاري: "ٻني واڻڪي مؤر نه لاڀ"

خريداري ٿوڙي وڪري مهل جو واپاري ٻڌندو ته متان اڳهه لهي چڙهن سو فائدو ته نه ڪيندو پر مور ۽ وڃائيندو.

اهڙيءَ طرح چوڻين ۾ وڏي فيلسوفي سمايل آهي ۽ ساڳئي وقت اهي اسان جي تهذيب يا سڀيتا جو آئينو آهن يا اچا ۽

خراب سنگت کان ڪاٺ سنگت نه هجي ته اهو چڱو.

٢. ڪم ٻٽي ڪل ٻوي:

ماڻهو جي اپڻن يا پانهي جي سٽ لڌهن ٻوندي آهي جڏهن منجهس ڪو ڪم ٻوندو.

٣. ڪم لٿو لوڪڙ وسريو:

ڪم لٿي کان پوءِ وايو (جنهن ڪم ڪيو سو) وسريو ٻعدي پئسا نه مليس.

٤. ڪن ڪن سان ڪين ڏوهندو:

ڳار جي ڳار ڏاڍي يا اڙي سان اڙو ٿيو ته انهن ڪم نه ڏهندو.

ٻوليءَ مطابق چوڻيون:

جيڪڏهن ڪنهن جي ڪا ڳالهه ٻٽي کي سمجهه ۾ نه اچندي آهي، ٻر ڪيس ان ٻابت اهو شڪ ضرور هوندو اٿس ته انجو ڪو مطلب ٻيو آهي، تڏهن اهو چوندس "ٻـا سوائي سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ" يا جي لوڪ هٽائي هوندس ته چوندس، "ڪانئو جون ٻوليون ڪانئو ڄاڻن."

اکر نه ڪٿي، مکر ڪٿي.

اکر معنيٰ علم. مطلب ته علم واري کان وڌيڪ حرفت وارو ڪٿي ڪاڻي ٿو. هو گهڻو پڙهيو نه ڪونهي، ته به حرفت سان چڱو روزگار ٻيو ڪري.

لوڻ ڪير؟ چي "سڪيو"

ڪنهن ڪم (اڪثر چڱي ڪم) مان ڪو اڻ وڻندڙ نتيجو نڪري ته انهن چئبو. هن مراد سان ته اڳيا سڪيس يا لوڻ ڪيم، "حساب نٿي ٻنس، سندس ٻرلٽ سڄو حساب ٿاهي رکيومانس ته اٿلندو اڇي کاوڙيو. چي منهنجي ڪاغذن کي تو اول هٿ ڇو لاتو؟ هي ٻلائيءَ جا ٻاڙا تو ڏنيم! ٻر ٿهيو."

ڀمڀت هڪ فصلو ناٽڪ ۾ لکيو هو جنهن ”پوڙهي جو پرڻو“
نالي سان مشهور آهي ۽ ڪيترائي دفعا اسٽيج تي ڀي آندو ويو
آهي. شرت ٻابو جي ايڊياس ”ديوداس“ ۾ پاروتي جي شادي
هڪ پوڙهي سان ٿئي ٿي.

جيتري تي جيتري شاديءَ ٻابت ڀي چوڻيون آهن. انهيءَ
ڪري ڪيترا ئي گهر برباد ٿي ٿا وڃن. اڄ ڀي جڏهن ڪنهن
گهر ۾ ڀي نالون وڏيون ٻا جهيڙو ڪنديون آهن ته هڪ ٻئي
کي ڳالهه ڏيندي چونديون آهن، ”تون ته ڪا ٻهاج آهين.“

”جڏڪي ڏنيون ڄاپون، تن سان ڪهڙيون ٻاهيون“

هن چوڻيءَ مان اها سماجڪ رسم ٿي معلوم ٿئي ته ڌيءَ
وارو طرف ٻانڌ کي ننڍو سمجهندو آهي. مطلب آهي ته جن
سيٽن کي پهرجون ڌيئر ڏجن، تن سان ساڙ وير نه رکجي.

ان ٿي مطلب واري چوڻي مطابق، ڌيءَ ٻاسي وارا چوندا
آهن، سائين اسان کو ڪلهو ملا ٿي سگهنداسين، اسان جا وار
وڃايا پيا آهن.

”اهو سون ٿي گهوريو، جو ڪن ڇني.“

اڳي نالون ڪنن ۾ سونا ڳن، ڏنيون، ڪڙون ۽ ٻيا زيور
سونهن لاءِ پائينديون هيون. پر مٽين جي پار ڪري ڪن ٻڇي
پا ڇڇي پوندا هئا.

اهڙيون حالتون ڏسي هي پهاڪو چيو ائن.

پيون وري آهن جن چوڻين مان ملڪي حالتن (سياسي) ۽
ڪن اتهاسڪ ڳالهين جي ڄاڻ پوي ٿي، جئن ته:

”ڪنن جي ڳالهين مير ابر کي مارايو.“

ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ۾ جوڌپور جي راجا
پهرندا ٻه راجپوت ايلچي ڪري موڪليا، جن مير ابر سان
ڪن سڻن ۾ ڳالهيون ڪندي کيس قتل ڪيو، جڏهن ته اها

انهن ڪٽي ڇڏي ته ٻوليءَ ۾ اسان جي جيوت جي آمر ڪهاڻي سمايل آهي.

اسان کي انهن چوڻين ۽ ٻهاڪن مان سماجڪ، سياسي، چٽر ٿو ملي ۽ اسان جي آڏو ان زماني جو اچي نقش ٿو اڀري. مثال طور ڏسو هيٺين چوڻين مان، ڪيئن نه اسان جي اکين آڏو اڳي زماني ۾ هلندڙ سماجڪ رسمن جي تصوير ٿي اچي اڀري.

”اٺ ٻنيان گهنڊڙي.“

وڏي ڄمار واري (اٺ ڄيڏي) سال جي ننڍي عمر واري پرڻجي ته انهن چون. (وهانو جي قيرن مهل گهوٽ جي ٻنيان ڪنوار ٿي هلي.)

ٻي به هڪ اهڙي ئي قسم جي چوڻي آهي، جا مٿين سان ٺهڪندڙ آهي.

”پرڻو مڙس پٽ نه ڪجي وڃائجي نه وهي،
ڪٽڪن ۾ لاڙا ٻو ندا ماريو پوندو ٿهي.“

اڃا به

”ڏاڏي جيڏي ڏيهه سال، ننگ جيڏي ڪنوار“

اڃا به

”مڙس ٻوڙهو زال جوان،
ٿڪهڪي چاڪ ڪڪ جي ڪانه.“

انهن چوڻين مان هرڪو اندازو لڳائي ٿو سگهي ته سماج جي ڪهڙي طرح نه صاف سولن ۽ ٿورن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

اڄ (هاڻ به) ڏيتي ليتيءَ ڪري، مجبور ٿي مائٽ پنهنجون ذيائڻيون وڏي عمر وارن سان به پرڻائيندا هئا. انهن بابت نه فقط لوڪ - چوڻيون آهن پر ڪي سنڌي لوڪ - گيت به آهن. ڪوي ڪشنچند ”بيوس“ ان سماجڪ حالت ۽ اڻ جوڙ شاديءَ

جي ملڪي حالت تي ٻڌي.

”اڙي ٽولي ڪهڙو مدد ٿيو؟“

هيءَ چوڻي ان زماني جي آهي، جڏهن سنڌ ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙو راڄ ڪندو هو. هن جي وقت ۾ مددخان نالي پٺاڻ لشڪر سان اچي سنڌ ۾ ڦرلٽ ڪئي ۽ ڪيترن ئي شهرن کي جلائي ٻورو ڪيائين، انهيءَ سبب ”مدد“ لفظ عام طرح آفت يا مصيبت جي معنيٰ سان به ڪم اچي ٿو. جهڙوڪ چون، ”اڙي ٽولي ڪهڙو مدد ٿيو؟“ يعني ٽولي ڪهڙي اچي مصيبت ٿي؟ (ڏسو ”اڏاڪ“ صفحو ١٩٦). مدد معنيٰ ساٿ به آهي.

”وڻي وهاڻيءَ دودي ناناڻا آيا.“

دودي چنيسر جي لڙائيءَ ۾، دودي جي مارجڻ وقت کان پوءِ سندس ناناڻي پار (طرف) جا سومرا سندس مدد لاءِ آيا هئا، پر پوءِ ڇا ٿي سگهيو. هاڻ به شاديءَ غميءَ ۾ ڪو وقت سر نه اچي ته ائين چون.

ٻيون چوڻيون آهن جن مان نصيحت ملي ٿي، جيئن ته:

”پاڙو ٻي امڙ آهي.“

يعني ته پاڙيوارن کي دک نه ڏيڻ گهرجي، پاڙي ۾ چڱيءَ طرح هلجي، پاڙيوارن جو لحاظ رکجي ۽ انهن کي پنهنجن وڏن مائٽن جهڙو ئي ڪري ڄاڻجي.

”اُستاد جي مار ٻار جي سڌار.“

اُستاد ماريندو ته سڌارڻ (سڌارڻ) لاءِ، تنهن ڪري اهڙي مار کي خراب ليکڻ نه گهرجي. پارسيءَ ۾ اهڙي ئي معنيٰ رکندڙ هڪ چوڻي آهي ته: ”جور اُستاد به ز مهر پدر.“

يعني ته اُستاد جو ظلم پيءُ جي مهربانيءَ کان چڱو آهي.

ٻيون به اهڙيون چوڻيون سنڌيءَ ۾ آهن.

چوٽي چڙهي وڃي آهي.

" آيا مير ڀڳا پير "

هن چوٽيءَ بابت ڪيترا ائين سمجهندا آهن ته هيءَ چوٽي سنڌ جي ميرن ۽ پيرن (ڪلهوڙن) بابت آهي، پر ائين نه آهي. هيءَ فلن صاحب جي هندي پهاڪن جي ڪتاب موجب "آئي مير ڀاڳي پير" جي بنياد تي آهي يعني ته:

"امروهه جي شهر ۾ ميرانجي نالي هڪ شخص هڪ جادوءَ جو ڏيئو لڌو، (شايد علاوالدين وارو ڏيئو هجي) جنهن جي وسيلي هن ڪيترائي ڪرامت جهڙا ڪم ڪيا. جنهن ڪري ڪيس وڏو پير سمجهي ڪري پوڄيندا هيس. هاڻ ته هو اُن جي ڪن ماڻهن ۾ به اچي واسو ڪندو هو، امروهه ۾ ٻيا به ڪي پير جهڙوڪ زبان خان، لهي ميان ۽ ماڻهن ۾ واسو ڪندا هئا، پر چون ٿا ته جڏهين مير (ميرانجي) اچي، تڏهين ٻيا پير ڀڄيو وڃن."

هاڻ هن چوٽيءَ جي معني ٿي ته جڏهن ڏاڍا مڙس اچن تڏهين هيٺا سنڌن اڳيان ٽڪي ڪين سگهن. پر هيءَ چوٽي به سنڌ جي ميرن ۽ پيرن سان لڳي ٿي سگهي.

اڳي ملڪ ۾ بچاو جا ايترا وسيلا ڪونه هوندا هئا جو اوچتي ٿيل حملي جو بچاءُ ڪري سگهجي. تنهن زماني ۾ اڪثر ڪري ڌاڙيل پلن گهوڙن تي چڙهي ڦورلٽ ڪرڻ ايندا هئا. جيئن هاڻ به راجستان ۽ ڪن ٻين پرانتن ۾ ڪي ڌاڙيل (مانسنگهه، پوپٽ وغيره) ڪن ٿا. جيئن ڦرلٽ جو مال ڍورڻ ۽ جلد ڀڄي وڃڻ ۾ سولائي ٿئي. ڌاڙيلن ماڻهن کي اهڙو ته ڌڪائي ڇڏيو هو جو اچا وڃو سنڌ ۾ گهوڙا ڊوڙان ايندا ڏسندا هئا ته "گهوڙا، گهوڙا" ڪندا هئا، ائين واڪا ڪندي ٻين کي سڌ ڏيندا هئا ته ڌاڙيل اچن ٿا. يعني مصيبت اچي ٿي. انهيءَ ڪري اها چوٽي، " گهوڙا ڙي گهوڙا " ٿيو. هن مان اسان کي ان وقت

١- پارسيءَ ۾ آهي: ”ڪه تعجيل ڪار شياطين بود.“
سنڌيءَ ۾ آهي: ”اُتاوڙ ڪم شيطان جو.“

١- انگريزيءَ ۾ آهي: “Grapes are Sour”
سنڌيءَ ۾ آهي: ”ڳدڙ ڊاڪ نه پڄي آکي ٿو کٽا.“

٢- انگريزي: “Mountain in labour”
سنڌي: ”ڏڪريءَ کي ڄيا سور ڄائي ڪُئي.“

٣: انگريزي: Where light and air enter
the doctor doesn't”

سنڌي: ”جت روشني ۽ هوا،
اُت ڪانهي ڏانگهه طبيب جي.“

١- هنديءَ ۾ آهي: تم ڀي راني، مين ڀي راني،
ڪون ڀري گا پاني.“

سنڌيءَ ۾ آهي: ”تون نه رُنس آءٌ نه رُنس،
ڪنڌ ڪير هڪلي.“

٢- هندي: ”اڌا ڪهاوڻي، اڌا دک پاوڻي،
چوٿي ڪا دک دور.“

سنڌي: ”جيڏا اُس ليڏا لوڏا.“

اڌاريون ورتل چوڻيون:

سنڌيءَ ۾ ڪي نه چوڻيون اهي به آهن جي سڌيون سنئون ٻين ٻولين مان کنيون ويون آهن ۽ اهي انهن ئي ٻولين جي صورت ۾ ئي پرچلت آهن. مثال طور ڏسو هيٺيون چوڻيون:

هنديءَ مان
١- آپ ڪهائي مها پاپي.
٢- ايڪ پنٿ دو ڪاج.

پارسيءَ مان
١- آه غريبان قهر خدائي.
٢- يڪ تندرستي هزار نعمت.

"پٽ پڙهه لکڻو، نه موچڙو ڇنيهه لکڻو"
ڇڙهيءَ جو صرفو ڪيو نه، ٻار ڪريو."

Spare the rod and spoil the Child

"سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي، ڪڏهن ڪين ٻڏي."

هميشه سچ ڳالهائجي. سچ ڳالهائڻ سان تڪليفون ملنديون، پر آخر سچ ڳالهائيندڙ شخص ختم ڪين ٿيندو بلڪ هن جو درجو اڳي کان به اڳرو ٿيندو.

اهڙيءَ طرح ٻيون به ڪيتريون ئي چوڻيون آهن، جن مان اپديش ٿو ملي.

هڪجهڙائي:

لوڪ ساهت، جي ٻين انگن (لوڪ گيت، لوڪ ڪٿائون) جيان هڪ چوڻين ۾ به، جي جدا جدا ٻولين ۾ پرچلت آهن. هڪجهڙائي (سمانتا) آهي پر اهي گهڻو ڪري ان ئي حصي ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون.

جيئن ته سنڌ ۾ عرب آيا، ايراني آيا ۽ انگريز آيا. بعد سنڌ ۾ سنسڪرت ٻولي (پراچين زماني ۾) عربي ٻولي، پارسي ٻولي ۽ انگريزي ٻولي رواج ۾ آئي. تنهن ڪري انهن جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي ئي نه پر سنڌي چوڻين تي به پيو ۽ ڪي ته انين ٻاسنديون چوڻيون اهي هڪ ٻئي جو ترجمو آهن. مثال طور:

١- سنسڪرت ۾ آهي: "يٿا راجا تٿا پرجا."
سنڌي ۾ آهي: "جهڙو راجا تهڙي پرجا" (رعيت)
٢- سنسڪرت. "يٿا لاڀ سنتشت"
سنڌي: "جڙيءَ تي جس"
١- عربي ۾ آهي: "التعجيل فعل الشيطان"
سنڌيءَ ۾ آهي: "تڪڙو ڪم شيطان جو."
٢- عربي: "سنون الڪلا بالدم العمارا."
سنڌي: "ڪتي جا ڏند، ڳڏه جو ماس."

هزار کن چونڊي پڌرا ڪيا آهن. ليکڪ پاڻ هيل تائين (١٩٤١ع تائين) ايترا ٻيا به ڪٺا ڪيا آهن. پر لوڪ چوڻيون اڃا به جام آهن."

ڪاڪي ڀيرومل نه فقط اهي چوڻيون گڏ ڪيون پر انهن مان هرهڪ جي پٺيان رهندڙ اتهاس جو به ذڪر ڪيو آهي.

ان سواءِ ورچيرام Sindhi proverbs نالي سنڌي لوڪ چوڻين جو انگريزيءَ ۾ مجموعو ڇپائي ظاهر ڪيو. (سن ١٨٤٥) ۾.

تازو مان دهليءَ ويو هيس، اتي شري امرو ساڌواڻي گڏيو جنهن ٻڌايو ته هو سنڌي ٻهاڪن ۽ چوڻين جي گڏ ڪرڻ ۾ رُڌل آهي. هن پوءِ مون کي ڪيترائي هٿ لکيل نوٽ بوڪ ڏيکاريا ۽ پڙهايا جن ۾ هن صاحب جون ڪٺيون ڪيل لوڪ چوڻيون درج ٿيل هيون. جن جي سامهون هن وري محنت ڪري ساڳي معنيٰ رکندڙ هندي چوڻيون به ڏنيون هيون.

ان سواءِ شري ڏيپچند ٻانيا (سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽي سڪول نمبر ٻئي ۾ سنڌي ۽ پرشن جو ماسٽر) ته، گويا انهن ٻهاڪن ۽ چوڻين جو ڀنڊار پيو معلوم ٿيندو آهي. گفتگو ڪندي ويندو آهي ٻهاڪن ۽ چوڻين سان هو ڳالهه جو نچوڙ ڪندو. ڪهڙو نه سٺو ٿئي جو هي سائين انهن ٻهاڪن ۽ چوڻين کي قلم بند ڪري سنڌي جنتا اڳيان پيش ڪري، سنڌي ادب کي مالامال ڪري.

(ليکڪ جو خيال آهي ته ڪڏهين هو وڃي سندس اهي چوڻيون نوٽ ڪندو.)

ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي سڄڻ (جن جي پوري معلوميت ڪانه اٿم) ان ڪم ۾ رُڌل آهن، ويٺا سنڌي ٻوليءَ جي ذخيري کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

نوٽ: هن ليک ۾ ڪم آندل چوڻين مان گهڻي ڀاڱي شري ڀيرومل مهرچند جي "گلقند" تان کنيل آهن.

انگريزيءَ مان

Slow and steady wins the race

United we stand divided we fall

سنسڪرت مان

١- يتا ديوا تتا ڀڪتا.

اڳراڪ:

ڀارت ۾ لوڪ چوڻين جو سنگرهه ڪارج تمام گهڻو ٿيو آهي. سن ١٨٨٦ع ڌاري هڪ يورپي ودوان مسٽر فيلن هندي لوڪ چوڻين ڪي هڪ هنڌ گڏ ڪري "Faillen's Dictionary of Indian Proverbs" نالي سان ڇپائي ظاهر ڪيو جنهن ۾ هن مارواڙي، پنجابي، ڀوجپوري، چوڻين تي روشني وڌي آهي. ڪشمير جي لوڪ چوڻين تي ٿيل ڪم بابت جي. ايچ. نيوليس جو نالو قابل ذڪر آهي.

ميرٺ ايراضيءَ ۾ رام راجيندر سنگهه ورما اتي جون لوڪ چوڻيون گڏ ڪيون. گجراتيءَ ۾ "گجراتي ڪهيون سنگره" نالي چوڻين جو مجموعو آهي جي دليپچند شاهه ڪٺيون ڪيون آهن. اهڙيءَ طرح ٿورو گهڻو ڪم ٻين ٻولين ۾ به ٿيو آهي.

سنڌ ۾، سنڌي لوڪ ساهتيه جي ٻين انگن (لوڪ گيت، لوڪ ڪٿائون) کان لوڪ چوڻين (اصطلاح، پهاڪا ۽ ٻروليون) جو سنگرهه ڪارج وڌيڪ ٿيو آهي جا اسان جي لاءِ هڪ خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

ان ڪم ۾ پهريان پهريان پروفيسر ڀيرو مل مهرچند آڏوانيءَ (جنهن جا اسان سنڌي ٿورائتا آهيون) هٿ وڌو ۽ ڪافي مواد ڪٺو ڪيو. "گلقند" لوڪ چوڻين جو مجموعو) جي مهاڳ ۾ خود لکي ٿو ته: "سنڌي ٻوليءَ جو ڳچ جيترو خزانو سندس اصطلاحن ۽ پهاڪن ۾ سمايل آهي." وري "سنڌي ٻوليءَ جي تواريخ" ۾ لکي ٿو ته: "هيل تائين اهي چوڻيون فقط ڏيهه

## ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ جا لکيل ڪتاب

١. لوڪ - گيت (نظريو) سال ١٩٦٠ع
٢. هوجمالو (لوڪ - گيت) " ١٩٦٠ع
ٻيو ڇاپو " ١٩٧٣ع
٣. سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون " ١٩٦٠ع
٤. سنڌي لوڪ - ڪلا (ليک) " ١٩٦٠ع
ٻيو ڇاپو " ١٩٧٤ع
٥. مينڌيءَ رتا هٿڙا
(لوڪ - گيت) " ١٩٦٢ع
٦. سنڌڙي ئي ڳائي
(لوڪ - گيت) " ١٩٦٢ع
٧. سنگيت جي تان
(لوڪ - گيت) " ١٩٦٢ع
٨. ٿري لوڪ - گيت
(لوڪ - گيت) " ١٩٧١ع
٩. سنڌي لوڪ - ساهتيه (نظريو) " ١٩٧٢ع
ٻيو ڇاپو " ١٩٨٨ع
١٠. سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (مضمون) " ١٩٧٤ع
١١. دستاويز (ڪهاڻيون) " ١٩٦٢ع
ٻيو ڇاپو " ١٩٧٤ع
١٢. نظر ۽ نظريا (ليک) " ١٩٧٥
١٣. شرح ڀاڳو (تنقيد) " ١٩٧٥ع
١٤. هڪڙو هو سوداگر
(لوڪ ڪهاڻيون) " ١٩٧٥ع

C.S
21



SINDHI LOK SAHIT by : Dr. Narayan Bharati

Sindhi Times Publications-88